# يادون ۽ سُڪونُ



ڊاڪٽر محبت پرڙو

ڪتاب: ياڏون ۽ سڪونّ



سنڌ جا سچٽو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو هي **تيرهون** ڪتاب **ڊاڪٽر محبت پرڙي** جي ڪهاڻين ۽ ننڍڙن ناولن تي مشتمل **"يادون ۽ سُڪون"** پيش آهي.

اسين ٿورائتا آهيون **ڏاهپ پبليڪيشن** جي سرواڻ، خوبصورت شاعر ۽ ڪهاڻيڪار **محترم رياضت پرڙي** صاحب جا، جنهن هن ڪتاب جو تحفو موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

اوهان سيني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين ۽ صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com
www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر
www.sindhsalamt.com

# يادون ۽ سُڪونُ

(بي تڪلف ڳالهيون، ڪهاڻيون، طنز و مزاح ۽ ننڍايل ناول)

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ)
قنبر





ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر-4
حق ۽ واسطا © ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر

ڪتاب جو نالو: يادون ۽ سڪون
ليکڪ: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو
موضوع: بي تڪلف ڳالهيون، ڪهاڻيون، طنز و مزاح ۽ ناول
سهيڙيندڙ : رياضت ٻرڙو
پهريون ڇاپو : اپريل 2001ع
ڇپرائيندڙ : ستار هڪڙو (جنرل سيڪريٽري)
پاران: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر

مُلهہ: 30 رپيا

"Yadoon Ain Sukoon"
(Sindhi short stories and translated novel)
Written by: Dr. Muhabbat Buriro
Compiled by: Riazat Buriro
First addition: April 2001
Published by: Dr. Muhabbat Academy, Regd; Kamber
E-mail: drmuhabbat_academy@yahoo.com

## ستاءُ

- چيرائيندڙ پاران ـــــ ستار هڪڙو
- پيش لفظ ـــــــ رياضت ٻرڙو
- محبت ٻرڙي جون بي تڪلف ڳالهيون
- آئيني آڏو: محبت ٻرڙو

### ڪهاڻيون

1. بهترين بوٽ
2. همدردي
3. ڪُتو
4. ٿلهي ٽيڻ لاءِ نسخي جي ڳولا
5. شاڪ
6. هوڏ
7. يادون ۽ سڪون
8. نيڪي
9. ڊاڪٽر
10. منگهڻ
11. ڪتان ڪان ڪتي
12. سخاوت ڳچيءَ پئجي وئي
13. اڄ جا سورهيہ
14. هڪ انسان
15. هُو ويچارو (ترجمو)





16. ڊينڊڙو ماڻهو (ترجمو)

### طنز و مزاح

1. بڪواس
2. آزادي
3. سنجيدگيءَ سان ..... چيڙا ڏکها ڪيو (ترجمو)

### ناول

انقلاب (ننڍايل ترجمو)

## چپرائيندڙ پاران

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي چوٿين ورسيءَ (8- اپريل 2001ع) تي ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر پارا سندس ڪهاڻين، ٻي تڪلف ڳالهين، طنز و مزاح ۾ ترجمو ڪيل ناول جو ڪتاب "**يادون ۾ سڪون**" پيش ڪندي اسان گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. ان ڪان سواءِ اسان هيءُ ڪتاب پيش ڪري اها روايت پڻ برقرار رکي آهي ته ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ورسيءَ تي سندس ڪو هڪ ڪتاب ضرور ڇپجي پڌرو ٿئي.

اسان سڄاڻ قلمڪارن ۽ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي سان زندگيءَ ۾ ٿورين يا گهڻيون گهڙيون گذاريندڙن کي گزارش ٿا ڪريون ته اهي ڊاڪٽر محبت جي شخصيت ۽ ڇپيل مواد بابت پنهنجون تحريرون ۽ يادگار فوٽو اسان ڏانهن ڏياري موڪلين، ته جيئن ڊاڪٽر محبت جي پنجين ورسيءَ تي (2002ع ۾) "اڪيڊمي" پاران ڊاڪٽر محبت جي شخصيت ۽ مواد بابت لکيل مضمونن ۽ تاثرن کي سهيڙي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرائي سگهون.

مهرباني

**ستار هڪڙو**

جنرل سيڪريٽري

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر





## پيش لفظ

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا جيڪي به ڪتاب ڇپيا آهن، اهي سياسي-تنقيدي ادب، مضمون نويسيءَ ۽ تحقيق بابت آهن، جهڙوڪ: ...جيڪو سچ چوي، سنڌي عوام جو قومي اتحاد ۽ ڪي سازشي، سنڌي مار سورما، اٽڪ قلعي ڪان (ترجمو)، انسائيلڪوپيڊيا سنڌيڪا، ماڻهو ۽ ماڻهپو، ۽ اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون. ان حوالي سان ڊاڪٽر محبت ٻرڙو سياسي تنقيد نگار مضمون نويس ۽ محقق جي روپ ۾ نروار ٿئي ٿو، پر جڏهن سندس ڪهاڻين جو اڀياس ڪيون ٿا، ته پوءِ يقين سان چئي سگهون ٿا ته جيڪڏهن هو سياست جي وهڪري ۾ پنهنجون لهرون پيدا نه ڪري ها ۽ بعد ۾ مضمون نويسيءَ توڙي مقالا نگاريءَ ۾ پنهنجي ذهني ولوڙ سڦل ٿيندي نه ڏيکاري ها ته سنڌي ڪهاڻيءَ کي جمال ابڙي ۽ امر جليل جي دورن ڪان پوءِ "**محبت جو دور**" ڏئي سگهي ها.

لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري ۾ ايم بي بي ايس (ڊاڪٽري) پڙهڻ دوران (اندازاً 1972ع ڪان 1979ع تائين) ڊاڪٽر محبت ٻرڙي هي ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ هو اسان کي هڪ باشعور اديب ۽ سڄاڳ فرد طور اسرندي نظر اچي ٿو. شاگرديءَ وارو دور، خصوصاً هائر سيڪنڊري تعليم ڪان بيچلر تعليم تائين گهڻو اهم هوندو آهي جيڪو هڪ پورهيت ماڻهوءَ جو پٽ هوندي محنت ڪندو آهي ۽ ان محنت جي آڌار ڊاڪٽريءَ جي تعليم پرائڻ لاءِ چونڊجي هڪ ڏينهن مريضن کي تپاسي، سندن دردن جو دارون تجويز ڪندو آهي، پر جڏهن هڪ قوم مريض بڻجي پوي، ته پوءِ درد جو دارون ئي تجويز ناهي ڪرڻو پوندو، پر

پاڻ بہ علاج جو حصو بڻجڻو پوندو آهي. ڊاڪٽر محبت ٻرڙي بہ ائين ئي ڪيو. هو هڪ پورهيت شوڪت عليءَ جو پٽ هو ۽ گهر ٻاهران لڳل ٿنڀي ۾ ٻرندڙ بلب جي جهيڻي روشنيءَ ۾ پڙهندي پنهنجي اندر کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪندو هو. تان جو ناممڪن کي ممڪن ڪندي، هڪ غريب جو ٻار هوندي، ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ ايل ايم سي ۾ چونڊجي ويو. پر اها بہ يقين ڪرڻ جي ڳالهہ آهي، تہ انٽر پڙهڻ دوران گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جي لائبريريءَ مان ڏهاڙي ٽي چار مختلف ڪتاب ڪڍرائي پڙهندو هو: هڪڙو لاڙڪاڻي ريلوي اسٽيشن تي قنبر جي ٽرين جي انتظار ۾، ٻيو گهر ۾ ۽ ٽيون سفر ۾. ڪتاب پڙهڻ جي اها روايت (يا عادت) هن ايل ايم سي ۾ اچا وڌائي، جتي هو سنڌ جي شاندار شهر حيدرآباد جي ويجهو هو. هن جو ڪتابن سان پيار ايڏو تہ گهڻو هو جو ڪيترا رسالا بڪ اسٽالن تي بعد ۾، پهرين وٽس پهچندا هئا. ائين پڙهندي پڙهندي هن لکڻ شروع ڪيو. هيءُ ڪتاب **"يادون ۽ سُڪونُ"** ڊاڪٽر محبت جي ان شاگرديءَ واري دَور جي ذهني ڪيفيتن، احساسن ۽ سوچن جي عڪاسي ڪري ٿو. اهي سوچون لکڻ دوران هو سنڌ جي عملي شاگرد سياست ۾ آيو ۽ تنظيمي ڪم ڪرڻ سميت ڪيترن ئي موضوعن تي سوين ليڪچر سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڏنائين، ائين هو ادبي دنيا کان ڪٽجي سياسي-تنقيدي ۽ علمي لٽريچر جي دنيا ۾ آيو، تان جو انسائيڪوپيڊيا سنڌيڪا ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي اصطلاحسازي تي ڪم ڪندي سنڌي ٻوليءَ ۽ لفظن جي دنيا کي جاچيندڙ ۽ ڳوليندڙ ڦوليندڙ بڻجي ويو.

تصوير جو هي خاڪو مون ان ڪري چٽيو آهي تہ جيئن اندازو ڪري سگهجي تہ ڪيئن هڪ ماڻهو سماج ۾ پنهنجو ڪردار نڀائي ٿو ۽ ڪارج ادا ڪري ٿو. ڊاڪٽر محبت جي تصوير جي ان خاڪي ۾ وڌيڪ





رنگ ڀري ان کي چٽو ڪرڻ جي گهرج آهي تہ جاڻي سگهجي تہ ڪيئن ڊاڪٽر محبت جي پيار ۽ ذهانت ڀري شخصيت جُڙي، پر جيئن تہ ڪهاڻين جو هي ڪتاب اهڙي اجازت نہ ٿو ڏئي، ان ڪري بهتر آهي تہ پاڻ هن ڪتاب کي پڙهون، جيڪو ڊاڪٽر محبت جي ٻي تڪلف ڳالهين، ڪهاڻين، طنز و مزاح وارين لکڻين ۽ **"اينيمل فارم"** جي ننڍايل ترجمي تي مشتمل آهي. انهن ڪهاڻين ۽ ٻي مواد بابت ڊاڪٽر محبت جو خيال هئو تہ ان کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ کان پوءِ شايع ڪرائجي، پر ائين نہ ٿي سگهيو. مان اميد ٿو ڪريان تہ ڊاڪٽر محبت جو هي ڪتاب مانائتن پڙهندڙن کي ضرور وڻندو، جنهن ۾ ڊاڪٽر محبت جي شاگرديءَ واري دور جي ڪجهہ عڪاسي آهي.

مهرباني.

**رياضت ٻرڙو**

# محبت پرڙي جون بي تڪلف ڳالهيون

س: نالو سڄو؟

ج: محبت علي پرڙو.

س: سڃاڻپ؟

ج: 1. بنيادي موضوعن تي ليڪچر ڏيڻ، 2. مختلف موضوعن تي لکڻيون/ترجما، 3. علمي گفتگو ڌيان سان ٻڌڻ.

س: پيدائش جي تاريخ ۽ جاءِ؟

ج: 25 مارچ 1952ع، قنبر.

س: تعليم؟

ج: ايم بي بي ايس.

س: پيشو؟

ج: ڊاڪٽر (ميڊيڪل پريڪٽشنر).

س: پهرين ملاقات ۾ ماڻهوءَ جي ڪهڙي ڳالهه جو جائزو وٺندا آهيو؟

ج: سندس سڃاڻ ۽ سياءُ جو.

س: توهان جي روزاني زندگي جو بنيادي اصول؟

ج: 1. جو ٿي آهيان سو ٿي آهيان، 2. عزت ڏيبي علم کي، فضيلت کي، خلوص کي.

س: اداس لمحن ۾ ڇا ڪندا آهيو؟

ج: 1. اداس ٿيندو آهيان، 2. چندچاڻ ڪري ڏک کي سهڻ، ڪارڻن کي حل ڪرڻ ۽ مصيبت جو مقابلو ڪرڻ.





س: خوش لمحن ۾ ڇا ڪندا آهيو؟

ج: 1. دل و جان سان خوش ٿيندو آهيان، 2. سڌ هوندي اٿم ته ڪاش! ڏک جيان سک جي پتي به سڀ کي ملي.

س: ڪهڙي ڳالهه تي خوش ٿيندا آهيو؟

ج: ڪا هڪ ناهي: 1. بي غرض مرڪ جا چپڙن تي ٽڙي، 2. پيار جيڪو من ۾ هجي ۽ اکڙين مان ڦٽي.

س: ڪهڙي ڳالهه تي چڙ ايندي اٿو؟

ج: گهڻيون ئي آهن، غداريءَ تي، ڪوڙ تي، ڏوکي تي ... قول ۽ فعل ۾ تضاد تي.

س: ڪهڙين ڳالهن تي روئڻ ايندو اٿوَ؟

ج: 1. خلوص ۾ شڪ تي، 2. پيار ۾ غلط فهمي، ڦيٽاري ۽ وڇوڙي تي، 3. حياتيءَ ۾ ناجائز ڏک تي، 4. ڪنهن جو حق ڪاڇي وڃڻ تي، 5. بي پناهه خوشيءَ تي (ڪنهن جي به هجي).

س: توهان جي عادت، جنهن مان گهر وارا بيزار هجن؟

ج: هوڏ! (ڀلي تعميري ڪم ۾ هجي).

س: سپنا جيڪي ساڀيا ٿيا؟

ج: 1. پنهنجي پورهئي تي جيئڻ (ڀلي ڏک ڀريو هجي)، 2. پڙهي لکي ڳالهائي سگهڻ، 3. هڪ زال جيڪا پياري هجي، 4. هڪ پٽ جيڪو سوال پڇي ۽ هر موضوع تي سوچي.

س: ڪو واقعو جيڪو توهان کي ڪنڊي جيان چڀندو هجي؟

ج: هڪ ناهي ...

س: اها گهڙي جنهن حياتي بدلائي ڇڏي؟

ج: زندگيءَ ۽ شعور جي ٻڻ بنياد جو ادراڪ.

س: آرسي ڏسڻ سان خيال ايندو اٿوَ؟

ج: مختلف وقتن تي مختلف: 1. ڪاش رسمي معيارن موجب سهڻو هجان ها، 2. سچ نيٺ سوپارو ٿيندو ”... ڇا واقعي؟“ 3. سلڇڻو تي رهه، ”... ڇو نه ٿو رهين؟“ ...

س: توهان جي ننڍپڻ جا ڏينهن؟

ج: سادا، سچا سنا ۽ بيپرواهه (جيتوڻيڪ خوشيءَ گاڏڙ ڏک پوريا).

س: ڪاش! زندگيءَ جا اهي ڏينهن موٽي اچن؟

ج: اهڙن وهمن ۾ رهڻ پسند ناهي.

س: شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪهڙو سبجيڪٽ نه وڻندو هو؟

ج: سڀ سنا، اڃا سوڌو.

س: وڻندڙ شعر؟

ج: گهڻائي آهن:

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اٽڪوريو اگهائيو.

س: وڻندڙ اديب؟

ج: گهڻائي آهن. سوفوڪليز کان وٺي سراج تائين.

س: وڻندڙ سياستدان؟

ج: رسول بخش پليجو ـــ وطن، قوم، نظريي، تنظيم ۽ عوام سان غداري ڪندي ظاهر ٿيڻ کان اڳ (شهيد فاضل جي شهادت) تائين.

س: وڻندڙ شهر؟

ج: ” مدينة العِلم“... ڄام شورو، سپر هاءِ وي جي اولهندي پاسي واري ايراضي.





س: وڻندڙ رنگ؟

ج: ڇا ۾؟ قدرت ۾، جسم ۾ يا ڪپڙن ۾؟ مناسب شيڊ ۾ سڀ.

س: وڻندڙ ٽي وي پروگرام؟

ج: ڪارٽون ۽ مختلف وقتن تي مختلف سلسلا. جيئن نيچرل ورلڊ، سائنس فڪشن، ايڊوينچرس، عجائبات وغيره.

س: وڻندڙ ريڊيو پروگرام؟

ج: ريڊيو ٻڌڻ جو مناسب وقت نه ٿو ملي.

س: 24 ڪلاڪن مان وڻندڙ ڪلاڪ؟

ج: جنهن ۾ ذهني اطمينان ميسر هجي، اڪثر ڪري پرهه ڦٽي مهل.

س: وڻندڙ ڏينهن/مهينو؟

ج: جنهن ۾ مقرر ڪيل ٽارگيٽ پورو ٿئي.

س: وڻندڙ لباس؟

ج: مختلف حالتن ۾ مختلف، سلوار قميص، فل سوٽ، قدرتي ...

س: وڻندڙ راند؟

ج: 1. کليل ميدان ۾ پولو ۽ ڏُڪلو ڏڪر، 2. ننڍي ميدان ۾ ٽينس، 3. ڪمري ۾ ٽيبل ٽينس، 4. ننڍي ڪمري ۾ شطرنج، 5. اخبار ۾ ڪراس ورڊ، 6. پاڻيءَ ۾ ترڻ، 7. هوا ۾ پيراشوٽ جمپ... باقي، 8. پيار جي راند ڪير به ڪري ڪٽي به ڪيڏي (مثال طور گُلرن ۽ پلونگڙن جي پاڻ ۾ ڪيچل به).

س: وڻندڙ رانديگر؟

ج: مختلف وقتن تي مختلف.

س: وڻندڙ سواري؟

ج: جيپ (روڊ تي).

س: وڻندڙ خوشبوءِ؟

ج: 1. قدرتي ... رابيل جي، 2. هٽرادو ... "چارلي".

س: وڻندڙ گل؟

ج: سڀ ... گلاب.

س: وڻندڙ شاعر؟

ج: گهڻائي آهن... هومر، بلائيٽس، (حضرت) علي ۽ خيام کان وٺي سعيد ميمڻ تائين، باقي لطيف سان مون کي عقيدت آهي.

س: وڻندڙ ڪتاب؟

ج: گهڻائي آهن، خصوصاً هر شعبي جا بنيادي ڪتاب ۽ انهن تي بحث ڪندڙ تحقيقي ڪتاب.

س: وڻندڙ اخبار؟

ج: 1. "هلال پاڪستان" (1970ع کان 1980ع) 2. "جاڳو"، 3. "عوامي آواز"، ۽ "ڪاوش" کي ملائي "هڪ اخبار" سمجهي پڙهڻ.

س: وڻندڙ صحافي؟

ج: غلام نبي (جي اين) مغل (سنڌي ۾) ۽ ڪجھ ٻيا.

س: وڻندڙ ايڊيٽر؟

ج: محمد ابراهيم جويو (1955ع کان 60ع)، غلام محمد گرامي (60ع کان 70ع)، طارق اشرف (67ع کان 92ع).

س: وڻندڙ فلم؟

ج: هر اهو فلم جنهن ۾ ذهن، سماج، زندگيءَ ۽ سنسار جو ڪو به پهلو سٺي نموني نروار ٿيل هجي.

س: وڻندڙ اداڪار/اداڪاره؟

ج: گهڻا/گهڻيون ئي آهن، نالن کان وڌيڪ ادا ڪيل ڪردار تي ڌيان.





س: وڻندڙ گلوڪار/گلوڪاره؟

ج: گهڻا/گهڻيون ئي آهن، نالن کان وڌيڪ آواز، موسيقيءَ ۽ شاعريءَ تي ڌيان.

س: وڻندڙلوڪ فنڪار/فنڪاره؟

ج: "تلي" ۽ "گهڙي" کان وٺي، "بوڙينڊي" ۽ "چنگ" تائين هر شعبي ۾ مختلف ــــ علڻ فقير، شازيا خشڪ. (حقيقت ۾ توهان جا سوال، "اديب" کان "فنڪار" تائين، سڀ منجهيل آهن. مثال طور: اديب عام طور فڪشن ليکڪ کي سمجهو ويندو آهي، جڏهن ته منهنجي لاءِ ائين ناهي. حياتي، سفر، مضمون وغيره جو ليکڪ ڇا اديب ناهي؟ اديب ڪتان جو، ڪهڙي دور جو ۽ ڪهڙي شعبي جو؟ برٽراندرسل کي، مثال طور: ڪهڙي شعبي جو ماڻهو چونڊؤ: فلاسفر، رياضيدان، سياستدان، ليکڪ؟ هن جون امن لاءِ ڪوششون ۽ سامراجي قوتن تي ٽريبونل وهارڻ کي ڇا چونڊؤ؟ اهڙيون ٻيون به گهڻيون ئي ڳالهيون اوهان جي ڪيل سوالن ۾ منجهائيندڙ آهن.)

س: وڻندڙ گيت؟

ج: گهڻائي آهن: "سات هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي..." (عمر ميمڻ جي آواز ۾، بنا موسيقي جي، بدين کان هڪ ڳوٺ ويندي، ڪسيءَ جي ڪڙ تي، ٻنين جي وچ ۾).

س: وڻندڙ کاڌو؟

ج: سڀ (دال ۽ واڱڻ کان سواءِ).

س: وڻندڙ مشروب؟

ج: گهڻا ئي آهن: ٺاڌل (چانهه، جيڪڏهن مشروب سڏيو ته).

س: وڻندڙ ميوو؟

ج: قدرت جي نعمت تي آءٌ ڪو ارهو!؟

س: وڻندڙ ڏڻ؟

ج: ”ويا ويچارن وسري.“

س: وڻندڙ موضوع؟

ج: هر هڪ، جيڪڏهن موضوع هجي.

س: ڪهڙي جانور/پکي/جيت کان ڊپ ٿيندو اٿوَ؟

ج: مناسب اپائُن هوندي ڪنهن کان بہ نہ (ڄجهہ کان ڪرپ ايندي آهي).

س: ڪهڙي سفر کان ڊپ ٿيندو اٿو؟

ج: ڪو بہ اهڙو ناهي.

س: موسيقي ڪهڙي ٻڌندا آهيو؟

ج: هر قسم، جي رڳو هارمونڪ هجي.

س: توهان جي نظر ۾ سائنس جي بهترين ايجاد؟

ج: هزارين آهن... هن وقت ڪمپيوٽرائيزڊ روبوٽ.

س: هڪ وهم، جيڪو توهان کي پريشان ڪندو هجي؟

ج: ”الا ائين مَ هوءِ، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
”هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.“

س: هڪ شخصيت جيڪا شدت سان ياد ايندي اٿو؟

ج: هوچي منهہ/ فاضل راهو.

س: توهان طبيعت جي لحاظ کان ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو؟

ج: سنجيده، ... ڪِلمُک ۽ فضيلت پريا ماڻهو وڻندا اٿم.

س: هڪ غلطي جنهن تي پشيمان ٿيا هجو؟

ج: مون سمجهو تہ هن کي پيار آهي، ”گڏهہ“ (ڪم عقل) ناهي.





س: هڪ ڪم جنهن تي فخر اٿوَ؟

ج: انسان دوستيءَ کي بنيادي موضوع بنائي لکڻ جو ڪم.

س: توهان جو مشن ڇا آهي؟

ج: 1. قدرتي، سماجي، ذهني غلاميءَ خلاف جنگ.
2. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جا بنياد رکڻ.

س: زندگيءَ جي خوهش جنهن لاءِ جيئو ٿا؟

ج: 1. علمي واڌارو، 2. سچائيءَ جي پرچار.

س: توهان کي جيڪڏهن خط لکجي تہ ڪهڙي ايڊريس تي؟

ج: لطيف ڪلينڪ، قنبر - 77210.

(نومبر 1992ع)

# آئيني آڏو: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

**نالو:** محبت علي ٻرڙو
**جنم تاريخ:** 25- مارچ 1952ع.
**پسند ڪندو آهيان:** ٻڌڻ، پڙهڻ، سمجهڻ، لکڻ ۽ چوڻ.
**نفرت اٿم:** ظلم، جِهل ۽ ڪوڙ کان.
**منهنجو ماضي:** ٺيڪ ٺاڪ.
**پسند جو رنگ:** هر رنگ جي رونق پنهنجي.
**پسند جي مند:** سرءُ جي مند مڙيوئي ڪجھ گهٽ پسند اٿم.
**پسند جو ليکڪ:** مختلف موضوعن تي لکندڙ سوين ليکڪ پسند اٿم.
**پسند جو ڪتاب:** مختلف موضوعن تي سوين ڪتاب پسند اٿم.
**پيارو دوست:** هن سوال جو جواب "دوست" جو مفهوم ڄاڻڻ کان پوءِ.
**منهنجي خوبي:** وت ۽ وس آهر توڙ تائين نڀائڻ.
**ڪڪ ٿيندو آهيان:** بڪواس ۽ ڊاڙ ٻُڌي/پڙهي.
**خوش ٿيندو آهيان:** ڪنهن چڱي شيءِ تي ڄاڻ پرائي، ڪنيل ڪم پورو ڪري، ماڻهوءَ کي فائدو ڏيندڙ ايجاد بابت ٻڌي، وغيره.
**منهنجي آئيڊيل/پسند جي شخصيت:** ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينجلس ۽ جيني مارڪس جي ڪردار کي ملائي هڪ ڪري سگهو تہ...
**منهنجي ڪمزوري:** هڪُ (منهنجي نظر ۾) سٺو ڪتاب.
**آخري خواهش:** چو ڀلا؟
**ڏس/پتو:** لطيف ڪلينڪ، قنبر. ڪوڊ: 77210، ضلعو لاڙڪاڻو.

(فيبروري 1997ع)





# بهترين بوٽ

مان ڊيل ڪارينگي جا ڇهہ ئي اصول ذهن ۾ دُهرائيندو ۽ ورجائيندو ٿي ويس، چو تہ جيڪڏهن دهرايان ۽ ورجايان نہ، تہ منهنجي يادگيري جو حاضمو ڏاڍو خراب آهي، هر هر ياد ڪيل ڳالهہ بہ پيلجي ويندو آهيان. مون کي انهن اصولن جي ياد ڪرڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي جو مون کي دڪاندار کان بوٽ خريد ڪرڻو هو. اڄڪلهہ سستائيءَ جي زماني ۾ مهانگو بوٽ خريد ڪرڻ تہ وڏو ڪارنامو، پر بوٽ ڳولي لهڻ ئي شاباس جوڳو آهي، چو تہ اسي رپئي خريد ڪيل بوٽ اسي ڏينهن بہ ڪو نہ ٿو هلي.

پهرين اصول هيو "مُرڪڻ". مان مرڪندي صاحب-دڪان سامهون وينس، هو بہ مرڪڻ لڳو. مرڪڻ ڪري ٻي جي دل ۾ ڪتڪتايون نڪرنديون آهن، مون کي ڪتڪتايون ٿيڻ لڳيون. خبر ناهي دڪاندار کي بہ نڪتيون يا هو ڪتڪتايون پروف هو. بهرحال يڪدم ٻيو اصول "نالو ياد ڪري مٺي آواز ۾ سڏڻ" ذهن ۾ آيو ۽ مون زبان مان اوڳاريو. پڇيم، "ادا پائوا توهان جو نالو؟" دڪاندار ڪجھ دير لاءِ حيران ٿي ويو. ڪجھ دير لاءِ پريشان ٿيو.. ۽ پوءِ هٻڪندي چيائين، "سا... سا... سائين هتي مهراڻ بوٽ آهن، شڪارپور بوٽ آهن، انصاف بوٽ آهن، لاين (شينهن) بوٽ آهن، پارا مائونٽ بو..."

"بس... بس... بس..." مون ٻئي هٿ ڪنن تي رکندي چيو. "مون توهان جو نالو پڇيو هو، پائوا" هو وري ڪجھ دير لاءِ واتَ ڦاڙي ڏسندو رهيو، مون آڱر اپي ڪري سندس زبان کي هٽي، ٻاهر ڪڍي ورتي. هن

يڪدم وات بند ڪيو ۽ چپ ڪري ويهي رهيو. مان پريشان ٿيس ته ڊيل ڪارنيگي جو ٻيو اصول وڃي ٿو درياءَ ۾، وري چيم ”ادا، تنهنجو نالو؟“

”انجم.“ مون واڻڙو ٿي هيڏي هوڏي ڏٺو (خبر نه آهي چو واڻڙو ٿي ويس!) بهرحال مون کي خلوص دل سان نالي جي تعريف ڪرڻ هئي. چيم، ”آها... يار، انجم ته واهه جو نالو آهي. جڏهن سياري جي ٿڌي رات ۾ ٻارهين بجي آسمان تي ٽمڪندڙ چمڪندڙ ستارن کي ڏسندس تڏهن مون کي تون ضرور ياد ايندين. ڇا ته شاعري سمايل آهي انجم ۾... انجم!“

مان ڪارنيگي جو ٽيون اصول ”ٻين ۾ سچي دلچسپي وٺو“ پورو ڪري چڪس، ته هاڻي چوٿين اصول تي ڪم ڪرڻو هو. نه ته بوٽ وٺڻ ۾ سخت چوٽ کائڻ جو انديشو هو. ۽ اهو اصول هو ”ماڻهن جون ڳالهيون توجه سان ٻڌو ۽ کين پنهنجي ذاتي ڳالين ڪرڻ تي اڀاريو“ ۽ ان سان گڏ پنجون ۽ ڇهون اصول به ياد ڪيم ته ”انهن شين جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪيو جن سان مخاطب کي دلچسپي هجي“ ۽ ”خلوص دل سان سندس تعريف ڪيو.“ مون پڇيو، ”ڏي خبر! ٻار ٻچا خوش ٿي؟ زال اڃا وڙهندي اٿئي ڪ نه. اڳي سينڊل تنهنجي ٽڪڻ تي هنيا هئائين. انهن جو بدلو ورتوسين يا اٿين ڏڏ آهين. يار! تون ئي بهادر منهنجي نظر مان گذريو آهين، جو زال جا سينڊل هڪ وقت، ٽڪڻ تي برداشت ڪيا اٿئي، نه ته اسان ڏي ته زال جي ورنديءَ تي ڪيس ڪُهي ڇڏيندا آهن، ۽ هو... او... او...“ مون کي حيرت جي وڻ-ويڙهي، ويڙهي وئي، جڏهن ڏٺم ته سندس رنگ ڳاڙهو ٿيندو ٿي ويو، ڏند ڪرٽيائين ٿي، مٺيون پڪوڙبيون ٿي ويس، پرسان رکيل جوتي ڏانهن نظر ڦيراياٽين. مون، چيو، ”يار! ٽي مهينا اڳ هتان سوا سو رپئين بوٽ وٺي ويس، توهان بوٽ ناهي ڇاٽو... واهه جو مظبوط هوا! پندرهن ڏينهن ته پاليش ئي خراب نه ٿيس، سورهين ڏينهن





ترو هليو ويس، ويهين رپئين ورائي ترو ۽ ڪڙي هٽايم ته سترهين ڏينهن وري مٿان ڦاٽي پيو، ٽين رپئين ڳنڍرايم ته اوڻويهين ڏينهن ڪَهيون ڇڄي پيون. اهي نيون وجهرايم، نيٺ ته زماني سان هلڻو آهي. بوٽ پائيندو رهيم. يار! ڇا تعريف ڪجي اهڙي بوٽ جي! پورو مهينو ڪن هليو. جڏهن پوري ايڪٽيهين ڏينهن گهر پهتس، تڏهن بوٽ جو ترو ۽ ڪڙي ڪٿي رستي ۾ ئي رسي ويا هئا، اڄ ٻٽيهين ڏينهن تو وٽ آيو آهيان. توهان جا بوٽ واهه واهه، سبحان الله. ٻيلي اڳين ڪان اڳرو ڪو لاجواب بوٽ ڏي.“

ڏٺم ته سندس مک تي مرڪ وري آئي، چيم، ”پيارا انجم! تون فلمن ڏسڻ جو شوقين پيو لڳين، مهاندو ئي اهڙو ٿي... پڪ ئي پڪ ’اي پگ ميري وير دي، خانزاده، خطرناڪ، ناه، پُل نه جاوين‘ فلمون ڏٺيون هونديءِ. مان سمجهان ٿو ته سڌير جي پهلوانيءَ جو معترف هوندين. ڇو ته تون به منهن مان بهادر ٿو لڳين. رنگ ڪارو ٿي، ڇياڙيون نڪتل، ڳٽا ڪاڏل ۽ سلچٽا اٿ ڏند غائب... مان ڇا چوان... ها ادا! سينڊل ۽ بوٽ ۾ فرق آهي. تون اهڙو ڪو بوٽ ڏي جو يا مان مران يا تون مرين، پر بوٽ نه ڳري. هونئن به توهان جا بوٽ توهان جهڙائي مضبوظ هوندا آهن.“

مان ڊيل ڪارنيگي جا ڇهه ئي اصول آزمائي چڪس. بوٽن واري جي منهن تي مرڪ ڪوڏي ڪوڏي ڪيڏي رهي هئي. هو ڏاڍي شوق مان اٿيو. مٿي مٿي رکيل بوٽ لاٿائين، بوٽ جو پادر ٻاهر ڪڍي، سلوار سان اگهي، منهنجي پير ۾ پارائيندي چيائين، ”هي هڪ ئي داڻو ٽي سال اڳ ٺاهيو هو، توهان جهڙن قدردانن لاءِ رکيو هو. ڀلا سائين... ڪير ههڙو بوٽ خريد ڪندو... توهان ئي ڏاڍا سٺا گراهڪ اسان جي دڪان تي آيا آهيو... هي اڳيون بوٽ عمر ۾ هن جو پيءُ ۽ مضبوطيءَ ۾ هن جو ڏاڏو آهي. توهان اڪيون ٻوٽي ڪٽي وڃو... مان توهان جهڙي بهترين ۽ ڪلمک انسان

پنهنجي قوم جي پنتي هجڻ جو ڏاڍو خيال هوس. شايد ڪاليج جي ليڊر ٽائيپ شاگردن مان هو. "ڏس، هنن نوجوانن جو حال ڏس! ڇا ته پنڌ جو ٽڪرو هيو ۽ ڇا پُٽ بس تي چڙهي هلندو. اي ڪاش! هن ڪي اهو احساس پيدا ٿئي، ته اها سستي سمنڊ جي گهراين ۾ طوفان ڪان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. ڪاش! هي بيدار ٿين. ڪاش همت ڪان ڪم وٺن. ڪاش محنت ڪن. ڪاش..."

گاڏي موڙ مڙڻ لڳي ۽ ٻئي ٽپو ڏئي لهي ويا.





## ڪتو

هُل ٿي ويو ته شاهوءَ وارو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي ۽ پنهنجي مالڪ شاهوءَ کي ڪائي وڌائين! سڄي ڳوٺ لٺين، ڪهاڙين ۽ ڪِن ته بندوقن سان سهڪندي ڳوٺ جي اترئين پاسي، رانجهن جي ٻنين طرف ويل ڪتي جو پڇندي پيڇو ڪيو. سَو سالن جي جهوني ٻڙ هيٺان ويٺل سٺ سالن جي ٻيڏڙي ڏاڏي رجب پنهنجي اڳيان رکيل ٺڪر جي چلم ۾ ڦهڪايل نڙ مان گڙگاٽ ڪيندي، زماني جي هيٺ مٿاهين ۽ انقلابن ڪان مانوس اکين کي چنهجائيندي، پر ۾ نبي بخش کي چيو. "نبو! خبر اٿئي! شاهوءَ وارو ڪتو ڇتو ٿي پيئہ!؟ ۽ بي شناس پنهنجي مالڪ کي ڪائي ماريو.. هَئي... هَئي! مون کي ته اهو وقت ٿو ياد پوي... ڦوهہ سياري جي ان ولهائتي رات وارو.. جڏهن پارو پئي پيو.. شاهو ۽ مان باغي ديري مان ڏاندن جي ميل ڏسي موٽندي ڳوٺ پهتا هئاسين... ته اهو ڪتو.. ڪاني لڳيس، جنهن مالڪ جي شناس نہ رکي... نمڪ حرام... تڏهن گلرڙو هيو ۽ وڏيءَ ڪسيءَ مان پئي ڪوڪون ڪيائين. لک جهليو هيم شاهوءَ کي، ڇو ٿو گندگيءَ ۾ هٿ وجهين گلر لاءِ؟ پر چيائين، "بي زبانو آهي... مري ٿو ڪسيءَ ۾، کهل ٿي اچيم. ٻيلي پناهہ ڏيندومانس!" نيٺ هن رحمدلي ڪري، ان ڪتي کي تڏهن ڪسيءَ مان ڪڍي گهر نِيُس. هري ٿاهي، پلال وجهي، ڪڪائون ۽ نرم اجهو ٺاهي پناهہ ڏنائين مردود کي... ۽ پوءِ شاهوءَ ويچاري ان نياڳي جي پر گهور بہ گهٽي پئي لڌي!" ڏاڏي رجب نڙ وات ۾ وجهي بہ ٽي تڪڙا تڪڙا گڙگاٽ ڪڍيا ۽ پوءِ ساهي پٽي پنهنجو ڪلام جاري ڪندي چيو. "روز گوشت ۽ ڇيڇڙا آٽي ڏيس... ڪائي ڪائي سڪمو ٿي پيو! بي شناسي مان کهڙي غذا. اڄ ڇتو ٿيو.. نيٺ ظاهر ٿيو ته هيو

برابر ’ڪتو‘ ئي! بي شناسو، جو مالڪ کي ڪائيندي انڌو ٿيو تہ محسن اٿس... جنهن رذيل حالت ۾ آندو هيس ڪسيءَ مان ڪڍي، جو مري پيو ولهہ ۽ سيءَ ۾، اجهو ٿاهي پناهہ ڏنائينس، پاڻ رُڪي سُڪي ڪائي بہ، هن کي جام ڪارائي ڏندو ڪيائين... چوندو هيو: ’ڪتو وفادار جانور آهي، ۽ گگدامن تي خدا ترسي چڱي ڳالهہ آ.‘“ ڏاڏي رجب کنگهندي هڪ دفعو چلم مان ڦوڪون ڪڍيون. اترئين پاسي ويل ماڻهن جي ڊنبلي طرف هڪ مَنو بندوق جا ٻہ ٽي نڪاءَ ٿيا. ڪجهہ دير بعد اوڏانهن ايندڙ چند ماڻهن ٻڌايو، ”شاهوءَ واري چِتي ڪتي کي ماريوسين... پر ذليل ٻہ ٻارڙا بہ ڪائي وڏا!“ ڏاڏي حقارت وچان پنهنجي جهوني ڪنڌ کي ڌوڻيندي چيو، ”نيٺ تہ بي شناسو هيو نہ! پنهنجي مالڪ جو ويري، مردود بي گوندرو ڪتو.“





## ٿلهي ٿيڻ لاءِ نسخي جي ڳولا

مان ارڙهن سالن جو لَئي جي ڇهبڪ جيان سنهڙو سيپڪڙو ماڻهو آهيان، تنهنڪري ٿلهي ٿيڻ جا خيالي پلاءَ پچائي... ڪائي... پوءِ هي گيت ڳائيندو آهيان: سنهڙا ماڻهو سهڻا، جي لڪڻ جيان لچڪن، پير تن جا پتڪڙا، جي جتيءَ ۾ جرڪن. جڏهن ڏنم تہ ٿلهي ٿيڻ جا خيالي پلاءَ پچائي... ڪائڻ جي باوجود متارو ڪونہ ٿو ٿيان، تڏهن سوچيم تہ شهر جي سٺين ستابن ماڻهن کان سندن ٿلهي ٿيڻ جو راز پڇان، سو ڊوڙندي وڃي شهر جي ڊاڪٽر جي در جي گهنٽي وڄايم: ٽون... ٽر... ٽون. ڪجهہ دير کان پوءِ در مجهان هڪ سِبر پيٽ ظاهر ٿيو ۽ هيترڙي نيڏڙي منڊي. ”سائين سلام عليڪم.“ تڪڙ ۾ سلوٽ واري انداز ۾ هٿ نراڙ تائين مٿي ڪري، حسرت وچان سندس سبر پيٽ ڏسندي، ان تي هٿ رکيم. ڊاڪٽر اها اچل ڪاڏي جڻ اوچتو سندس پير ڪنهن نانگ تي پئجي ويو هجي. منهنجا تارا حيرت کان ڦاٽي ويا ۽ ڊاڪٽر جون اکيون ڪاوڙ کان ڳاڙهيون جهڙو اگر. ”سائين... سائين، توهان ڏسو ٿا، هي منهنجو پنهنجي ٻانهن جهڙو بدن سائين... سائين توهان ٿلها ڪيئن ٿيا آهيو؟“ مون پنهنجي حيرت هڪ گيت سان گڙڪائي ڊاڪٽر کان پڇيو.

”بدتميز، لچ، لوفر، ڀڄي وڃ منهنجي نظرن سامهون، چڪ هٽي ڪيانءِ نہ پورو.“ ڊاڪٽر ڪاوڙ وچان ڏند ڪرٽيندي چيو.

”اڙي مان ڄاڻان ٿو تہ موسو ڪاسائي توکي روز بہ سير ڇيلي جو گوشت موڪلي پاڻ بيمار رڍون وڪڻندو آهي. تون پاڻي جي سُئي هڻڻ جا چار رپيا ۽ منائي جي رنگين مڪسچر جا ٽي رپيا وٺندو آهين. مون کي

خبر آهي تہ تنهنجو پيٽ حرام جي ڪمائي جو قبرستان آهي. مان هي ٿو وڃان.” ۽ جيڪڏهن ٽپو ڏئي ڪڙيءَ تي زور نہ ڏيان ها تہ سندس لپاٽ ڳهٽ ۾ ڳهٽ ڪلواڙا ضرور ڦيري ڇڏي ها.

ٻڪندي ٻڪندي ڪپڙي جي وڏي واپاريءَ سيٺ گرمکداس جي هٽ تي چڙهي ويس. سوا ست منٽ ڪن سهڪندو رهيس ۽ پوءِ عجب وچان تارا ڦاڙي ڏسندڙ سيٺ جي چٻري جهڙين اکين ڏانهن آگر وڏائيندي چيم، ”تارا تہ نہ ڦوٽار، ماڻهو آهيان. گڏهہ گهوڙي جو پڇ ڪونہ آهيان، تو ڪان ٿلهي ٽيڻ جو راز پڇڻ آيو آهيان. ٻيو مڙئي خير آهي، پولو پهلوان جا پٽ.” پَوَ ۾ سيٺ اکيون بند ڪري جهڙوئي منڊي پوئتي ڪئي، تهڙو نڪاءَ تي وئي سندس لوٽ سيمينٽ جي پٽ سان (جنهن کي ٽيڪ ڏيو وينو هو). ڪار وچان ٻئي هٿ فرش تي رکي اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين. مان ٽپ ڏئي وچي در جي پرسان بيٺس. ٻئي هٿ چيلهہ تي رکي، ڪنڌ چِٻو ۽ اکيون ٽيڏيون ڪري سيٺ کي ڏنم. ”سيٺ! ڄاڻان ٿو تہ تنهنجي پيٽ ۾ اهي رپيا پوريل آهن جيڪي غريبن هڏ هٽي، خون سڪائي، پيٽ کي پٽر ڏئي گڏ ڪيا ۽ تون ٽين رپئين وال وارو ڪپڙو پنجين وڪٽي هٽ ڪيا. جيڪڏهن منهنجو وس پڄي تہ پڪڙ ڪٽي پٽيان تنهنجو گوشت، لعنت آهي تنهنجي ٿولهہ تي، ٿلها!” ۽ جيڪڏهن ائين چوڻ سان ٽپو نہ ڏيان ها، تہ هن جيڪو سوٽلي جو ڍيرو مون طرف ڦٽو ڪيو هو، ضرور منهنجي ڪنهن نہ ڪنهن مضبوط پاسري کي سڌو ڪري ڇڏي ها. نسخو تہ نسخي جي ماڳ، رهندو موڇڙا ٿي مليا. منجهي پيس تہ آخر ڪنهن جي گهر وڃان. نيٺ هٽي ماري سيٺ نصير ڏي وڃڻ جي سوچيم. هن شخص جي پهرين خاصيت اها آهي تہ سندس پيٽ سان گڏ رانون، ٻانهون ۽ منڊي پڻ ٿلهي آهي ۽ ٻي اها تہ سندس آواز تمام سنهو آهي، صفا ٻلي جي وات ۾ ڦاٿل ڪوئي واريون چيٽون. ڪُلي ٻڌر ۾ ڪٽ تي





ويهي چرس وڪڻندو آهي، پر پاڻ نہ ڇڪيندو. هن جا چمچا ٻارنهن آهن ۽ ڇريون ٿي. ”وڏيرا صاحب! سلاماليڪم.”

”ماليڪم سلام، ماليڪم سلام. ڏي خبر، پيءُ لاءِ چرس وٺڻ آيو آهين ڇا؟” ٿلهي وڏيري پنهنجي سڪيلڏي سنهي آواز ۾ پڇيو. مون کي اصل چوچڙي وچڙي وئي. ”چرس!؟ چرس ڇڪي تنهنجو پيءُ، تنهنجو ڏاڏو، تنهنجو تڙ ڏاڏو. ٿلها پوڪ بصر، مان تہ تو کان ٿلهي ٽيڻ جو نسخو پڇڻ آيو هيس.” اوچتو ڪنيڙاتي ۾ عقاب وارو چنبو ڪتل پاتم. وڏيري جي چمچي پڪڙيو هو. منهنجون وايون بتال ٿي ويون. ٻہ ٽي ٺينگ ڏنم، پر اڇل سان گڏ وچي وڏيري آڏو ڪريس. وڏيري ڇنگ ورائي منهنجن ڪلهن تي رکي ڇڏي.

”وڏيرا! او هو، وڏيرا، اڙي هيءَ چپ تہ لاهہ، اڙي مري ويس، اي لي ڙي! ابا ڙي!” وني جو رڙيون ڪيم تہ وڏيري سمجهيو تہ شايد ڇورو ٿو مري، تڪڙ ۾ ڇنگ ڪڍي مٿي ڪيائين. مان ٺينگ ڏئي وچي پري بيٺس. ”هينئ ٿي، مان تو کي ڇڳيءَ طرح سڃاڻان ٿو، تون ديهان، هارين جي رت جي ڪمائي شراب ۽ رنڊين تي وڃائيندو آهين. خدا ڪندو تنهنجو پيٽ ڦاٽندو ۽ شهر جا ڪتا شراب پيندا.” زور مان جو ڀڄس، تہ وچي مُلي جي در تي بيٺس. هي ملان اسان جي شهر جو متارو ماڻهو آهي، سڄو ڏينهن ڪمري ۾ اندر وينو هوندو آهي. تعويذ بہ اتي ئي لکندو تہ ٽوٽا ڦيٽا بہ اتي. ٻڌو هيم تہ ستاويهن سالن جي اڻ پڙهيل عورت جڏهن جنن جي سبب رڙيون ڪوڪون ڪري رهي هئي تہ تڏهن هن ئي سندس جن پڃائي دنيا مان غائب ڪري ڇڏيو. پر جن بہ دنيا ۾ ساڳي عورت ڳولي لڌي، پندرهين ويهين ڏينهن وٺ پڪڙ ڪندو رهيو. هن جي تعويذن ۾ اهو اثر هو جو بي اولاد عورت کي اولاد ٿيو. جيڪو ننڍي لاءِ ئي پينگهي ۾ اونڌو سمهندو هو. در کي ڏڪو ڏئي اندر گهڙي ويس. ملان سامهون

وينل عورت جي منهن ۾ وات سان هوا جون ڦوڪون هڻي رهيو هو. مون کي ڏسي چرڪ پري پوئتي ٿي ويو. عورت ويچاري هيسيل، هٿ ٻڌي، اکيون بند ڪيون ويني هئي. مون کي ڏاڍي باهه وٺي وئي. رڙيون ڪري ملان کي چيم، "ملان! تون حرام جون ٽڪيون ۽ مفت جا حلوا کائي ٿلهو ٿيو آهين. توٽن ڦيٽڻ مان خوب پيسو ڪمايو اٿئي. جيڪر منهنجو وس پڄي ته تو کي جيئري ڪتي جي پيٽ ۾ وجهي ڇڏيان." عورت رومڙ پائي مون طرف ڊوڙي، مان سٽ ڏئي ٻاهر نڪري آيس. سوچيم: "هي عورتون پاڻ ئي حرامزاديون آهن، نه ته ملن جو ڪهڙو وس، ۽ پوءِ گهٽي ۾ ڊڪندو، گهٽيءَ مٿان گهٽي لتاڙيندو ويس ۽ پوءِ هڪڙي گهٽيءَ مان مڙندي... ايندڙ واٽهڙو سان ٽڪر ٿي ويو! هو ۽ مان ٻئي هيٺ. ٽڪڙ ۾ اٿي ڏٺم. "اڙي ڪٻڙ موالي، صفا مان جهڙو سنهڙو همراهه. نشي ۾ ڌت، ڪرندي ئي مون کي ڏنائين، "اڙي قاسو جا پٽ، نه ويندين. مون کي ڏيڍ رپيو ڏي، منهنجو نشو ٽوڙي ڇڏيئه." آءُ ٿو وٺي پڄان. اڳيان مان، پويان ڪٻڙ، وڪڙ مٿان وڪڙ، آخر گوهي ڪري ڪٻڙ کان پڄي وڃي شهر نڪتس... ۽ اوچتو بيهجي ويس. منهنجا تارا حيرت مان ڦاٽي ويا. ننڍڙي گاڏي ۾ وينل منڊي فقيرياڻي! اٺ مهينا اڳ ان فقيرياڻي کي ڏٺو هيم، صفا سنهڙي جهڙو مان، پر هينئر ته هوءَ ڏاڍي ٿلهي ٿي لڳي، جٽڪ سڄي جسم تي ڏينين ڏنگيو هجيس، ۽ ساڳيو ئي پوڙهو فقير رسي سان گاڏڙي کي گهليو ٿي ويو. واهه، واهه، منهنجا ته مزا ٿي ويا. هوءَ به سچي، مان به سچو، هاڻي ان کان نسخو پڇڻو آهي. ڪراڙي فقير کي ڪيئن پاسيرو ڪيان جو چوريءَ کان نسخو پڇان؟ پوءِ منهنجي ڪوپڙيءِ ۾ هڪ ڳالهه سُجهي آئي، ڊڪ پريم گهر ڏانهن.

"امڙ، منڙي امڙ، مون کي ڏهين جو نوٽ ڏي، صرف چار آنا ڪپائيندس، باقي پيسا موٽي ملندءِ." امڙ کي ٻانهن ۾ چمبڙي چيم، "وارو





ڪر، نه ته منهنجو بيڙو ٻڏو." امڙ ٽڪڙ ۽ بدحواسيءَ ۾ پڳل چاڏي مان اٽي ۾ پوريل ڏهين جو نوٽ ڪڍي ڏنو. مان اهو ٿو وڃان.

سچ لهي چڪو هو. منجهند لاڪون ڊڪ ڊوڙ ڪئي هيم. مون فقير جو سندس جهوپڙي تي اڳ جهلڻ مناسب سمجهيو ۽ وڃي اتي بيٺس. فقير جي جهوپڙي ڳاڙهي بازار جي هڪ گهٽيءَ اوريان هئي. خوف پئي ٿيو ته ڪٿي هن طرف "پُل" ۾ آيل ڪو "شريف" ماڻهو ڏسي نه وٺي، ۽ ڪري نه شهر ۾ شهرت، اڙي قاسو جو پٽ چڪلي ۾. ٿوريءَ دير ۾ فقير گاڏي گهليندو اچي جهوپڙيءَ جي در تي بيٺو. مون وڃي وڃي سندس هٿ ۾ ڏهين جو نوٽ ڏنو ۽ چيم، "فقير چار آنا ڪڻ خيرات جا، باقي پيسا موٽائي ڏي." فقير ۽ چوڪري ٻنهي چرڪ پريو. فقير نوٽ کي مٺ ۾ پڪوڙي مون کي دوڏا ڦاڙي گهورڻ لڳو. سندس منهن مان حسرت ۽ حوس صاف جهلڪي رهي هئي. چوڪريءَ جي ٻوٽ تي وائڙپ ۽ قَرب پڪڙجي ويو. فقير نوٽ اٿل پٿل ڪندو، ٽڪڙو ٽڪڙو اڳتي گهٽي ۾ مڙي ويو. سوچيم ته ان کان اڳ جو فقير پيسا مٽائي موٽي اچي، چوڪريءَ کان نسخو پڇي وٺان. گوڏن ڀر وڃي چوڪري جي اکين ۾ ڏٺم. سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا. مان ڪجه دير لاءِ وائڙو ٿي ويس. ٽڪڙ ۾ چيم، "تنهنجو گوشت لاهي ڪائي ڪونه ويندس. تنهنجي ٿولهه توکي نبيهه هجي. مون کي رڳو اهو ٻڌاءِ ته تون ائن مهينن ۾ ايتري ٿلهي ڪيئن ٿي وئي آهين؟"

چوڪري ٻئي ٻانهون اکين تي رکي اچي سڏڪن ۾ پئي. منهنجا حوصلا خطا ٿي ويا. ٻئي هٿ گاڏڙي جي ڪنڌن تي رکي چيم، "مون کي سمجه ۾ ڪو نه ٿو اچي ته تون روئين چو پئي؟ فقير اجهو ڪي اجهو پيسا مٽائي آيو. مون کي پنهنجي مٿاري ٿيڻ جي مام پروڙي ٻڌاءِ، ڏسين ٿي ته مان ڪنگلي جا ڪهڙا حال آهن."

چوڪريءَ ڏانور جيڏا تارا ڦاڙي مون کي گھوريو ۽ پوءِ سڏڪا پريندي چيائين، ”چا چيئہ، پيسا... مٿائي ايندو؟ فقير تہ ... ويو وڏيري وٽ چرس چڪڻ، رات اتي رهندو. هو تہ ... هو تہ توکي منهنجو گراهڪ سمجھي هليو ويو. مان ... مان ٿلهي ناهيان، مون کي ستن مهينن جو پيٽ آهي.“





# شاڪ

هو ڏاڪڻ تي چڙهندي ٿاٻڙيو، پر اِقوءَ کيس جلد ئي سهارو ڏئي سڌو ڪيو. هو نشي ۾ ڌُت هو. کيس ملڪ جهان جي خبر ئي ڪو نہ ٿي پئي. ٿورو ڪنڌ کڻي اِقوءَ کي گھوري ڏٺائين ۽ جلد ئي نظرون هيٺ ٿي ويس. سندس اکيون ڳاڙهيون هيون، وار چڙو چڙ لڳا پيا هئا. منهن تي خشڪيءَ جو تهہ ڄمي ويو هئس ۽ چپ سڪل هئس، جن کي زبان گھمائي آلو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو. ڪپڙا سٺا پهريل هئس. شڪل جو بہ ڪو برو ڪو نہ هو. سهڻو نڪتل رنگ ۽ سينو ڪشادو رکندڙ هو. هي قادو هو. هونئن تہ نالو قادر بخش هئس، پر سندس دوست قادو قادو ڪري ڪوٺيندا هئس. جهڙي قسم جي دوستن جي صحبت ۾ رهندو هيو، اتي اڌ نالو سڏڻ ڪو بُرو يا خراب محسوس نہ ڪيو ويندو هو. کيس پڙهس پاڻ جيان براين ۾ نہ ٿي ڏسڻ گھريو ۽ پنهنجي شهر کان ٻاهر ۽ پري ان لاءِ ئي موڪليو هو، جيئن هو برن دوستن جي صحبت کان پري رهي ۽ کيس سٺو ماحول ميسر رهي، پر هت هن جي جنهن سان پڪي دوستي ٿي، اهو هاسٽل جو بدنام ترين شخص اقبال هيو، جنهن کي عرف عام ۾ اِقو ڪري سڏيو ويندو هو. اِقو جي دوستيءَ کيس نئين زندگي بخشي. هن قادوءَ جي هر گھرج کي پورو ڪيو، کيس جواخانہ ڏيکاريائين، بازار حسن کان روشناس ڪرايائين، رنڊين جا ديدار ڪرايائين، تہ بالاخانن جا سير بہ. قادو اکيون ٻوٽي اِقوءَ جو چوڻ مڃڻ لڳو. پلا سندس پيارو، عزيز ۽ بهترين دوست هئو. هو حسينہ ٻائي جي بالاخاني تي ڪيتري ئي عرصي کان ايندڙ هئا ۽ ڪيترن ئي جسمن کان سيراب پڻ ٿيا هئا. اڄ هنن کي هڪ دور دراز شهر ۾ رهندڙ، حسينہ ٻائي جي

هڪ سهيليءَ جي ڏيءُ سان متعارف ٿيٺو هو. حسينہ ٻائيءَ کين اهو تہ نہ ٻڌايو هو تہ هوءَ ڪير آهي ۽ ڪهڙي شهر جي رهندڙ. البت هن جي جسم جي، هن جي حسن جي، ايتري تہ تعريف ڪئي هئائين جو هن کي سندس ديدار ڪرڻ جو شوق ٿي پيو هو ۽ هينئر هو ان ئي حسن جي راڻيءَ کي ڏسڻ لاءِ آيا هئا.

جيئن ئي حسينہ ٻائيءَ کين ڏٺو ڊوڙي اچي سندن آڏر ڀاءُ ڪيائين ۽ وٺي وڃي ڪوچ تي ويهاريائين.

"حسينہ ٻائي! ڪٿي آهي هوءَ حسن جي ديوي؟ اسين سندس درشن ڪرڻ لاءِ ماندا آهيون." قادوءَ نشي ۾ لڏندي ڳري آواز ۾ پڇيو.

"هينئر ئي توهين کيس ڏسي سگهندا. ٿورو کيس تيار تہ ٿيڻ ڏيو." حسينہ ٻائي لڏندي هڪ ادا سان چيو. جلد ئي هوءَ اٿي سامهون واري ڪمري ۾ ويئي ۽ ٿوري دير کان پوءِ ٻاهر نڪري وڏي فخر سان چيائين. "توهان منهنجي انتخاب جو داد ڏيندؤ. هلو، هلي ڏسو. مون توهان لاءِ ڪهڙو نہ مکڙو چونڊيو آهي، گلاب جي گل کان وڌيڪ پيارو، روشن چنڊ کان زياده حسين. توهان جي سوچ ۽ توهان جي تصور کان وڌيڪ اُوچو. اچو اچو..."

ائين چئي در تي ڏنل پردو کڻي ٿورو مٿي ڪنيائين ۽ هو ٻئي اندر داخل ٿيا. قادوءَ جو ڪنڌ ٿورو هيٺ ڍرڪيل هو.

"آ ها! ڪهڙو ن پيارو، ڪهڙو نہ حسين تحفو آهي." اِقوءَ هٿ مٿي کڻي ڪنڌ لوڏيندي چيو.

واقعي سامهون نوجوان وينل ڇوڪري يا ڪِ عورت حسن جو مرقع هئي. پنهنجي تعريف تي مرڪ جا گل وسائيندي هنن ڏانهن نهاريائين. پر هي ڇا، هوءَ هڪ جهٽڪي سان اٿي بيني، ڄڻڪ ڪيس اوچتو بجليءَ جي شاڪ لڳي هجي.





اِقوءَ جو جملو ٻڌي قادوءَ بہ آهستي آهستي پنهنجي ڪنڌ کي مٿي کنيو، پر هن کي بہ ڄڻ زبردست شاڪ لڳي هجي، سندس دل ۾ تير لڳا هجن، کيس زمين پيرن هيٺان ترڪندي محسوس ٿي رهي هئي. سندس ذهن ۾ ڌماڪا ٿي رهيا هئا، اکيون حيرت کان ڦاٽي ويون هئس ۽ دماغ ۾ آنڌاريون هلي رهيون هئس: هن جي سامهون سندس ڀيڻ بيٺي هئي.

## هـوڏ

مان ننڍي هوندي تمام گهڻو شرير هوندو هوس. نہ، شرير نہ، پر ضدي هوندو هوس. ٻين ننڍين وڏين غريباڻين شين جي گهر ڪندو هوس تہ ملي بہ وينديون هيون، پر خرچي لاءِ جيڪي مٿا مارڻا پوندا هئا، نہ پڇو. توبہ، الامان. ڪهڙا ڪهڙا عجيب و غريب طريقا اختيار ڪرڻا پوندا هئا ۽ پيسا وري چا تي خرچ ڪندو هوس: ٻيڙي سگريٽ ۽ جوئا تي. جوئا جي بري عادت ننڍي لاءِ ئي پئجي وئي هئي ۽ جوارين جي ويجهو رهڻ ڪري گار گند ۽ ڪوڙ کان سواءِ سگريٽ ڇڪڻ جي ڪني عادت ۾ پڻ ڦاسي چڪو هوس. اهو ئي سبب هو جو گهڻي پاڳي خرچي پوري ڪا نہ پوندي هئي. پياري امڙ جهلي جهلي ٿڪجي پئي هئي، بابو سائين ماري ماري ٿڪجي پيو هو، پر مان ڪُتي جي ڏنگي پڇ جيان اهڙو جو اهڙو ئي رهيس ۽ جوئا کيڏڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ نہ ڇڏي سگهيس.

هڪ پيري اچي ضد تي چڙهيم: گُهرجي ۽ خرچي ضرور گهرجي. هاڻي امڙ کي ڪهڙي خبر تہ مان سڀ پيسا جوئا ۾ هارائي آيو هوس ۽ هينئر سگريٽ ڇڪڻ جي سخت ٻاڙ لڳي هئي، تنهنڪري صبر جو منو ميوو بہ بلڪل ڪو نہ ٿي وڻيو. پهريان تہ در جي طاقن کي زور زور سان پٽين سان ٽڪرائڻ لڳس، گوڙ تہ گهڻو ئي ٿيو ٿي پر بيڪار. پلا بابو هيو ڪو نہ ۽ بدقسمتيءَ سان امڙ وٽ بہ پائي بہ ڪا نہ هئي. پيسا اچن تہ ڪٿان؟ جڏهن اهو هِيلو ڪو نہ هَليو، تڏهن وري تختن تي رکيل ڪوپن کي هيٺ رکڻ لڳس، تہ جي هاڻي بہ پيسا نہ مليا تہ ڪوپن کي پچندس. پر اها ڌمڪي بہ ڪارگر ڪو نہ وئي، تنهنڪري وٺي جو ڪوپن کي ٽيلهو ڏنم، تہ لڙهڪندا ويا. زيان ڪيترو ٿيو، ان کي تہ ڪو نہ ڏٺم، پر پنهنجي





امڙ جي ٻنهي جنگهن ۾ پاڪر پائي چمبڙي پيس. خواه مخواه روئڻ ۽ مٿيءَ ۾ ليٽڙون پائڻ ڪري ڪپڙا تہ اڳ ۾ ئي خراب ڪري چڪو هوس ۽ هينئر وات ۽ نڪ مان ڳڙندڙ ڳِف ۽ سنگ امڙ جا بہ ڪپڙا خراب ڪري رهي هئي. آخر زوريءَ منهنجا چنبا ڇڏائي، امڙ منهنجي قبضي مان نڪري وئي ۽ مون کي بس هڪ ٻيو بهترين طريقو سمجھ ۾ آيو. گهر جا سڀ دٻا جمع ڪري رسي ڪٽي پينگهي جي ٻانهي سان ٻڌم ۽ پوءِ زور سان پينگهو وٺي لوڏڻ شروع ڪيم. اهو گوڙ ٿيو جو الامان! پاڙيسرين جا ڪتا بہ ننڊ مان جاڳي پيا (اونهاري جو ڏينهن، شام جو وقت هو). سواءِ ڊڙنگ ڊڙنگ جي ٻيو ڪو آواز ئي ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيو ۽ مان روئي بہ رهيو هوس، مٿيءَ ۾ ليٽڙي بہ رهيو هوس ۽ پنهنجي ماءُ ۽ بابي سائينءَ کي گهٽ وڌ بہ چئي رهيو هوس. آخرڪار اهو حربو ڪامياب ويو ۽ امڙ هِتان هُتان ڪري پاڙيسرڻ کان چار آنا اوڌارا وٺي آڻي ڏنا. هڪدم نقلي زوريءَ جو روئڻ بند ٿي ويو، پينگهي جي چيائون چينگ ختم، دٻن جي رنپڻ کان جان ڇٽي ۽ مان اٽي ڪپڙن کي ڇنڊيندي، ڊوڙ اُڏائيندي، امڙ کي سمجهائڻ لڳس، "ڏس، جيڪڏهن اڳ ۾ پيسا آڻي ڏين ها تہ جيڪر ايترو گوڙ نہ ٿئي ها." دل خوشيءَ کان ٽپا ڏيئي رهي هئي ۽ ذهن (شيطان) مرڪندي چئي رهيو هو، "پچ پٽ ٽڪريءَ (جوئا جي اڏي) تي." مان خوش ٿيندي نچندي پچندي جيئن ئي ٻاهر وڃڻ لڳس تہ اوچتو در جي چائنٽ ۾ پير اٽڪي پيو، ڌُو سامهون رکيل گهڙا منجي جي ٻاهين سان مٿو ٽڪرايو ۽ نئين نهيل گهڙا منجيءَ جي تکي ڪنڊ منهنجي مٿي ۾ کوھ ٻڻائي ڇڏيو. ڳاڙهي ڳاڙهي گرم گرم رت ريلا ڪري وهڻ لڳي، اکين اڳيان اوندھ اچڻ لڳي ۽ اکيون آهستي آهستي بند ٿيڻ لڳيون. جلد ئي محسوس ڪيم تہ جهٽڪ هڪ ٽڏو، ڏڪندڙ هٿ منهنجي تارونءَ تي رکيو هجي ۽ ڪوئي چئي رهيو هجي، "ٻچڙا ڏس! تون پنهنجي ماءُ نہ رنجائين

ها، پنهنجي پيءُ کي نہ ڏکوئين ها. تہ جيڪر تو کي زخم نہ رسي ها. تون تڪليف نہ ڏسين ها.“ ۽ منهنجي ذهن ۾ اهو احساس اٿي رهيو هو. ”مون پنهنجي شفيق پيءُ جو چوڻ نہ ورتو آهي، پنهنجي امڙ، مٺڙي ماءُ، جيجل ماءُ کي آزاريو آهي، تنهنڪري مون کي اڄ هي گهاءُ، هي زخم رسيو آهي، جنهن جي مٿان هينئر ڪو ٿڏو پَهو رکيل آهي،“ ۽ سوچيم تہ ”اڳتي ڪنهن کي بہ گار نہ ڏيندس، ڪنهن کي بہ نہ ڏکوئيندس ۽ جوئا، ڪوڙ ۽ گار گند کان توبهہ ڪندس.“





## يادون ۽ سُڪونُ

جيئن نہ گُلَ-پتيءَ تي، ماڪ-ڦڙو سج جي روشنيءَ ۾ موتيءَ جيان جرڪندو آهي، هن جي منهن تي بہ اهڙي چمڪ هئي. چپن تي مرڪ ائين ٿي ترِيس جيئن پاڻيءَ تي هنج. منهن مان رت ڇڻڪ اٿل ڪائي ٻاهر اچڻ لاءِ آتو هئس. تازي خون جي وهڪري سبب ڇڻڪ شفق رنگ پڪڙجي پيو هئس. ويچاري کي مهينا پنڌ ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ملي هئي. جڏهن ڪيس مختيارڪار صاحب چيو هو، ”ٺيڪ آ بابا، سڀاڻي اچي ڊيوٽي جوائن (Duty Join) ڪجان.“ ڪيڏو نہ اطمينان ۽ سڪونَ پريو اُپو ساهہ نڪري ويو هئس، هن کي هر طرف ٽڙيل گل ۽ ٽم ٽم ٽانڊاڻا نچندا نظر آيا هئا ۽ خوش خوش ٿي پنهنجي محل طرف موٽيو هو.

سندس محل جو نقشو، تاريخ ۽ جاگرافي هيءَ آهي تہ واڙي جي اولهہ طرف پراڻي ڪوٺي (انگريزي نہ پر سنڌي ڪوٺي) گارو لٿل ۽ سرون ڳريل، پڳل ٽٽل چيڪڙاٽ ڪندي ڪلنڊڙ در، پوڙهي جي چيلهہ جيان نميل ڇت، لوهي چلهہ جيان تہ ڄنگهي ڪٺ، غريب جيان ڦاٽل ڏريل پٽيون، سندس قسمت جيان ڪُٺل رلهي ۽ سندس ذهني مونجهارن جيان پٽين ۽ ڇت تي ڪوريئڙي جو ڄارو.

جڏهن هو ڳوٺان پنج درجا پاس ڪري شهر آيو هو (جتي سندس ڳوٺ جو وڏيرو رهندو هو) تڏهن پڻهس جي همدرد دوست وڏيري صاحب مٿس ۽ ستن پيڙهن تي ٿورو ڪري، ان شرط تي رهڻ لاءِ اهو محل ڏنو هو تہ سندس پٽاري مينهن لاءِ ڪُتر ڪندو، ڪَتي مليندو، گهر جون ڪاٺيون ڏاريندو ۽ ننڍڙن ٻارهن ٻارن کي پرچائيندو. هن آمنا صدقنا ڪري سڀ قبول ڪيو هو ۽ ٿلهي متاري وڏيري جي پيٽ کي ڏسي سوچيو هئائين تہ

پرواهه ناهي، ڪڏهن نه ڪڏهن اسان جي قسمت به وڏيري جي پيٽ جيان نڪري نروار ٿيندي.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ، هن به غريب جي ٻار جيان نوڪريءَ جي ڳولا ۾ هيڏي ساري شهر جو اولهه کان اوڀر تائين، اتر کان ڏکڻ تائين، گهٽ ۾ گهٽ پنجاهون چڪر هنيو هو. شهر ۾ ڇا نه هو! گورنمينٽ جون آفيسون هيون، انجنيري ۽ بجلي جا ڪاتا هئا، اسڪول ۽ آفيسون، ڍاڪو ڪن ڪپڙي، بوٽن، صابڻ ۽ پائوڊر جون ڪمپنيون هيون، پر جي نه هئي ته هن غريب لاءِ نوڪريءَ جي خالي جاءِ. هن به هٽي وڃي هنڌ ڪيو.. ۽ آخرڪار مختيارڪاري ۾ ڪلارڪ جو آرڊر وٺي، پوءِ بس ڪئي هئي.

هن مشڪندي در کي لڳل ڪَٽ چڙهيل ڪُلف کوليو ۽ در جي طاقن کي اندر تي ڌڪو ڏئي زور سان ٺهڪ ڏنو هو. جيئن گهٽ ۾ گهٽ هو ڪِنا چيڪٽ اچ ته نه ٻڌي، جن مٽي ۾ سندس پيٽ رڌو هو (جڏهن ته مٽو ڪو پراڻو ديگڙو نه هو). هن اندر گهڙي پنهنجي سدا سياڳي ٽن پاون واري بنا واڏڻ کٽ کي کلي ڏنو ۽ سيرون تي ويهي بوٽ جون کهيون کولڻ لڳو جيڪو ڪيس وڏيري ڏنو هو ۽ ٻڌايو هئائينس ته ڏاڍي سائين جو بوٽ آهي، خيال سان پائج. بوٽ لاهي ان جي تري کي ڏٺائين جيڪو ڪيترين ئي جاين تان ادڙيل هو. ڪو ٽُڪر هيڏي تي لڙڪيو ته ڪا ڇَتي هوڙي. هن کي الاءِ ڇو اهي سوال ياد اچي ويا جيڪي انجنيري کاتي ۾ ڪلارڪي لاءِ انٽرويو ڏيندي ڪائنس پڇيا ويا هئا.

آفيسر مڇن کي مروٽيندي پڇيو هئس، "ٻڌاءِ، جيڪڏهن وائر مين کي گهٽو ڪم ڪرڻ سبب مٽي ۾ سور پئجي وڃي، ته تون ڪيس ڪهڙيون گوريون کائڻ جي صلاح ڏيندين؟"





اهو سوال ٻڌي هن جو ذهن سوچن سميت زُون ڪري اڏامي ويو هو. هٻڪندي هٻڪندي چيو هئائين، "سائين، ڪوڊين ڪمپائونڊ."

آفيسر ڏِگهي هُون ڪري ڪَن کي کنهيو هو ۽ چيو هئائين، "بيوقوف! ڪوڊين ڪمپائونڊ هاضمي لاءِ استعمال ٿيندي آهي، مٿي جي سور لاءِ ته ڪوڪين ڪمپائونڊ کائبي آهي." ۽ هن ڇٽڪ مرندي ٻڌندي چيو هو، "ها سائين."

آفيسر ڪيس گهوري اهڙين نگاهن سان ڏٺو هو، ڇٽڪ سندس جاڻ ۾ وسيع معلومات جو اضافو ڪيو هئائين ۽ هٿ مٿي ڪٽي، ٻه آڱريون هوا ۾ لوڏيندي پڇيو هئائين، "ڀلا ٻڌاءِ، جيڪڏهن ڪو پينگ پي ان جو عادي ٿو ٿي پوي، ته ان جو علاج ڪيئن ڪجي؟"

هن ويچاري جا رهيل کهيل حواس به قلابازيون کائڻ لڳا هئا. اٿي بيهي هٿ ادب جا نوڙين تائين ٻڌي، مسڪين آواز ۾ چيو هئائين، "قبلا! مان انجنيرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪي وٺڻ آيو آهيان، ميڊيڪل جي آخري سال جو امتحان ڏيڻ نه."

آفيسر تپي ٽامو ٿي ويو هو. ڪيس دڙڪو ڏيندي چيو هئائين، "گستاخ! توکي انٽرويو ڏيڻ جو ادب به ڪونهي، تو جهڙن لاءِ اسان وٽ جاءِ ڪانهي، ٽري وڃ هتان."

هن بوٽ کي ڏسي سوچيو: "مهرباني ڪري باقي مهينو سات ڏجانءِ، پوءِ ڪل خير آهي. تو کي پاڻ ئي ڊير تي ڦٽو ڪري ايندس." ۽ پوءِ آهستي بوٽ کي کٽ هيٺان رکيو هئائين.

هن پنهنجا ٻئي جوراب لاهي هٿ ۾ ڪيا. ٻنهي جورابن تي ڪڙين ۽ آڱرن جي جاءِ تي وڏا ننڍا جارا نهيل هئا.

"آ ها ها، کهڙا نه سهڻا جوراٻا آهيو! ٻه سال سات ڏنو اٿو. باقي هڪ مهينو، تيستائين توهان پاڻ ئي کسي ويندؤ. باقي مان به اوهان جا

اهڙا حال ڪيا آهن جهڙا ٽمون ٽيڪسٽائل ملز وارن منهنجا انٽرويو وٺندي ڪيا هئا.” پوءِ هن کي ان انٽرويوءَ جي هڪ هڪ ڳالهه ياد اچي وئي.

مئنيجر سنهڙو سيپڪڙو، ڪڙٻاٽيون نڪتل ڪاڏي اڳتي ۽ لوٽ پوئتي نڪتل، اکيون چنجهيون، جنهن تي ٿلهن شيشن واري عينڪ چڙهيل هئي. جنهن مهل عينڪ لاهي شيشن کي صاف ٿي ڪيائين، تنهن مهل سندس مهاندو اهڙو ٿي لڳو جڻڪ ڪنهن چٻري کي وهنجاري اس تي ويهاريو ويو هجي. مئنيجر پنهنجي ڪوٽ کي زور سان سَٽ ڏئي ڪانئس سوال ڪيو هو، ”ڪڪڙيون آنا چو ڏينديون آهن، ٻچا چو نه؟”

هن جي ذهن ۾ جڻڪ ڦٽاڪا ڦاٽا هئا. هٻڪندي ابتو سبتو جواب ڏنو هئائين، ”سائين ڪڪڙين جي مرضي.”

”ڪڪڙين جي مرضي!؟ اسان کي مرضي پوي ته ڪپڙن تي ڪٻريون ناهيون، مرضي پوي ته ڪانوَ، رنگ نيرو ڪيون يا پيلو، ته وري ڪڪڙيون اسان جي مرضيءَ خلاف آنا چو لاهينديون؟” مئنيجر جوش مان زور سان مڪ ميز تي هڻندي چيو هو ۽ تارا ڦوٽاريندي چيو هئائين، ”چڱو پلا ٻڌاءِ، انسان کي ٻه هٿ چو آهن، ڏهه چو نه؟”

”سائين... سائين الله جي مرضي،” ويچاري جو جڻ روح تي ڏڪيو.

وري الله جي مرضي! چا الله اهو ڪو نه پيو سمجهي ته ماڻهن کي فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻن هٿن جي نه، پر ڏهن هٿن جي ضرورت آهي؟” مئنيجر ڪڙڪو ڪندي چيو هو، ”چڱو پلا ٻڌاءِ، ڳڏهه گاهه چو ڪائيندو آهي، لٽو ڪپڙو چو نه؟”

هن ويچاري جون مٽيون منجهي ويون هيون، ڳيت ڏيندي جڻڪ روئيندي جواب ڏنو هئائين، ”س... س... سائين، ڳڏهه جي مرضي.”





مئنيجر اپو تي ويو ۽ زور سان رڙ ڪندي چيو هئائين، ”تون نرو جاهل آهين، چٽ آهين، نڪمو ۽ نادان آهين، تو کي ايتري به خبر ڪانهي. اصلي پڇي وڃ، تو لاءِ اسان وٽ جاءِ ڪانهي.” ۽ ويچارو ڪنڌ لڙڪائي اچي ٽن پاون واري ڪٽ تي ڪريو هو.

هن جورابن کي چپٽي ۾ جهلي، مٿي ڪري ڦٽو ڪيو ۽ ڏاڍي آرام سان ڪٽل رلهيءَ تي، ڪٽ جي جهول ۾ ڪري پيو. اطمينان سان گوڏو اپو ڪري ٻي ٽنگ تي رکي، ويهاڻي هيٺان پن جي ٻيڙي ڪڍي ڏندن ۾ جهليائين. سٽ ڏئي قميص جي کيسي مان ماچيس ڪڍي، تيلي ٻاري ٻيڙي دکايائين. وڏو سوٽو هڻي دونهون هوا ۾ اوڳاريائين. دونهين جا وڙ وڪڙ ڏسي هن کي مختيارڪار صاحب جا پڇيل سوال ياد اچي ويا. جيڪي ائين ئي دونهين جيان وڪڙيل هئا. هن به ڏنل پنجويهن ناڪام انٽريوئن جو سٽ ڪڍي مختيارڪار کي جواب ڏنا هئا.

صاحب ڏاڍو شريف ماڻهو ٿي ڏيکاريو، منهن مان مٺيا ٿي بکيس، هر آفيسر جيان سندس پيٽ ته ٻاهر نڪتل هو ئي، پر هي ڪلمڪ هو. ڪانئس سوال ڏاڍي نرمائي سان پڇيا هئائين، ”بابا تو کي نوڪري جي ضرورت آهي؟”

”ها سائين، پر مان گهرو ڪم ڪرڻ جو به ماهر آهيان. ڪتر ڪرڻ، ٿانو ملڻ ۽ ٻهاري ڏيڻ به ايندي آهي.” هن ڪنڌ جهڪائيندي چيو هو.

”تو کي نوڪريءَ جي ضرورت چو پئي؟”

”سائين غريب آهيان. گذر سفر ڏکيو پيو ٿئي. سوچيم ته توهان جي خدمت ڪري سڪون ملندم.”

”شاباس پٽ، تون ڏاڍو سياڻو ٿو ڏيکارجين. چڱو ٻڌاءِ، تو ڪڏهن هاٿي ڏٺو آ؟”

"ها سائين، هاٿي ڏٺو اٿم، هاٿيءَ جو پيءُ بہ ڏٺو اٿم. سائين گذريل سال سرڪس ۾ آئي هئي نہ، هاٿيءَ مالڪ کي زور تي ڏنا. مان بہ تيل مالش ڪرڻ ڄاڻان سائين."

"شاباس، شاباس! پٽ، مون کي مٿي ۾ سور پيو آهي، ٿوري مالش تہ ڪر."

"ها سائين مان توهان کي زندگي ڀر مالش ڪندو رهندس."

هن اتي صاحب جي مٿي تي مڪون وهائڻ شروع ڪيون. ڪنهن مهل وار ٿي پٽيائينس، ڪنهن مهل ڪَن.

"ها شاباس پٽ! ٻڌاءِ تہ هاٿي ٻچا ڇو ڏيندو آهي، آنا ڇو نہ؟"

اوچتو ڇٽڪ ڪيس لونڊڙي وارو مترڪو ٺڪاءُ تي ويو. زور زور سان صاحب جي مٿي کي مهتا ڏيندي چيائين، "سائين هاٿي بيوقوف جانور آهي، هن کي آنا ڏيڻ ڪين، جيئن ماڻهو پنج ڇهہ ڏينهن هڪ ئي آنو ڪائيندا رهي."

"شاباس، واهہ واهہ پٽ، هلي پنهنجي جاءِ تي ويهہ. تون تہ ڏاڍو ذهين آهين. ڀلا ٻڌاءِ گهوڙا عينڪ ڇو نہ پائيندا آهن؟"

"سائين ڇو تہ گهوڙا گاهہ ڪائيندا آهن."

هن ڪنڌ ڪٽي صاحب جي منهن کي ڏٺو، جنهن تي عينڪ ڪا نہ هئي.

"شاباس پٽ! ٻڌاءِ تہ شاعر وڏيڪ بيوقوف هوندو آهي يا اديب؟"

سائين شاعر وڏو بيوقوف آهي ۽ اديب کان وڏو بيوقوف تہ ڪو ٿي نہ ٿو سگهي."

"شاباس، شاباس..." صاحب ڪجهہ منجهيو، ڪجهہ سوچي "نيڪ آ" ڪيائين ۽ وري سوال پڇيائين، "آمريڪا ڪنهن ڳولي لڌي ۽ ڇو ڳولي لڌي؟"





"جنهن بہ ڳولي لڌي، وڏو ڪو ڄٽ هو، پنهنجي زندگي ڏچن ۾ ڦاسائي ڇڏيائين."

"شاباس، پٽ شاباس. تو جهڙن ذهين ۽ محنتي ڪلارڪن جي اسان کي سخت ضرورت آهي. مان توکي هاڻي ئي آرڊر ٽائيپ ڪرائي ٿو ڏيان. تون سڀاڻي ڊيوٽي جوائن ڪجان. شاباس."

هو ڏاڍو گد گد ٿيندو، هنبوڇيون هڻندو، پنهنجي محل تي موٽي آيو هو.

اڄ هو بيٺل پاڻيءَ جيان پُرسڪونُ هو. هن کي مهينا پنڌ ڪرڻ ۽ نندون ڦٽائڻ کان پوءِ آرام مليو هو. هن جو روح ٿڪل هو، هن کي آرام جي ننڊ جي ضرورت هئي. هن جون اکيون ننڊ جي بار کان ڳريون ٿي ويون، هن کي ننڊ اچي وئي. پياري پياري ننڊ، جنهن ۾ هن کي ڪا ڳڻتي ڪا نہ هئي، ڪا پريشاني ۽ ڪا اٽڻ ڪا نہ هئي، ڪو بہ وسوسو ۽ شڪ شبهو ڪو نہ هو. هن جو اباڻڪو اتاولو روح بہ ننڊ جي پيار ۽ سڪون سان ٻانهون ٽيڙي پئجي رهيو هو. هن کي اها بہ ڳڻتي ڪا نہ هئي تہ سندس هٿ ۾ جهليل ٻيڙي، جيڪا سندس قسمت جيان ڪٽل رلهي تي ڪري پئي هئي، رلهي کي ساڙيندي ساڙيندي ڪٽ جي ڇڳل واڻ کي ساڙڻ شروع ڪيو هو.

# نيڪي

ريل ڪار جو ڊگهو ڊبو ماڻهن سان ڀرجيل آهي. سنڌ يونيورسٽي جي اسٽيشن تان چڙهندڙن جو زور اچا وڌ. پيهان پيهه، رڙيون ۽ ڪيڪون، ڌڪا ۽ گاريون، وٺ وٺان، ڏڪ ڏڪان، ٻن ماڻهن جي سيٽ تي پنج ڇهه ڄڻا ڀرجيا ويٺا آهن، ته وري ڊگهي گهٽيءَ ۾ هشام ماڻهن جو اپي ڪنڌي بيٺو آهي. هر هڪ پنهنجي ڊيگهه، ٿولهه، طاقت آهر زور لڳائي، ڪر ڪٽي، هيڏي هوڏي پيو نهاري، ته من ڪٿي ڪا سيٽ ملي پوي، پر سيٽن سان گڏو گڏ سامان جون ڄاريون به پريل ڏسي نااميديءَ مان ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهي ٿو. آگسٽ جو ڦهري مهينو، رات جا يارنهن، ماڻهن جي بدن جي گرمي، پگهر جي ڌپ، ساهه جي اٻس، پريشاني، مونجهه... ماڻهوءَ ماڻهوءَ مهاندو حيران ۽ گهٻرايل. ڪنهن واپاريءَ جي ٽيڏي اک سامان جي ڀُنڙيءَ ۾، ته ڪنهن امير زادي جي بيگ ۾، ڪنهن جي پير تي لٽ لڳي وڃڻ تي رڙ نڪري وڃي، ته ٻيهڻ لاءِ ٻين کي پيو ڌڪا ڏئي. اهڙي وٺ وٺان ۾ ٽن سيٽن وارين ٻن بينچن تي... هڪ تي هڪ ستر سالن کن جو ڪنجهندڙ، ڪرڪندڙ پوڙهو پاسيرو ليٽيل آهي، ته ٻئي تي وري پنجونجاهه، سٺ سالن جي ڏٻري گهنجيل ٻوٽي پوڙهي سٽل آهي. گرميءَ کان ڄٽڪ سندس ساهه ٽي نڪتي ويو. هر هڪ حيران پريشان ماڻهو اچي چوي ٿو ته ماڻهو بيٺا آهن ۽ توهان وري سٽا پيا آهيو.. اٿي ويهو.. هي به ڪو انصاف آهي... پوڙهي مائي ڪنجهندي سهڪندي ڪين جواب پئي ڏي، "...ابا مان لاچار آهيان... ساهه ٿو نڪري، ٽن ڏينهن جا ٿڪل آهيون... ٻه ڏينهن ٽِي ٻِي جي اسپتال جي در تي پيا هئاسون... علاج ڪو نه ٿيو... بس ابا... ڊوڪڙ ڪو نه هئا... هاڻي سڄا ٿي مري پيا آهيون...





ابا.... ڏاڍي بيماري ويڙهي وئي آهي. ڇا ڪيون..." ماڻهو، ڪي رحم پريو.. ڪي ڪاوڙيل... ڪي نفرت پريو... ڪي همدرد، منهن ڪيو... پاسو ڪري ٽا بيهن.

اوچتو هڪ نوجوان، منهن اگهاڙِي، ڀُوناٽي عورت جي ڪڇ تان هڪڙي ننڍڙي ٻالڪ ڪيهه ڪئي... رڙ ڪري ماءُ جي ڇاتيءَ کي چنبڙي پيو. عورت جي منهن تي مرڪ آهي... پيار آهي... هن ٻار کي وڏيڪ سوگهو ڪري ڇڏيو. مرڪندي پرسان ٻيٺل، ٺاهوڪڙي نوجوان شهپِري کي ڏٺائين، پوءِ اڳتي وڌي، هلڪڙو جُهڪي، سيٽ تي سٽل پوڙهي عورت کي چيائين، "امڙ! ٻارڙو اٿم، گهٽي سوڙهه آهي. ٿورڙي جاءِ ڏيندينءَ بس ڪير پياري اٿي ٻيهندس، بس اجهو ڪي اجهو..." هن مرڪندي چپٽي وڄائي ڄٽڪ پوڙهيءَ کي احساس ڏياريو ته جهٽ پلڪ ۾ اٿي ويندي. پوڙهي عورت جي پريشان اکين ۾ گهڙي پلڪ لاءِ سوچ جا پاڇا لهي آيا. شايد پنهنجي ڪنهن ٻالڪڙي کي ڪير جِي گُهر ڪندي ياد ڪيائين... ڪنجهندي... پير سيري، گوڏا اپا ڪيائين. ڀُوناٽي عورت سَٽ ڏئي جهٽڪو کائي، ويهي رهي ايترو زور سان، جو سندس پريل بدن پوڙهي بيمار تنگن سان ٽڪر کاڌو... ويچاريءَ کان رڙ نڪري وئي... "آئي امان، خيال ته ڪر..."

"امڙ ڏاڍي ڪمزور آهين." عورت جي ڦهڪي ويهڻ جي ڪري پوڙهي جا پير اڃا ڪجهه وڌيڪ سري ويا ۽ ويڪري جاءِ ٿي پئي. عورت ڪلندي مڙس کي اشارو ڪيو. سندس نوجوان مڙس ڪلندي ڪَنو اٽڪائي ويهي رهيو. پوڙهي مائيءَ تڪليف ۽ پريشانيءَ کان ڪنجهندي احتجاج ڪندي چيو، "امڙ، ايترو ته سوڙهي نه پئہ، مون ٻار کي ڪير پيارڻ لاءِ ويهاريو ... ڪِ نہ..."

"چڱو چڱو، چپ ڪر." عورت ڪلندي، ڪاوڙجندي، پوڙهيءَ ڪي گهوريندي چيو. "هيترا ماڻهو ويٺا هجن، هيءَ پوڙهي هلي آ وري ننڍ ڪرڻ... ڪاٽي لهندينءَ... چپ ڪري ويهه." مرڪندي ٿورو پاسيرو ٿي، مڙس کي ڪشادي جڳهه ڪري ڏنائين، مڙسهنس ويڪرو ٿي ويٺو. پوڙهي اجا وڌيڪ سوڙهي ۾ ڇِپي ٿي وئي. ويٺل ماڻهن مان ڪجه ماڻهن جي منهن تي احتجاج جون ريکائون اڀريون، ته ڪجه ماڻهن جي نراڙ تي ساڙ پريون ليڪون... ڪاش هو ائين ويهي رهن ها... ڏوکو ئي سهي، ويهڻ جي جاءِ ته ملي ها. ڪجه آهستي پڻڪيا: "ڏاڍي بيحيائي آهي... هن ويچاري رحم ڪري جڳهه ڏنس، ته ٻار کي ڪير پياري... هن وري ڏنڊي مئيءَ مڙس کي به ويهاريو... پوڙهيءَ تي به رعب، ڇا زمانو آ نيڪي جي بدلي بدي!"

"امڙ هاڻي ته سوڙهي نه پئه... چڱو بدلو ٿي ڏئين... امان بيمار آهيان. ماءُ جيڏي آهيانءِ... ڪجه خيال ته ڪر." پوڙهي مائي ويچاري ڪنجهي پاسو ورائيندي چيو.

"چڱو چڱو، لتون نه هڻ... سڌي ٿي سمهه... سڄي جڳهه ولاريون پئي آهين... گهٽو سمهينءَ."

پاسو ورائيندي پوڙهيءَ جي کيسي مان روڪڙ پيسا ٺڙڪ ٺڙڪ ڪندي وڃي فرش تي ڪريا. هن ٿورو ڪنڌ موڙي هيٺ نهاريو... نوجوان عورت به هيٺ ڏٺو... ڪجه ويٺلن به هيٺ نظر ڪئي... ٻانهن ڊگهي ڪري هن آڏي ڪنئي... وري ٻانهن هيٺ ڪري پائلي طرف هٿ وڌايائين پر اها ڪجه پَريرو پئي هئي. پوڙهي ٿورو سرڪي ته عورت اها جڳهه قبضو ڪري ورتي. هن پائلي ڪٽي کيسي ۾ وڌي. کيس احساس ٿيو ته اجا سوڙهي ٿي وئي آهي. پريشاني، ڏک ۽ پڇتاءُ اکين ۾ پرجي آيس. چپ ڪري گهڙي جهٽ اکيون بند ڪري، وري هيٺ ڏنائين... نظرن ۾





ٻُولا هيس، پر فرش صاف هو. عورت کيس ڇٽڪ دڙڪو ڏيندي چيو، "مائي لتون ته پاسي ڪر... ڪُڪيون ئي ڪدي ڇڏيئي... ڪانهي ڪا ملڪيت تنهنجي هيٺ ڪري."

ريل ڪار پنهنجي ڌُن ۾ ڊوڙندي، بيهندي، ماڳ طرف کهندي ٿي وئي... لهڻ وارو ڪو نه هو، چڙهڻ وارا گهڻا. ڪٿي بيٺي ٿي ته گرمي ۾ اٻس وڌي ٿي ويو... رڙيون، ڪيهون ۾ دانهون به وڌي ٿي ويون، ته ڌڪا ۾ گاريون به. وري هلي ٿي ته ڪجه ماڻهن صبر ٿي ڪيو... ويٺلن، بيٺلن هر هڪ کي پنهنجا پنهنجا مسئلا هئا. ڪنهن ڪنهن کي ٿي ٻڌايو ته مال مهانگو مليو. ڪنهن ٿي چيو، ٻوٽ ملن ڪو نه ٿا، مون آرڊر ڏنو آهي، ٻار ٻچا ڪيئن ٿي، خوش آهن... پٽ ۽ پيلا متارا... سدا سکي رهن. ڪجهه نوجوان شاعريءَ جو مچ مچايون ويٺا هئا، ته ڪن ٿي ويهي حساب ڏنا... ڪن ٿي ليٽريچر تي بحث ڪيو، ته ڪن فلمن جي وڌيل اگهاڙپ تي. گاڏي رڙهندي ٿي وئي، انڙ پور، ٻڊا پور، مانجهند، سن، آمري، سيوهڻ، دادو، سيتا روڊ، سيتا روڊ! پوڙهي مائي پرسان ويٺل کان پڇيو، "ابا، کهڙي اسٽيشن آهي؟"

"مائي سيتا روڊ."

"ابا اسان لهنداسون. هي سامان ته دروازيءَ مان ڪڍي ڏجو." تکڙ ۾ پوڙهي کي ڏونڏاڙو ڏنائين. هن ڇرڪ ڀري اکيون کوليون. "هل... هل، لهه هاڻي... سِيتا اچي وئي. پوڙهي پوتڙو ڪلهن تي رکيو. ڪُٻو ٿي، ڪنجهندي هيٺ لهڻ لڳو... مائي وري پرسان ويٺل نوجوان کي تاڪيد ڪيو ته ابا سامان ڏجو.

"ها... ها... لهہ هاڻي ڪٽي. سامان ملئي ٿو، پڳو ڪو نہ ٿو وڃي." نوجوان عورت جيڪا ڪيس يڪو ئي ڇڙٻينڊي ۽ ڪيس گنهگار قرار ڏيندي آئي هئي، تنهن ڪيس چنپيندي چيو.

ريل ڪار هلي پئي... عورت سري ويٺي. سندس مڙس جي پير ۾ ٻيو بہ پوڙهو ويهي رهيو. مائيءَ ڪلندي مڙس کي چيو، "مُئي لٽي ئي ڪو نہ ٿي... ديگڙو ڪوڙي جو ويٺي، تہ سري ئي ڪا نہ... مون بہ ڪيس اهڙيون سنهڙيون ڇهندڙيون وڏيون، جو گهر وڃي مالش ڪرائيندي. مُئي هلي هئي ٿورو ڪرڻ..." وري پوڙهي مائيءَ جي نقل ڪندي نخرن سان ٻانهن لوڏيندي چيائين، "امڙ نيڪيءَ جو چڱو ٿي بدلو ڏين..." وري هلڪڙو ٿهڪ ڏيندي مڙس کي اشارو ڏيندي چيائين، "هيٺ فرش طرف ڏس." پنهنجو پير مٿي ڪيائين. ان هيٺان ٻہ آڏيون رکيون هيون... جُهڪي ڪنيائين. مڙس کي ڏيکاريندي، ٽهڪ ڏيندي چيائين، "مون ڪيس چڱي چوٽ ڏني... وري نہ ڪندي اڳتي ڪنهن سان نيڪي..."

مڙس ۽ زال گڏجي هڪ ٽهڪ ڏنو.





## ڊاڪٽر

نوڪر سلپ آڻي سندس سامهون ٽيبل تي رکي، هن نمي مٿس نگاهہ وڌي ۽ جلد هٻڪندي نوڪر کي چيائين، "جلدي، جلدي موڪلينس!"

پردو مٿي ٿيو. هن جون پريشان نظرون در مان لنگهي ايندڙ پيءُ جي نظرن سان ٽڪريون. هن پنهنجي جسم تي ڪِوليون ڊڪندي محسوس ڪيون ڪيس پيءُ جي اکين ۾ شفقت بجاءِ پريشاني ۽ مايوسي نظر آئي، من ۾ ٽٽل انسان جي ڪوڪار ٻڌائين. شڪايتن جي اٿندڙ طوفان سندس نظرن کي جهڪائي ڇڏيو. سندس والد سامهون ڪرسي تي ٿي ويٺو ۽ جهٽڪ امرت ڀريل پيالو ڇلڪي پيو هجي. "چو ٻچڙا! تون تہ هميشہ سنو ڊاڪٽر ٿيڻ جو تمنائي هوندو هئين، هڪ اهڙي ڊاڪٽر ٿيڻ جو... جو غريبن ۽ بي واهن جي مدد ڪري، مريضن جو آٿت بڻجي... اهڙن انسانن سان پاڀوهہ ۽ همدرديءَ وچان ملي، مٿن ظلم ۽ ڏاڍ جي ڇپن کي ٽيڪ ڏئي. مون کي حيرت ٿي، جڏهن ڪڇڙ ٻڌايو تہ تنهنجي نوڪر ڪيس ان ڪري تو سان ملڻ جي موڪل نہ ڏني، جو هو سندس ڪيسي کي ڳورو نہ ڪري سگهيو. ڪرمونءَ ڳالهہ ڪئي تہ تو بيمار پٽ کي گهر تائين هلي ڏسڻ ۾ هرج سمجهيو. ديدار ٻڌايو تہ هن جو واحد سهارو ڪانئس ان ڪري هميشہ لاءِ رسي ويو جو هن وٽ تنهنجي في ڀرڻ جي حالت ڪو نہ هئي... ٻچڙا! ڇا هي سچ آهي؟ ڇا تو وٽان خلوص، محبت ۽ همدردي فنا ٿي وئي آهي؟ ڇا تون انسانيت جي عظيم رشتي کي ڀلائي ويٺو آهين؟ ڇا تنهنجي دل کي دولت جي حرص ايترو ڪنور

ٻڌائي ڇڏيو آهي جا غريب لاءِ نہ ڦٽڪندي آهي؟ ڇا لالچ تنھنجي اکين تي اهڙا ڪوپا چاڙهي ڇڏيا آهن، جي مجبور انسانن جي منهن تي پيل گھنج بہ نہ ڏسي سگھن؟”

جذبا سندس والد جي اکين مان ڳوڙهن جو روپ ڌاري وهي پيا ۽ ۽ هن جو پورو وجود بہ هن جي همدرد دل جيان ڦٽڪي رهيو هو.

”بابا سائين!“ ڊاڪٽر جا چپ ڌار ٿيا، جڻڪ اڪ جي ڏانڊي ڪي چير اچي ويو. ”توهان منھنجي اِنسلٽ ڪري رهيا آهيو.“ اڪ جي اڇي کير جھڙو ڪڙو آواز هوا ۾ ڦهلجي ويو.

”جيڪڏهن تون انسانيت جي سبق کي بي عزتي ٿو سمجھين تہ بي شڪ سمجھہ... پر بابلا! تون پنھنجي عظيم پيشي جي حسين مجسمي کي داغدار نہ ڪرين تہ بھتر... تون ڊاڪٽر آهين، انسانيت جو خادم، تنھنجي لاءِ امير توڙي غريب هڪ هئڻ گھرجن.“ شفقت جي ورچ فضا معطر ڪري ڇڏي.

”اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان مان پنھنجون اميدون ڪڏهن بہ پوريون نہ ڪري سگھندس. مان ڪڏهن بہ ايئر ڪنڊيشنڊ ڪار ۽ بنگلو... اعلىٰ سوسائٽي ۾ اعلىٰ مقام... حسن جي ديوي پروين ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪري سگھندس.“ حرص و هوس جو بوتو زمين کان آسمان تائين ڪر موڙي ندرتا سان بيهجي ويو.

”سچي عظمت انساني خدمت ۾ آهي، ٻچڙا... تون انسانيت جي خدمت ڪر، اعلىٰ مقام تو کي پاڻ ئي ڳولي لهندو... غريبن، بي واهن، بي ڪسن جي دلجوئي ڪر. غريب گلاب جي گل مثل آهن، جي ڏکن جي ڪَنڊن ۾ پلجي بہ، گلستان کي سڳنڌ بخشيندا آهن. تون ان سڳند کي حاصل ڪر، تنھنجي منزل تو ڏانھن پاڻ ئي وڌي ايندي... سچو حسن تہ اخلاق ۾ آهي، پائوڊر ٿقيل منهن ۾ ڪو نہ آهي. جن کي تون سوسائٽي





جي پاڙ سمجھين ٿو، بي بوءِ سورج مکي گل جيان اٿئي، جيڪي خوشين جي روشني تہ دل کولي قبول ڪندا آهن پر مصيبت جي اونده کان ڊڄي ڪوماڻجي منهن هيٺ ڪري ڇڏيندا آهن...“ اڃا بہ شفقت جي خوشبوءِ ختم نہ ٿي هئي، ”ٻچڙا، سيٺ صبور جي ڌيءُ پروين کي تو غيرن جي ٻانهن ۾ بہ ڏٺو هوندو، تہ...“

”بابا... آ... آ...“ هوس جو ديوتا، سچ جي تيغي جو ڌڪ برداشت نہ ڪري سگھيو. ”مان ٻار ناهيان جو اوهين مون کي سمجھائڻ آيا آهيو.. مان پنھنجو برو ڀلو پاڻ ئي بھتر سوچي سگھان ٿو.. انسانيت...! همدردي...! مون کي ڪجھہ بہ ڏئي نہ ٿا سگھن.“ هن جي غصي پيرل منهن تي پيل گھنجن ۾ اضافو ٿي ويو.

”ٻچڙا!“ شفقت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو، ”ڇا تون غريبن جي خون سان پنھنجي ٻنيءَ کي ريج ڏيندين؟“ هڪ نهر وهي هلي.

”بس بابا،“ هن منهن ڦيري پيءُ کي پٺي ڏئي ڇڏي، ”مان ڪجھہ ٻڌڻ نہ ٿو چاهيان، اوهين هليا وڃو.“

محبت پدري اکين مان وهي پئي. هن پنھنجي ڏڪندڙ چپن کي پڪوڙي ڇڏيو، جڻڪ انسانيت جي ڊٿل مجسمي مان اڏامندڙ مٽيءَ کي پنھنجي سيني ۾ دٻائي ڇڏيو هجائين. ڪنڌ مٿي ڪري پٽ جي پٺيءَ ۾ ڇتائي نهاريائين، جڻڪ هن جي دل تي ڦِٽ ڪيائين جا قدرت سان پيريل هئي. هٿ وڌائي کيسي مان لفافو ڪڍي ٽيبل تي ڦٽو ڪري... اٿي تڪڙو تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

ڊاڪٽر مڙي ٽيبل جي مٿان پيل لفافي کي گھوري ڏٺو. هٿ وڌائي لفافو کولي پنو ڪڍيائين. سندس هٿ ڏڪي ويا. پريشاني سندس منهن تي وري وئي. سندس ئي لکيل خط هو، سال اڳ جو، جڏهن هو ٽئين سال جو شاگرد هو:

سڀاجها بابا سائين،

اڄ صبح ننڊ مان جاڳندي آنڊن ۾ وٽ پوندا محسوس ڪيم. ذهن ۾ ڳوراڻ ۽ دل ڪچي ڪچي پانيم. ڪڪين وٽان اٿندڙ وٽ اکين اڳيان اوندھ طاري ڪري ڇڏي، ساھ سيني ۾ منجهي پيو، ٻئي هٿ زور سان پڪوڙي، برداشت ڪندي، ڪامن روم مان اچي هاسپيٽل فون ڪيم. ايمبولينس تي چڙهي هاسپيٽل پهتس. پروفيسر جي ڪمري اڳيان مڪروھ صورت وارو پٽيوالو ويٺو هو. مون کي ڏسي سندس منهن گهنج هٽي ويو. سوچيم، ”هي ڊاڪٽر ته ڊاڪٽر جي عظمت تي داغ آ، نجاڻ ڪيترائي مريض ته هي نوڪر ئي دڙڪا ڏئي موٽائيندو هوندو. غريب ويچارا هن جون خوشامندون ڪندا، خرچي ڏيندا، تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر سان ملي سگهندا.“ اهو سوچيندو پروفيسر جي ڪمري ۾ گهڙي ويس. ڊاڪٽر جو ڪمرو مريضن کان خالي هو. پريان ٽيبل جي ڪرسيءَ تي ويٺل ڊاڪٽر ڪو ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول هو. وڏي سلام ڪيومانس. ڪنڌ کڻي گهوري ڏٺائين. هن جي اکين ۾ رت جهڙي ڳاڙهاڻ هئي.

”بابا مان اسٽيڊي ٿو ڪيان، ڪلاڪ کان پوءِ اچ.“ ڊاڪٽر ڳوري آواز ۾ جملو ڳالهائي، ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪتاب جو علم پرائڻ لڳي ويو. جسم جي ذري ذري ۾ سيون چڀندي محسوس ڪيم. ڪجھ دير بي جان بوتي جيان هڪ هنڌ بيٺو رهيس. ڪاوڙ وچان سوچيم ته ٽيبل تي پيل پيپر ويٽ کڻي سندس گنجي کوپڙاٽي تي وهائي ڪڍان. مغرور، ذليل، ڪمينو، وڏو آيو انسانيت جي خدمت جو دعويدار. ڪو انسان مري پوي ته.... پر هن جي گهران ڇا ويندو. مون ميڊيڪل جي شاگرد سان اهڙو رويو ته عام مريض سان ڪهڙي حالت هوندي! حضرت عليؑ جي قول، ”جيستائين تو ۾ قوت برداشت آهي، هلندو رھ“ ياد ڪري ڪجھ آٿت محسوس ڪيم. ڪاوڙ ۾ ٻاهر نڪري آيس. ههڙا ذل...





هو وڏيڪ ڪجھ پڙهي نه سگهيو. خط سندس ڏڪندڙ هٿن مان نڪري پٽ تي وڃي پيو. هن جي اکين ۾ پاڻي مڙي آيو. ذهن پريشان ٿي پيس. اکيون ۽ چپ زور سان پڪوڙي ڇڏيائين. سوچيائين، ”ڪيڏي نه عظيم هستيءَ کي رسائي ڇڏيم... پيءُ... منهنجو پيءُ... بابو سائين... عظمت... شفقت...“

هن قدم وڌايو... ڪائنات جي ذري ذري ۾ پڙاڏا ٿيندي محسوس ڪيائين، ڪار... ايئرڪنڊيشنڊ ڪار... بنگلو... سوسائٽي... عورت... مقام... پنهنجي پيرن کي وزني پاياٺين... اڳتي قدم وڌائڻ جي ڪيائين... ڪار... بنگلو... سوسائٽي... پريشاني ۽ ڪاوڙ وچان ڏٺائين، پنهنجي پيرن ڏانهن... وڪوڙيل جڪڙيل زنجيرن ۾، لالچ جي زنجيرن ۾... ۽ قدمن هيٺان ڦٿڪندڙ انسانيت کي... اکين آڏو اوندھ اچي ويس... پوءِ هو ڦيراٽي کائي ڪمري جي فرش تي ڪري پيو.

# منگهڻ

مون ست ڏئي، سوڙ کي مٿان لاهي، پرتي ڪري، ڦٿو ڪيو. تڪڙ ۾ هٿ پنيءَ تي ورائي پني تي رهڙو ڏنو. هلڪڙي ننڍڙي جيتڙي، ڪِينئين جيان سُرڪندڙ شيءِ ڪي آڱر محسوس ڪري چمٽي وئي ۽ مون ڪيس چپٽي ۾ جهلي پنهنجي اکين سامهون جهليو. ننڍڙي ٽنبڻي جيتري جيت کي منهنجين ٻن آڱرين سوگهو ڪري جهليو هو. سندس لوٽ نڪتل ننڍڙي منڍيءَ کي ڏٻي جهڙي سنهي ڳچيءَ سندس منڍيءَ سان ڳنڍيو ٿي. ڍيري بدن ۽ ڪاراڻ مائل ڳاڙهي رنگ کي ڏسي، سمجهي ويس ته ڳوٺان موڪلائڻ مهل جنهن جيت جا پار پتا ڏئي، امڙ مون کي ڊيڄاري رهي هئي، پڪ اهو ئي آهي. امڙ ڪيس منگهڻ ٿي چيو.

جڏهن مون پنهنجي شهر کان ٻه سَو ميل پري، پڙهڻ لاءِ امڙ کان موڪلايو هو، تڏهن چيو هئائين، ”پٽ! پرديس پيو وڃين، خيال سان رهجانءِ... ۽ ها پٽ! ان طرف منگهڻ به ڏاڍا اٿئي، انهن جو به خيال ڪجانءِ.“

مون وائڙو ٿيندي حيرت منجهان ڪيس چيو هو، ”پرديس!؟ پرديس وري ڪهڙو امڙ؟ مان ته پنهنجي ديس جي هڪ حصي ۾ پڙهڻ ٿو وڃان... ڪجهه ڏينهن جي پڙهائيءَ ڪاڻ! ٿوري وقت جي لاءِ، ته به پرديس ٿي چوين!؟... ۽ هو آهن، جيڪي سالن لاءِ پنهنجو ديس ڇڏي اچي، هتي ڪپي ويهي ٿا رهن، اهي به پاڻ کي پرديسي ڪونه ٿا چون... نه ٻولي، نه ڌرتي ۽ نه ئي ڪا ثقافت... ته به منهنجو ديس، منهنجو ديس ڪندا ٿا وتن... پر امڙ! اهو منگهڻ وري ڇا بلا آهي؟“





”منگهڻ ٽنبڻي جيترو ننڍڙو جيت ٿيندو آهي، جنهن جو ڳاڙهاڻ مائل رنگ سندس ڪِني خون جي ڪري ٿيندو آهي. هن جي خون ۾ ڏاڍي ڌپ ٿيندي آهي.“ امڙ چيو هو.

مون اهڙي جيت متعلق ان وقت تائين ڪو نه پڙهيو هو. مون پڇيو ، ”آخر اهو منڌيل ڪيڙو ان طرف ڇو ٿو ٿئي؟“

”پٽ، گند جي پيدائش گندي ٿيندي آهي، ان جي لاءِ ماحول سازگار هو... ۽ اهو مُئو ته انساني خون تي گذارو ڪندو آهي.“

”امڙ، اسين خونين جون ڳچيون ٿوڙي ڇڏيندا آهيون. اسين گندي خون جا دشمن آهيون. اسان ڪني خون جو وجود مٽائي ڇڏينداسون. اسان جي منڙي سڳنڌ پري ڌرتيءَ تي اهڙي ڊپيل جيون جي ضرورت ڪانهي.“

”پٽ، جڏهن اهو ڪنو خون لڳي پوندو آهي، تڏهن ان جي ڌپ ڪيتري مدت تائين نه مٿبي آهي.“

”امڙ، مان پنهنجي خون جي خوشبوءَ سان جي رت جي ڌپ کي ڌوئي ڇڏيندس، پر اهو ايترو خطرناڪ ڇو آهي؟“

”مفت جي مٽي، مفت جا گهر، بڇڙي ذهنيت، ردي پالنا، حرام جي ڪمائي... انهن جو ڍِڍر پرائي خون سان پريل هوندو آهي. رات جو لِڪي لِڪي حملو ڪندو ۽ خون پِي، وري لِڪي ويندو آهي.“

”امڙ، مان سڄاڳ رهندس ۽ سڄاڳيءَ جي پرچار ڪندس، مجال آهي منگهڻ جي، جو هاڻي رت پِي سگهي. مان ان جي جسم کي چِٿي ڇڏيندس، مان ان جي وجود کي لتاڙي ختم ڪندس.“

۽ هينئر اهو خون پياڪ منگهڻ منهنجي چپٽيءَ ۾ آهي. مون سندس وجود کي سوگهو ڪيو آهي. مان ان کي مروٽو ڏئي ماري ڇڏيان، مان سندس منڍي پيچي رکان... پر سوچان ٿو... منهنجي هٿ ۾ هن جي منڌيل خون جي ڌپ ٿي پوندي. جيڪڏهن ڪيس زمين تي ڦٿو ڪري لت

سان چيپاٽيندس تہ ڏرتيءَ تي ڏپ ٿي پوندي. مان هن کي ڪٿي ماريان، جو منهنجي هٿ ۾ ڏپ نہ ٿئي ۽ نہ منهنجي ڏرتيءَ تي گند ٿئي؟ مون کي ڏرتيءَ تي گند نہ گهرجي، مون کي ڏرتيءَ تي ڏپ ڪا نہ ٿي وڻي —— مان هن کي ڪٿي ماريان؟





## ڪٿان ڪان ڪٿي

ٺڪ... ٺڪ... ٺڪ... ٺڪ...

ٺڪ ٺڪ جو آواز ٻڌي نوجوان ڇوڪريءَ اوچتو ڇرڪ ڀريو. هن جي ماءُ هڪ ننڍڙي صندوق ٺاهڻ ۾ رڌل هئي. ڏاڍي تڪڙ ڪندي پٽين ۾ ڪوڪا هڻي رهي هئي، پر ڪوڪن تي متڪو تمام هوري ٿي هنيائين، جيئن ٺڪ ٺڪ جو آواز گهر کان ٻاهر نہ پهچي.

ڇوڪرِي، جنهن جي پير ۾ تازو ڄاول ٻارُ گهري ننڊ ۾ پيو هو، اٿي ماءُ جي ويجهو وئي. اڌ رات جو ماءُ کي صندوق ٺاهيندي ڏسي، حيرت مان چيائين، ”منڙي امڙ، تون هي ڇا ٿي ٺاهين؟“

ماءُ جا صندوق ٺاهڻ ۾ مصروف هئي، هڪ ڪوڪي کي هوريان متڪي جو ڌڪ هڻندي چيو، ”ڌيءَ! آهستي ڳالهاءِ!“

نوجوان ڇوڪريءَ پنهنجيءَ ماءُ جي احتياط نہ سمجهندي، وري چيو، ”منڙي امڙ، تون هي ڇا ٿي ٺا...“

”خاموش!“ ماءُ صندوق جي مٿين پٽي تي آخري ڪوڪو هڻندي آهستگيءَ سان سندس ڪن ۾ چيو، ”ٻاڙين ننڊ پيو آ نہ؟“

”ها ها، امڙ!“

”ان کي ڪٺي آءُ!“

”ڇو... امان، هو تہ ڏاڍي مزي سان ستو پيو آ.“

”اجا آهستي ڳالهاءِ ڌيءُ، وڃ ٻارُ کي ڪٺي آ.“ ڌيءُ ماءُ جي حڪم جي پوئواري ڪندي ڊڙڻ هٿن سان پنهنجي ٻارُ کي ڪنيو. هو اجا

ننڍ ۾ هو. ماءُ وٽ آڻي سندس هٿن ۾ ڏنو. ماءُ ٻارڙي کي سيني سان لڳائي پيار ڪيو. پوءِ صندوق ۾ رکي ڍڪ بند ڪرڻ لڳي.

"هاءِ منهنجي امڙ! تون هي ڇا ڪري رهي آهين؟" ڇوڪريءَ خطرو محسوس ڪندي چيو.

"چپ ڪر ڌيءُ! صبر.. صبر، الله جو حڪم اهو ئي آ."

ماءُ جواب ڏئي صندوق جو ڍڪڻ بند ڪري ڇڏيو. نوجوان ڌيءَ اکيون ڦاڙيون، سڀ ڪجھ ڏسندي رهي. ماڻس صندوق جي وٿين ۾ ميڻ هڻي، ڪلهي تي رکي، در ڏانهن هلڻ شروع ڪيو.

نوجوان ڇوڪريءَ ماءُ جي پوئواري ڪئي. ڪالهه هن کي ڪيتري نه خوشي ٿي هئي، جڏهن الله تعاليٰ هن کي هڪ تندرست، سهڻو ۽ خوبصورت پٽ عطا ڪيو هو. اڄ هن ننڍڙي ابهم پٽ کي ماڻس صندوق ۾ بند ڪري، الائي ڪاڏي نيئي رهي هئي. وري مصيبت اها جو ٻڌائي به ڪو نه پئي. نوجوان ڇوڪري دل ئي دل ۾ پُڃي ڪباب ٿي وئي. هن جي دل گهربو ته جيڪر ماءُ کان صندوق کسي، ان مان پنهنجي منڙي پٽ کي ڪڍي، ڪنهن اهڙي هنڌ ڀڄي وڃي، جتي ڪائنس ڪو به سندس پٽ کسي نه سگهي. هن اڳتي وڌي، ماءُ جي چولي جو پلئه پڪڙيندي چيو، امڙ!"

"خاموش ڌيءُ"

"هاءِ الله! تون ادي کي..."

"چپ ڪر، بلڪل خاموش! آباديءَ مان چپ چاپ نڪري هل."

"پوءِ تون ٻڌائيندينءَ، ته تون ادي کي ڪاڏي..."

"ها... هائو ڌيءُ! ڏس پيرن جو کڙڪو به نه ٿئي."

ڇوڪري چپ ٿي وئي. آباديءَ کان ٻاهر ايندي هن وري پڇيو. ڀلا هن کي صبر ڪٿي هو.





""پاڻيءَ کي نيل ۾ وهائيندس." ماڻس جواب ڏنو.

"هاءِ امڙ! تون هي ڇا ٿي چوين؟ هي ڇا ٿي ڪرين؟ ادا جيئرو ڪيئن رهندو؟ نيل جا جانور هن کي ڪاٽي ڇڏيندا؟ تو کي ڇا ٿي ويو آ؟ تو کي پنهنجي خون سان ايتري محبت به ڪانهي! هاءِ امڙ! جيڪڏهن تون هن کي پالي نه ٿي سگهين، ته مون کي ڏي. مان پنهنجي پٽ کي ڪٽي وڃي ڪنهن جهنگ ۾ رهنديس. مان کيس وٺي وڃي اهڙي جاءِ تي رهنديس جتي کيس ڪو به لهي نه سگهي، امان...!"

"نه ڌيءُ" ماءُ هن کي جهل ڪئي، نه ڌيءُ! مون کي ائين ڪرڻ کان نه روڪ. صبر ڪر، اهو ئي الله جو حڪم آهي. پرواهه نه ڪر، اهو الله تنهنجي پٽ جي حفاظت ڪندو."

"اهو ئي الله جو حڪم آ." ڇوڪريءَ ماءُ جو جملو ورجايو.

"ها ڌيءُ!"

"هاءِ منهنجو پٽ!"

"ڌيءُ خدا تنهنجي پٽ جي حفاظت ڪندو."

ڇوڪريءَ پنهنجا ڳوڙها اگهي ڇڏيا. هوءَ ماءُ پويان هلندي رهي. سامهون نيل درياءُ طوفاني بيقراريءَ منجهان لهرون هڻي رهيو هو. ماءُ هٿ وڌائي صندوق کي نديءَ ۾ وهائڻ ٿي چاهيو ته ڌيڻس ڪٽي هٿ جهليس. چوڻ لڳي، "امڙ، ٿورو ترس، نديءَ جي بيقراريءَ کي نه ٿي ڏسين؟"

"ڏسان ٿي، پر الله جو اهو ئي حڪم آهي."

اهو چئي هن صندوق کي وهڪري ۾ ڇڏي ڏنو ۽ ڏاڍي اطمينان سان چيو، "اي خدا مون تنهنجي حڪم ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪئي. اي الله! تون منهنجي خطائن کي معاف ڪج. تنهنجي امانت تنهنجي حوالي." ۽ ڌيءُ کي چيائين، "ڇڳو! نيل جي ڪنڌيءَ سان هلندي وڃ. ڏس ته الله پنهنجي ٻانهن جي ڪيئن ٿو نگهباني ڪري؟" اهو چئي ماءُ گهر

ڏانهن رواني ٿي ۽ ڇوڪري پنهنجي پيءُ جي لڙهندي صندوق کي ڏسندي نيل نديءَ جي ڪنڌيءَ سان هلندي رهي. جڏهن ڪنهن لهر وجهي صندوق سان ٽڪرايو ٿي ۽ صندوق ڏڏي ٿي ته بي اختيار هن جي زبان مان "يا **الله**" نڪتو ٿي.

هوءَ **الله الله** ڪندي، صندوق جي سِڌ ۾ ڪنڌيءَ سان هلندي رهي. ڪيترائي دفعا ائين ٿيو جو صندوق وهندي وهندي ڪناري جي ويجهو اچي ٿي وئي، ۽ ڇوڪريءَ چاهيو ٿي ته هوءَ صندوق ڪڍي وٺي، پر تڏهن اوچتو سندس ماءُ جي لفظن سندس ڪنن ۾ گونج ٿي پيدا ڪئي: "ڏس ته **الله** ڪيئن ٿو پنهنجي ٻانهن جي نگهباني ڪري."

هوءَ هلندي رهي، ڪيترو ئي وقت هلندي رهي، تان جو پرهه ڦٽي، صبح ٿيو، سج اڀريو. هڪ وڏو محل ڇوڪريءَ جي رڪاوٽ بڻجي پيو. هي عاليشان محل نديءَ جي ڪناري تمام وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هو. ڇوڪريءَ سوچيو ته محل جي چوڌاري چڪر هڻي نديءَ جي پوئين پاسي پهچڻ گهرجي. ڪپڙا ڪنجي، وڏو ساهه کڻي، چاهيائين ته ڊڪ پائي، ته اوچتو ڇا ٿي ڏسي جو ڪجهه عورتون چمڪدار ڪپڙا پهريو، محل جي ڪوٺي تي بيٺيون آهن. انهن ۾ جيڪا وڏيڪ عزت واري عورت ڏيکاري ٿي، تنهن اوچتو صندوق طرف اشارو ڪندي، پر ۾ بيٺل عورتن کي ڪجهه چيو. پوءِ ڇوڪريءَ ڏٺو ته ڪجهه مهاٽا چار کڻي محل مان نڪتا. صندوق تي چار اڇلايو ويو. صندوق چار ۾ ڦاٿي، مهاٽن صندوق ڇِڪي ۽ کڻي محل ڏانهن هليا.

ڇوڪري کي صبر ڪٿي. هوءَ به پويان پويان هلندي رهي ۽ مهاٽن سان گڏ محل ۾ هلي وئي. مهاٽن صندوق محل جي مالڪياڻيءَ جي حوالي ڪئي، انعام اڪرام ورتا ۽ موٽي ويا. ڇوڪري بيٺي رهي. هن ڏٺو ته مالڪياڻيءَ صندوق کولي. صندوق کوليندي ئي سندس واڇون ٽِڙي





پيون (منهن تي مرڪ پکڙجي ويس). بي ساخته سندس زبان مان نڪتو "ٻار!"

ان وقت ڇوڪريءَ جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. هوءَ پنهنجي دل تي هٿ رکي، مالڪياڻيءَ کي هڪ ٽڪ گهوريندي رهي. سندس ڇنگهون ڏڪي رهيو هيون. هن جو من چاهي پيو ته ڊڪي پنهنجي پيءُ کي کڻي ۽ وٺي ڀڄي، پر اوچتو سندس ڪنن ۾ آواز اڀريو: "ڏس ته **الله** ڪيئن ٿو پنهنجي ٻانَهن جي نگهباني ڪري." هن پنهنجو پاڻ قابو رکيو. مالڪياڻيءَ ٻار هٿ ۾ کنيو. پنهنجي پيءُ کي جيئرو جاڳندو پنهنجون آڱريون چوسيندو ڏسي، ڇوڪري ٽڙي پئي. هن جي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ پيدا ٿي. هوءَ بيٺي ڏسندي رهي.

ٻار کي هٿن ۾ مٿي کڻندي ماڪياڻيءَ جو منهن (ڇڙڪ) بي اختيار هيٺ جهڪندو ويو، تان جو سندس چپ ٻار جي ڇپن سان ملي ويا. چميائين، چٽيائين، منيون ڏنائين، پيار ڪيائين. پوءِ پر ۾ بيٺل عورت کي حڪم ڪيائين. "ملڪ جون خوبصورت، نوجوان، سونهن ۽ سوڀيا واريون کير پياربندڙ دايون حاضر ڪرايو."

حڪم جي دير هئي، ڪيتريون ئي دايون حاضر ڪيون ويون. انهن ٻار کي کير پيارڻ گهريو، پر ٻار ڪنهن جو به کير منهن ۾ نه ورتو. ڇوڪريءَ اهو حال ڏسي اڳتي وڌي مالڪياڻي کي چيو، "جيڪڏهن توهان حڪم ڪريو ته مان اهڙي دائي حاضر ڪيان، جنهن جو کير هي ٻار ضرور پيئندو."

"جلدي ڪر." مالڪياڻيءَ حڪم ڏنو ۽ ڇوڪري خوشيءَ مان جهمريون هڻندي، نچندي، ٽپندي، محافظ ۽ مددگار **الله** جا ڳڻ ڳائيندي، پنهنجي گهر ڊڪندي ٿي وئي. هوءَ بي پرواهه ڀڄي رهي هئي. هن کي

ٽڪرائڻ جي پرواهه ڪا نہ هئي، هن کي رستي جي ڪَنڊن جي پرواهه ڪا نہ هئي، ائين ٿي پئيو ڄڻڪ ڪوئي هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو.

نوجوان ڇوڪري سهڪندي گهر آئي. ماڻس ڄڻڪ سندس انتظار ٿي ڪيو. ”امڙ مبارڪ.“ آواز ٻڌندي ئي ماءُ ڌيءُ ڏانهن ڊوڙ پاتي. هن کي سيني سان لڳائي، سندس وات تي هٿ رکيو. ”چپ ڪر ڌيءُ، خاموش.“ ڌيءُ کي گهر جي ڪنڊ ۾ وٺي وئي. ويهندي ويهندي ڌيءُ ماءُ کي چيو، ”الله پنهنجي ٻانهن جي نگهباني ڪندو آ.“

پوءِ ماءُ ڌيءُ کي ڏٺو، ڌيءُ ماءُ کي... ٻي گهڙيءَ ڌيءُ اڳيان اڳيان، ماڻس پويان پويان ساڳي رستي تي وڌنديون ٿي ويون.





## سخاوت ٻچيءَ پئجي وئي

هوشيار ٿي گهم ٻچا.

هن حصي کي گاڏين جو کاتو چيو ويندو آهي.

۽ اهو بہ ڄاڻين تو تہ اڄ ڪلهہ ڊرائيورن کي ليسن (لائيسنس) مفت پيا ملن.

پلا مصيبت بہ کهڙي اچي ڪڙڪي ٿي.

(شاگرد ماڻهوءَ لاءِ پوبون ڏينهن وڏي مصيبت آهي.)

نَوي پيسا، نوي پيسا، نوي پيسا، پيو ڪندو وتين.

ائين ٿيندو آ!

مهيني جي پوئين تاريخ پوبون ويلو.

اڄ ڪٽي ماني نہ کاڌءِ تہ ڇا ٿي پوندو؟

سڄو ڏينهن بہ تہ پاٽيءَ تي تڙڳي گذاريو اٿئي! سياڻي هونئين ئِي اسڪالرشپ ملندءِ. باقي ڇا گهرجئہ... پرواهہ ناهي.

پر بک!؟

بک ڪيئن سهي سگهندس؟

پوءِ پٽ! تو کي ڪير ٿو چوي تہ شهنشاهن وارو خرچ ڪر؟

هٿ ڦاڙ!

هر ويلي گوشت! هر ويلي ڪڪڙ!

آنڊن ۾ ڦَٿ ٿي پوندءِ، چريا!

پيسا گهرائي گهرائي مالڪن کي چريو ڪري رکيو اٿئي. ڪا دال!؟ ڪا سبزي!؟ ڪا ڀاڄي!؟

مڙيوئي ويلو ٽارٽو.

نوي پيسا اٿئي نہ. اڄ ڪٽي دال کاءُ!؟

دال!؟

(دال جهڙو ٻيو حرامي ٻوڙ ڪونهي.)

پوءِ پلا سبزي!؟

(دست ڪندي.)

آخر ڪجه تہ ڪرڻو آ؟

گڙ گڙ پئي پوي پيٽ ۾،

صبح لاڪون لنگهڻ ڪٽيو آ،

ماشاءَ الله، ڪٽي دال ٿو کاوان.

پوءِ پلا سستي ماني ڪٿي ملندي؟

اها خبر بہ ڪا نہ اٿِي.

ايئرڪنڊيشنڊ، ايئرڪنڊيشنڊ پئي پونڊءِ،

خواهہ مخواهہ اٺ ٻارنهن آنا ٽپ ڏيٺي پوي،

بل وري آنڊا ڏاهہ (هاضمو ئي خراب).

جيڪڏهن ڪُنڊ پاسي ۾ ڪو سستڙو هوٽل تاڙين؟

ڪيڏا نہ مزا.

بچت جي بچت، ڪاڏي جو ڪاڏو.

پرا؟

اڳي جديد دانشڪده ۾ جو مَڪ پيل ٻوڙ مليو هو.

(مڪ نہ ملندءِ تہ گڏهہ، گهوڙو ملندءِ؟)

انهن مڪين ئي تہ انهن غريب هوٽلن کان پڄايو.

پٺهين بہ غريب ابن غريب آ... پٽ!

پوءِ هاٽي ڪاڏي هلان؟





نمعت ۾؟ بخارا ۾؟ رحمت ڪده ۾؟

(نالا تہ سٺا رکيا اٿئون پر لاهيندا چَٽيون.)

نالا ئي ابتا ٿا رکن.

جديد دانشڪده ۾ ويٺل هڙئي بيوقوف هئا.

ٺيڪ آ، پوءِ سلطان هوٽل ۾ ٿو هلان.

ويهہ.

ٽيبل تي مئل مکين جو خيال نہ ڪر.

دل ڳاؤن ماؤن پئي ڪري.

ٻي نؤسو ٿي ويهہ.

هوشيار.

ڄاڻ فرشتو اچي نازل ٿيو.

هي هي، آيو آيو.

(ڪڙڪيو اچي نياڳو.)

اڪيون نہ مرڪاءِ

ٽيڏو نہ ٿيءُ،

پڇينس تہ دال گهٽي؟

هائين ٻارنهن آنا!؟!

(۽ پندرهين پيسين هڪ ماني؟)

مري ويس،

بيرا ڀائي! في الحال پاٽي ڪٽي آءُ.

پڇ هوٽل مان تہ ڪٽي نہ اچئي دال.

آ... ها...

هاٽي ٿڏي ٿڏي هوا کاءُ، پٽ!

نہ، ٿڏي هوا نہ کائيندس.

ڪَلُو پائي جا پڪوڙا ڪائيندس.
واهه جو خيال آيو آ.
شاباس مون کي.
ائين آني جا پڪوڙا.
ٽيهين پئسي ٻه مانيون.
ڏهه پئسا پاڙي جا.
(هونئن ته ڪنڊڪٽر کي چئبو ته اڳيون سنگتي ٽڪيٽ وٺندءِ، ته به ٽري ويندو، پر بي ايماني چو ڪيان؟)
پلا جي پنجتيهن پئسن جا پڪوڙا ۽ ٽي مانيون؟
ڪهڙو خيال آ؟
خيال ته گلاب جو گل آ.
وٺ پنجتيهن پئسن جا پڪوڙا.
هل سائين هاٽي هل.
پڪوڙا ته واهه جا ڪوسا آهن!
هاٽي ڪهڙي پاسي وڃان؟
اسٽيشن روڊ تي، سبحان الله ريسٽورينٽ ۾!
ٺيڪ آ.
ڪا ڪنڊ پاسي ڪرسي وٺي ويهه.
ماڻهو ڏسندا ته چا چوندا؟
ٻه گِرانيون وارا! ريشمي ڪپڙا! اڇيءَ ڪڙيءَ وارو بوٽ! ۽ پڪوڙن سان ماني!
(ماڻهن جي پيءُ جي گهران ٿو کاوان چا؟)
لهرايان چو؟
وچ ۾ ويهندس.





ڏسان ٿو ته چا ٿا ڪن؟
ٽي مانيون ڪٽي آ... ۽ هڪ پليٽ...
بسم الله ڪر.
(سيڪيل ڪڪڙ سمجهي ڪاءُ)
(شايد ڪنن تي ڪو آواز پيو پوي.)
"خدا کي نام پي بابا!
"نابينا هون. بَهت پُوڪا هُون.
"بچي ني پِي نهين ڪايا."
لاحول ولا. لاحول ولا...
پر پٽ! ڪم نه ٿيو.
چڱو پلا. اج ڪا سخاوتڙي ڪر.
وڏا وڏا ولي عمدا عمدا ڪاڌا به فقيرن سان گڏ ڪائيندا هئا.
تون ڪٽي ننڍڙو ولي ٿي.
يا ٿيڻ جي ڪوشش ڪر.
ٺيڪ آ.
ويچارڙي نينگرڙي به گڏ اٿس.
ٻارڙي آ. ٻک لڳي هوندس.
"مني، اِڌر بيٺو.
"بابا ڪو پي بٺاؤ.
"ميري سات ڪانا ڪاؤ."
ٻيلي فقير شڪريو بجا پيو آڻي!
آهي ته ڪو پلڙ ماڻهو.
پر هيءَ چوڪري چو نه ٿي ڪائي؟
هائين!؟

پيٽ تي هٿ پئي ڦيري.

(پيٽ پريل اٿس!)

آهستڙي، آهستڙي، ذرڙي ذرڙي ڪري پيو ڪائي.

ڪيڏو نه سادڙو آ ويچارو.

شايد مون غريب جو پيو خيال ڪري.

معصومڙو، سپاجهڙو، غريبڙو.

هائين!؟

شايد هي پَرينءَ اک مان ڏسي پيو!؟

(خير ڪڏ ۾ وڃي پوي، هِي به، ته هن جي اک به.)

اڙي منهنجي گهورڻ تي بند ڪري ڇڏيائين.

ٺيڪ آ منهنجو ڇا وڃي؟

"بابا ڪائونا، مين غريب هُون، پڪوڙي ڪا رها هُون... تم پي ڪاؤ."

او هوا!؟

هي ڇا پيو چوي؟

"اپي روزه افطار ڪيا هي!". "پڪوڙي بهت ڪائي هين!". "پيٽ پرا هوا هي!". "سالن سي ڪاؤن گا!"

مارا! هي به گوشت نوش فرمائيندو؟

يا منهنجا مولا، تون پناهه ڏج، هي مڪر به ڏئو.

"پوڪا هون! ڪچ پي نهين ڪايا!"

ٻ وري ٿو چوي، "اپي پڪوڙون سي افطار ڪيا هي."

ٺيڪ آ، مان ته ڪاوان.

جو اچي هن ويل ۾ ڦاٿس.

پنهنجو ته پيٽ پريان.





گرهه ئي نه ڪنيم ته اچي پوٽ جيان نازل ٿيو.

لوٽي ديسان!

ٻچي ٻچي جو پٽ!

اڳهون ته سادو پيو چوينس، من!

(سادو نه، سادگي جو پٽ).

مڪار... ڪنو.

او هو هو هوا!

ڇوڪريءَ کي پيو چوي ته ٻيري کي سڏ ڪر؟

مارائي نه؟

"اڙي بابا! ميري پاس تو پيسا پي نهين هي.

"سالن ڪي سي ڪاؤ گي؟"

هائين! هن وٽ پيسا آهن!

واهه واهه! فقير ته ڪو امير جوان آ.

ٺيڪ آ.

ٻوڙ گهرائي ته مان به ٿو هن سان گڏ ڪاوان.

ڇَهر ته ڪيان.

پڪوڙا ته اڳرن ئي ڪو نه پيا.

مارا! فقير ته چالاڪ آ.

ٻَها پيو پچيس.

هينئن ٿس! خبر پيس نه!

(ڪيتري ويهين سؤ آ؟)

ڏيڍ رپئي گوشت ٻڌي نڪ ئي ڦِسي پيس.

ٽيڳر ئي موڪلائي ويس!

ڏاڍي ڏگر پيو ڪري!

هليو هو مڙس گوشت کائڻ.

”بس بابا پڪوڙي کاؤ.

”پوڪ ۾ تو پياز ڀي اچي لگتي هين.“

اڙي هي ڇا ٿو چوي؟

”گهر جا ڪر کاؤن گا. ابي پيٽ ڀرا هوا هي.“

هون هون. هي مانيون ڇو پيو ويڙهي؟

اڙي گڏهه. وٺ ڪرينس.

هي ته مورڳو مانيون ئي ڪنيون پيو وڃئي!؟

اڙي! وات ڇو پٽجي ويو اٿئي؟

(بند ڪر ته مَک نه گِهري وڃئي.)

اڙي! هي ته پڪوڙا به پيو ويڙهي.

وائڙو ڇو ٿي ويو آن؟

(هي جسم تي ڪوليون ڇو پيون ڊوڙنديون محسوس ٿين؟)

(هي ڪنن ۾ سيسڙاٽ ڇو پيا اڀرن؟)

اڙي بابا! هي فقير ته ڪسڪيو پيو وڃئيَ!

اوهه. هي ويو.

(مٿي ڪي چڪر ڇو پيا اچن؟)

(اکين آڏو اوندهه پئي ڇانئجي.)

اکيون مهٽ. ڊوڙ پاءِ.

اري چريا! پڪوڙا. ماني. ويا!

ڊڪ!

وٺ ڪرينس.





## اڄ جا سورهيه

مَسَ مَسَ بس اولڊ ڪيمپس وٽان ڇُري، حيدر چوڪ مُڙي، جرنيل اعظم شهيد هوش محمد شيدي روڊ تي ڊوڙڻ شروع ڪيو. سياري جي موسم رات جا ڏهه ٿي رهيا هئا. مان بس ۾ عورتن وارِي پهرين (ڊرائيور جي پويان) سيٽ تي ويٺل هئس. اڄ عزيزن کان موڪلائيندي دير ٿي وئي، ڊڪي ڊوڙي اچي يونيورسٽي ويندڙ آخري بس پڪڙي هئم. ڇئن جي سيٽ تي اسان ست ڇوڪريون ويٺيون هيون سي. مان وچ ۾ هئس. ڇوڪرا هيڏي هوڏي در درين (خاص ڪري ڊرائيور ويجهي) مان زور لڳائي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ڊرائيور جي ڇوڏاري ڏنل پائيپن جي ڪنهڙي تي ڪيترائي ڇوڪرا ويٺا هئا. ڪجهه ڊرائيور جي ساڄي پاسي دٻيا پيا هئا ۽ ڪيترائي سامهون واري شيشي سان ڳاهٽ ٿيا پيا هئا.

”اڙي يار. زور نه ڏيو...“ آواز ڪن پيم. جهٽڪ پيٽ ۾ وٺ ٿيو هجيس. آهستي ڪنڌ ڦيرائي کاٻي طرف ڏٺم. قد جي ڊگهي سنهڙي سيپڪڙي. ڏانداري جهڙا ڏند ڪڍي. ڏونگهي ۽ ڊگهي مٿي واري شڪل. واڇ ڇيڪي. اهڙو منهن بگاڙيو. جهٽڪ هُو آخري ڇيڙي تي ويٺل ڇوڪريءَ مٿان ڪرڻ نه چاهيندو هجي (جڏهن ته هو اڳ ئي ايترو ليٽيو پيو هو جو ڇوڪري ويچاري ڪُٻي پئي ٿي. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪيون ويٺي هئي). سيپڪڙي تارا ڦيرائيندي بس جي پوئين حصي ۾ ڪنهن کي گهوري اک پڳي.

”ڏي خبر. مزي ۾ آهين نه؟“ نيٺ ڀهراڙيءَ جو لهجو. ليڊيز سيٽ پويان ڪنهڙي پرسان هڪ آواز آيو.

"هتي ته گرمي ئي گرمي آهي." هن ڏندن کي وڏيڪ ظاهر ڪندي چيو. مون ڪنڌ هيٺ ڍرڪائي ڇڏيو. سوچيم: پراڻن تي ڪهڙي ميار، هي پنهنجا به اسان لاءِ ڪوئي جذبو نه ٿا رکن. جيڪڏهن اها ڇيڙي واري ڇوڪري پنيان بيٺل نينگر جي سڳي ڀيڻ هجي ها، ته هن ڏند ڇيڪي کي، اهڙي سيڪٽ ڏي ها جو..."

گاڏيءَ هير آباد وارو ٽرن ڪٽيو.

"اڙي... اڙي يار! ڪجھ ته خيال ڪيو.." ساڳيو ئي ڇوڪرو ڇيڙي واري ڇوڪريءَ مٿان ٿي ڪريو. ڪنهڙي ۾ هٿ وجهي اهڙو مهاندو بگاڙيائين، ڄڻڪ سڌو ٿي بيهڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪندو هجي. سوچيم: "ڪيڏا نه مڪار ۽ حرفتي، ايڪٽر ۽ دوکي باز آهن. پر ان ۾ انهن جو ڪهڙو ڏوهه! پنهنجي فطرت کان مجبور آهن... اسان جي پنهنجي اکين جو پاڻي چو مري ويو آهي!"

"اي ابا! ٿڌي هوا ٿي اچي، اها دري ته بند ڪيو." ڪنهڙي جي پويان واري سيٽ تان آواز آيو ۽ وري "هي... هي... هي..." ٺهڪڙو.

ساڄي طرف ڪنڌ ۾ ويٺل ٿلهي ڇوڪري نعيمه تي اکيون ڪپائي ڇڏيم، جا هن قهر جي سرديءَ ۾ به دري کوليون ويٺي هئي. نعيمه منهنجي ڪلاس فيلو هئي.

هوءَ اهو ٻڌائيندي ذرو به نه هٻڪندي هئي ته ڪيس ميڊيڪل ۾ داخلا لاءِ ڀهراڙيءَ جو ڊوميسائل صرف انهن ڏهن ٽوڪرن جي قربانيءَ سان مليو هو. پنيان ڇيل جملو ٻڌي منهن تي مرڪ پکڙجي ويس. ٿڌي هوا لڳڻ ڪري نڪ مان ٽسو وهي آيو هوس. ٺهنڪري نڪ تي رومال اهڙي ته نزاڪت سان رکيائين، ڄڻڪ ان ۾ ٻين جو ڏوهه هجي.

"ڊرائيور.. ابا آهستي... هيڏي نڪ مان سنڌو ٿو وهي."





وري ٺهڪڙو ٻڌڻ ۾ آيم. نعيمه تڪڙ ۾ ڪنڌ پوئتي ورايو. ڏند ڪڍي وري سڌي ٿي ويٺي. پوئتي وري ٺَهه ٺَهه ٿي وئي. مون سوچيو ته منهنجن ڀائرن جي ذهنن ۾ ايڏي گندگي ۽ غلاظت ڀرجي وئي آهي، جو نڪ مان وهندڙ ٽسي کي سنڌوءَ جو پاڻي پيا چون.

سنڌو.. ڪاڏي سنڌوءَ جي عظمت، ڪٿي ان جو پوتر پاڪ پاڻي، ۽ ڪاڏي...!

"اف! اسان پاڻ ئي پنهنجي سورهين جي سورهيائيءَ سان اڏيل تاريخ کي لتي ڇڏيو آهي؟ ڇا اسان ڄام ابڙي سَمي ۽ ممٺ کي مٽيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي؟ ڪٿي اسين شاهه جو پيغام ته نه ڀلائي ويٺا آهيون؟ ڇا هي اياز، تنوير، شمشير، قمر، امداد، انور کي مورڳو ٻڌندا ئي نه آهن؟" اکين ۾ ڳوڙها تري آيم. مون ڪنڌ موڙي اڄ جي سورهيه جوڌن جو ديدار ڪرڻ گهريو. ڪنهڙي پويان ڀرين سيٽ تي ويٺل ٻن سنڌي ٽوپي ڀريل نوجوانن هڪ ٻئي کي ڪتڪتايون پئي ڪيون. اوچتو هڪ جي نظر مون تي پئجي وئي، ٻئي کي نوٽ هنيائين ۽ پوءِ ٻئي کلڻ لڳا. ڄڻ ڪا کيپ ڪٽي هجين.

# هڪ انسان

## ٻـار:

عيدو جڏهن ڄائو هو تڏهن هن جا ماءُ پيءُ ڪِلي پيا هئا. سالن جي منٿ ميڙ ڪان پوءِ تہ مليو هونِ عيدو. سندن ڪندَر جيان ويران زندگيءَ ۾ رونق، قوت ۽ جاڳرتا پکڙجي وئي هئي. خزان تباهيل باغ ۾ ڄڻڪ گل ٽڙي پيا هجن. عيدو جڏهن هنبوچيون هٽندو هو تڏهن ٻئي مامتا ۽ شفقت جي بي اختياريءَ ۾ ڪيس سيني لائيندا ۽ مِنيون ڏيندا هئا. عيدو سندن زندگيءَ جو سَتُ هو. عيدو جڏهن ٻانبڙا پائي گهمندو هو، تہ هو ٻئي ٻانبڙا پائڻ لڳندا هئا. عيدو جڏهن ٻاتا ٻاتا ٻول ٻولڻ لڳو، تڏهن پٽهنس جو ڏينهن جي مزدوري جو ٿڪ پلڪ ۾ لهي ويندو هو ۽ ماڻهنس گهريلو ڪم ڪار جي ٻچان جو احساس جهٽ ۾ وڃائي ويهندي هئي. عيدو جڏهن ڪٽ جي پائي يا پيٽ ڪي جهلي لڏندو لچڪندو اٿي ٻيهندو هو، تڏهن هو ٻئي مرڪي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا هئا ۽ سندن نظرون ڄڻڪ ٻولڻ لڳنديون هيون: ڇا جنت هنن احساسن کان وڌيڪ بخشيندڙ هوندي؟ ڇا اتي ٻاتا ٻاتا ٻول ٻڌي سگهنداسون؟ ڇا اتي اسان جي زندگيءَ جو ٿڪ پلڪ ۾ لهي ويندو؟ پوءِ ٻئي کلي، ڪنڌ ڌوڻي، آڱريون ڇت طرف اڀيون ڪري، بيخوديءَ ۾ مرڪڻ لڳندا هئا. عيدوءَ جون رڙيون ۽ ٻاڪار ڪين پري ڪٿي مندر ۾ وڄندڙ گهنڊڙن جي ياد ڏياريندي هئي. عيدو جا ٽلول ٽهڪ، هو جهرڻن جي جهونگار پائيندا هئا. عيدو جي ڪري سندن گهر جنت هو، عيدو سندن بيخودي هو.





## جوان:

عيد محمد هڪ جاننو جوان آهي. سندس قد ڪيرٽر جيان اڀو ۽ سينو سنداڻ جيان مضبوط آهي. هن جا ڏورا فولاد جيان سخت ۽ اکيون ڪرڙيون ۽ چمڪدار آهن. هن جي آواز ۾ صفائي ۽ ڪڙڪائي آهي. هو چوي ٿو:

”ڇا جو ڏک؟ ڪنهن جو ڏک؟ بابا مري ويو، مرڻ ڏينس. امڙ مري وئي، مرڻ ڏينس. آخر هنن کي مرڻو هو نہ. مان ڇو روئان؟ روئڻ سان ٿيندو ڇا؟ توهين چئو ٿا، مان سخت دل آهيان! پاڳل! ان ۾ سخت دليءَ جي ڪهڙي ڳالهہ؟ مون کي بيحياءُ ٿا چئو، جو مان ڪپڙن پهرڻ جي خلاف آهيان. بيوقوفو! انسان پيدا اگهاڙو ٿئي، مري تہ بہ اگهاڙو، باقي ڪيس ڪپڙن جي ڪهڙي ضرورت! هي جيڪي مون ڪپڙا پاتا آهن، صرف مجبوريءَ ڪري، جو اوهين ۽ اوهان جهڙو ذهن رکندڙ ٻيا ڪوڙهہ مغز منهنجي پٺيان خواهہ مخواهہ ڪاهي پوندا. مان ڊڄان نہ ٿو: ڪنهن کان بہ نہ، خدا کان بہ نہ. خدا آهي ڇا؟ وڏيرو نصير ڪوڙهہ سبب مري ويو. چون ٿا تہ خدا کيس اذيت جو موت ڏنو، ڇو تہ هن جوانيءَ ۾ ڪيترن جي زندگي تباهہ ڪئي! هن اربو موچيءَ جي ڌيءُ گم ڪرائي، شيدي جي گهر ڌاڙو هڻايو، پر مان ٿو چوان تہ هو پاڻ مري ويو، هن کي ڪوڙهہ ماريو. وري چون ٿا تہ دولت جمعدار کي بہ خدائي عذابن ماريو، ڇو تہ هو ڇوڪرين جي زندگي تباهہ ڪندو هو. اڙي چريؤ! دولتُ تہ ناسور سبب مري ويو، هن کي وري خدا ڪيئن ماريو؟ مون کي نہ ٿو ماري؟ مون کي عذاب ڪو نہ ٿو ڏئي! مون کي اذيتن ۾ مبتلا نہ ٿو ڪري! ڇو؟ ڇا مان سندس عزيز آهيان؟ مون بہ چوريون ڪاريون آهن، مون بہ ڪيترين جي عصمت لٽي آ، عزت غرق ڪئي آهي. مون بہ ڌاڙا هنيا آهن، مون بہ بيوهہ عورتن جا اڪيلا پٽ قتل ڪيا آهن. مون نوجوان سهاڳڻين جا خاوند ڪٽا آهن. مون معصوم

ٻارن کي چورائي بيگار ڪئمپن ۾ وڪيو، مون ننڍڙيون نينگريون چورائي چڪلي جي رنڊين کي ڏنيون. مون گهڻو ڪجهه ڪيو آهي، توهان انهن سيني ڪمن کي گناهه چئو ٿا نه؟ وڏيري نصير ۽ جمعدار جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، اهو ته منهنجي ڏائي هٿ جو ڪم آهي. وري چئو ٿا، موسو مواليءَ چرس چڪيو، ٿي ٻي ڪري مري ويو، خدا کيس قٻرن ۾ ڦٽ ڪيا! اڙي پاڳلو! مون کي قٻرن ۾ ڦٽ نه ٿا ٿين. هو ته رڳو چرس چڪيندو هو! مان چرس، پينگ سان گڏ آفيم کان به نه مڙان، شراب پيان، ٺَرو پيان، جوئا کيان، منهنجي گهر ۾ ٽِڪري ٿي هلي. مون کي ڀلا خدا ڇو نه ٿو ڪنهن اذيت ۾ مبتلا ڪري، مون کي ڇو نه ٿو ذليل ۽ خوار ڪري؟ ڇا خدا مون کان ڊڄي ٿو؟ ردي انسانو! خدا، جنت، جهنم، بدلو، گناهه، اِهي سڀ انسانن جي بزدل دماغن جي پيداوار آهن، هنن چاهيو ٿي، ته هو تخت حاصل ڪن، دنيا تي حڪومت ڪن، ٻيو ڪجهه به ڪينهي، هنن کي جيئرو رهڻو هو، هنن اهو ڪجهه ڪيو. مون کي جيئرو رهڻو آهي، مان ڇني ڪائيندس. مون کي ڇني ڪائڻ جو حق آهي، ڇو ته مان طاقتور آهيان.”

**پڄاڻي:**

اڄ عيدو پنهنجي زندگيءَ جا سٺ سال پورا ڪري چڪو آهي. سندس ڇوڻ صحيح آهي ته نشو ڪجهه نه ٿو ڪري، زنا مان ڪو نقصان ڪونهي. اڄ به هُو بنا لٺ جي گهمندو آهي، بس رڳو رفتار ٿوري ڍري هوندي اٿس. هن کي ان جي ڪا به پرواهه ڪانهي ته کيس اولاد ناهي. هن سان ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ وارو ڪونهي. اڳي جو پنجاهه پنجاهه ڄڻا سندس مداح هئا، سڀ کيس ڇڏي ويا. اڄ هو اڪيلو آهي، ته به زندگيءَ جا ڏينهن ڪٽڻا ئي آهن، ڇو نه ڪٽي جسم تي سندس ٿوٿر ڇڙهي وئي هجي، ڇو نه هن جي گوڏن ۽ ننڍين ۾ پُونءِ ڀرجي وئي هجي، ڇو نه





اهي سڄيل هجن، ڇو نه هن جي بينائي ختم ٿي هجي، هن جا ڪن ٻڌڻ کان بيهي ويا هجن، ڇو نه هو پرائي گهر جي ڪنڊ پاسي ۾ راتيون ڪٽي، ڇو نه هن کي ڪوئي حقارت سان ٿُڪي ۽ گاريون ڏي. هو ڪمائي نه ٿو سگهي، هن کي هيٺ تي هڪ انگوڇو ٻڌل هوندو آهي، ڪيترائي انگوڇا ڳري ڦاٽي ويا پر ماڻهو کيس انگوڇو ضرور وٺي ڏيندا آهن، ڇو ته هو اڄ به سندس اگهاڙو رهڻ نه ٿا پسند ڪن. انگوڇو ڏاڍو ڇوڙو ٿي ويو اٿس. جڏهن هن کي ٻک لڳندي آهي تڏهن هو ڪنهن ڍير طرف وڌي ويندو آهي. هن کي اها پرواهه ڪانهي ته هو گندي ماني ٿو کائي. ڪي ڪي هن آڏو ماني ٽڪر ڦٽو ڪري ويندا آهن. هو ڪٽي ڪائيندو آهي، ڇو ته هن کي ٻک لڳندي آهي، هن کي جيئرو رهڻو آهي. جڏهن هن کي ماني پور نه ليندو آهي، جڏهن هن کي ٻک ستائيندي آهي، جڏهن هن کي پيٽ جي باهه مجبور ڪندي آهي، پوءِ... ڪڏهن ڪڏهن... پنهنجي انگوڇي کي لڳل ڪرپٽي پنهنجي آڱر سان ڪٽي پنهنجي وات ۾ وجهندو آهي.

ليکڪ: چيخوف

# هُو ويچارو

رات ڏاڍي خوبصورت هئي. ڪلارڪ آئِوان ٿيٽر ۾ وينو ڊرامو ڏسي رهيو هو. هن جون نظرون اسٽيج تي جميل هيون ۽ هو پاڻ کي دنيا جو سڀ کان حسين ۽ خوبصورت انسان سمجهي رهيو هو. اوچتو هن جي مهانڊي جو نقشو بگڙجي ويو. ڳچيءَ جون رڳون سيٽجي، اکيون مٿي چڪجي ۽ ساهه بيهجي ويس. درد سبب پنهنجي سيٽ تي ٻيٽو ٿي ويو ۽ پوءِ آخر ڇُو، هن کي ڏاڍي زوردار ڇڪ (نِڇ) آئي.

هر ماڻهوءَ کي ڇڪ ڏيڻ جو حق آهي، ۽ جڏهن چاهي، جتي چاهي پنهنجي ضرورت پوري ڪري سگهي ٿو: پوليس انسپيڪٽر هجي يا هاري، گورنر هجي يا وزير، ان سلسلي ۾ سڀ برابر آهن. پر جيڪڏهن ڪجھ شريف ماڻهو جمع هجن ته اتي هڪ عيب سمجهيو ويندو آهي. تڏهن به آئِوان ان وقت شرمندو نه هو. هن ڏاڍي اطمينان سان رومال ڪڍيو. پنهنجو ڊگهو نڪ اگهيو ۽ تسلي طور کابي ۽ ساڄي نهاريو. ڊج هوس ته ڪو خراب نه سمجهي ۽ پوءِ اوچتو هو شرمائجي ويو. هن اڳيان هڪ بندرو ماڻهو وينو پنهنجي گنجي ٽڪڻ کي رومال سان صاف ڪري رهيو هو. آئِوان غور سان ڏٺو ته هن کي اهو جاڻي ڏاڍو ڏک ٿيو ته اهو شخص وزيرِ مواصلات هو. ڪٿي ڪري هو سندس آفيسر نه هو. پر به وزير جي گنج تي ڇڪ ڏيڻ، يقيناً خراب ڳالهه هئي. غريب آئِوان فيصلو ڪيو ته هن کي ان حرڪت تي معافي وٺڻ گهرجي.





"جناب اعليٰ! مان توهان کان معافي ٿو گهران. اعتبار ڪيو، منهنجو مطلب اهو نه هو، مان ته....” آئِوان پڳل ٽٽل لفظن ۾ چيو.

"بس، بس، ڳالهه کي وڃڻ ڏي.” وزير مواصلات بيزاريءَ وچان چيو.

"پر سائين! مون کان گستاخي ٿي آهي. توهان ضرور مون کي معاف ڪيو. مون کي اوچتو..”

"اُف. مان چوان ٿو چپ ڪيو ۽ ٻُڌڻ ڏيو.”

ڦڪي ڦڪي مرڪ آئِوان جي منهن تي پکڙجي وئي. مجبوراً هن پنهنجون نظرون اسٽيج ڏي ڦيريون. پر هاڻي هن کي راند سان دلچسپي نه رهي هئي. ڊرامي جو اِنٽرول (ساهي) ٿيو. ماڻهو ٽولن ۾ ورهائجي ٿڪ مخول ۾ لڳي ويا. آئِوان پنهنجيءَ جاءِ تان اٿيو ۽ ڪجھ سوچيندي وزير مواصلات طرف وڌيو. ٿوري دير چپ بيهڻ کان پوءِ هن ڊڄندي ڊڄندي چيو، "منهنجا آقا! مون تي رحم ڪريو. مون کي معاف ڪريو. مون هينئر توهان مٿان ڇڪ ڏني هئي. هونئن منهنجي مرضي هرگز به اها نه هئي. مان ته...”

"ڪا ڳالهه ناهي، مون کي ته ياد به نه رهيو.” وزير مواصلات مصنوعي اخلاق سان چيو.

آئِوان سوچيو ته چوي ته اهو ٿو ته مون کي ياد نه رهيو آهي، پر مون کي هن جو گهُورڻ پسند ناهي. شايد هو اڃا ناراض آهي ۽ ڳالهائڻ پسند نه ٿو ڪري. مون کي تفصيل سان اها سڄي ڳالهه هن کي سمجهائڻ گهرجي ته اهو سڀ ڪيئن ۽ ڇو ٿيو. ڇڪ اچڻ فطري امر آهي ۽ مان ان سلسلي ۾ مجبور آهيان. ڪٿي هو ائين ته ڪو نه ٿو سوچي ته مون هن تي ٿڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو هن کي هن وقت اها ڳالهه ذهن ۾ نه آئي هجي، پر پوءِ هو ان نتيجي تي به پهچي سگهي ٿو.

گهر پهچي آئوان سچو قصو پنهنجيءَ زال کي ٻڌايو. سندس زال غور ۽ فڪر کان پوءِ چيس، ”ڪٽي ڪري وزير مواصلات تنهنجو سڌو سنئون آفيسر نه آهي، پوءِ به اهو خيال ڪري سگهي ٿو ته توکي شريف ماڻهن ۾ ويهڻ جي تميز ڪانهي، تنهنڪري سنو اهو ئي آهي ته وڃي معافي وٺينس.“

آئوان چيو، ”معافي ته مون اتي ئي گهري، پر هن ڪجھ ڍنگ سان جواب نه ڏنو. وري ايترو وقت به نه هو جو تفصيل سان ڳالهه ڪري سگهجي.“

ٻئي ڏينهن آئوان پنهنجو بهترين سرڪاري ڪوٽ پاتو، ڏاڙهي ناهي، بوٽ پالش ڪيو ۽ ائين سينگار ڪري، پنهنجي صفائي بيان ڪرڻ لاءِ وزير مواصلات وٽ پهتو. وزير صاحب جو ڪمرو ماڻهن سان ڀريل هو. هو واري واري ماڻهن سان ملي رهيو هو. آئوان ڏاڍي ادب سان ڪنڌ ۾ ويهي رهيو. ٿوري دير کان پوءِ وزير صاحب ڳالهيون ڪري آزاد ٿيو ته هن سواليا نظرن سان آئوان طرف ڏٺو.

آئوان چيو، ”سائين! گذريل رات شايد توهان کي ياد هجي، مون ٿيٽر ۾ توهان جي مٿان ڇڪ ڏني هئي.“

”عجيب احمق ماڻهو آهين.“ اهو چئي وزير ٻئي ماڻهو کي چيو، ”حاضر، مان توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟“

”هي ته ڳالهه ئي نه ٿو ٻڌي.“ آئوان سوچيو ۽ پوءِ هن جو رنگ ڦڪو ٿي ويو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته هُو ناراض آهي. مان ان وقت تائين هتان وڃي نه ٿو سگهان، جيستائين سڄي ڳالهه تفصيل سان نه ڪيان تنهنڪري هو پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهيو. جڏهن وزير مواصلات سڀني ماڻهن سان ملي چڪو، تڏهن هو پنهنجي ذاتي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ اٿي بيٺو. آئوان هن سان گڏ هليو ۽ ڏڍيل لفظن ۾ چيائين، ”حضور! مون کي





معاف ڪريو. مون کي ڏاڍو افسوس آهي جو مون توهان کي ايتري تڪليف ڏني. مان معافي گهران ٿو. درحقيقت واقعو هيئن هو ته...“

وزير مواصلات آئوان کي ائين ڏٺو ڄڻڪ هو ڪيس ڪچو ئي رڙڪي ويندو، پر پاڻ کي قابو رکندي چيائين، ”تون مون سان مخول ٿو ڪرين.“ اهو چوندي هن ڪمري جو در زور سان بند ڪري ڇڏيو.

”مخول؟“ آئوان سوچيو، ”منهنجي خيال ۾ ته مذاق هرگز نه هئي. سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته وزير مواصلات ٿي ڪري به اها معمولي ڳالهه سمجهي نه سگهيو! خير هاڻي مان ڪيس معافي گهري وڌيڪ پريشان ڪرڻ نه ٿو چاهيان. خدا لاهه ڪديس. چڱو! هڪ تدبير ٿي سگهي ٿي، مان هن کي خط لکندس، پان وڃڻ سنو نه ٿو لڳي. بس ٺيڪ آ، هاڻي مون کي گهر وڃڻ گهرجي.“

گهر پهچي آئوان خط نه لکيو. هو سوچيندو رهيو. خط لکڻ لاءِ هن وٽ لفظ ئي نه هئا، نه ته هو ضرور لکي ها. تنهنڪري ٻئي ڏينهن هو پنهنجي ليکي وزير مواصلات وٽ پهچي ويو، جيئن معاملو الجهي نه وڃي.

”مون توهان کي ڪالهه به تڪليف ڏني هئي.“ آئوان ڳالهه شروع ڪئي، وزير مڙي هن کي ڏٺو.

آئِوان تڪڙ ۾ چيو، ”سائين! مان توهان سان مخول نه ٿي ڪرڻ گهري، مان توهان کان معافي گهرڻ آيو هوس، منهنجي ڇڪ جي ڪري توهان کي جيڪا تڪليف پهتي، ان لاءِ معافي گهران ٿو، باقي جيستائين مذاق ڪرڻ جو تعلق آهي ته سائين مان اهڙي جرئت ڪيئن ٿو ڪري سگهان! ائين ٿئي ته وڏن جي عزت ڪيئن رهي سگهي ٿي، پلا اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته مان توهان...“

وزير صاحب جي وات مان ڦِڪ وهي پئي.

آئِوان جي نظرن ۾ ڪمرو ڦرڻ لڳو. هن ڪي ڪجھ بہ نہ ٿي ڏيکاريو. هڪ مشين وانگي هو گھر پھتو. سرڪاري ڪوٽ لاھڻ بنا هو کٽ تي ليٽي پيو ۽... وري ڪڏهن نہ اٿي سگھيو.





**چيني ڪھاڻي**

## ڊيندڙو ماڻھو

جمھوريت جو ڇھون سال هو ۽ سياري جو ڏينھن. تيز سرد هوائون گھلي رهيون هيون. هڪ ڏينھن هڪ قومي تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مون کي صبح سوير اٿڻو پيو. تقرير تيار هئي، ان ڪري ڏاڍو خوش هوس. جھونگاريندو اٿيس، ڪپڙا بدلايم، نيرن ڪيم ۽ جلسي گاھ ۾ وڃڻ لاءِ نڪري ويس. هڪ تہ صبح سوير سواري ملڻ مشڪل، وري مٿان وڏي ڏينھن جي ڪري رستن تي ڏاڍي پيھہ هئي. رڪشا واري کي جلسي گاھ جو هنڌ ٻڌائي مزي سان سيٽ تي آھلِي پيس. منھنجي طبيعت ۾ تجسس جو مادو ڏاڍو آهي. هونئن بہ پاڻ کي ليڊر سمجھندو آهيان، تنھنڪري عام ماڻھوءَ جي مسئلي کان واقفيت ضروري آهي. مون رڪشا ڊرائيور کي غور سان ڏٺو. هو ڪمزور جسم جو مالڪ هو. ڊيندڙو نوجوان هو جنھن جي لونڊڙين تي ڪجھ اڇا وار ڏيکاريا پئي. لباس گھنجيل ۽ ميرو سيرو هوس، ٿڌ جي ڪري هو هر هر نڪ اگھي پيو ۽ هڏڪي پئي آيس. ٻين جي مقابلي ۾ پنھنجي برتريءَ جو احساس انسان کي هميشہ مغرور ڪري ڇڏيندو آهي. ان صبح جو منھنجي حالت بہ ڪجھ ان قسم جي هئي. رڪشا واري جي مقابلي ۾ مان يقيناً مغرور، احترام لائق، خوش پوشاڪ ۽ وڏو ماڻھو هوس، هاڻي ٿوري دير کان پوءِ هڪ وڏي جلسي ۾ خطاب ڪرڻو هيم. هو ويچارو انھن ڳالھين کي ڇا ڄاڻي، بس پڪي رستي تي رڪشا پڄائيندو ٿي ويو. هوا بيٺل هئي ۽ رستا ڌوڙ ۽ ڌڌڙ کان صاف هئا. اسان ماڳ تي پھچڻ وارا هئاسون تہ اوچتو ڪو رڪشا سامھون آيو ۽ ٽڪرائجي پڪي سڙڪ تي ڍير ٿي پيو.

رڪشا وارو بيهجي ويو. مون منڊي ٻاهر ڪڍي ڏٺو، ليٽڻ ۾ ويڙهيل هڪ عورت اونڌي ٻوٽ رستي تي پئي هئي. رڪشا واري ان کي بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي پر شايد هن جي نظر ڪمزور هئي. اتفاقي طور، لاڙي جي ڪري رڪشا جي رفتار تيز ڪا نہ هئي، نہ تہ عورت کي ڏڪ ڏاڍو لڳي ها. مان ٻاهر نڪري آيس. رڪشا واري عورت کي اٿاريو ۽ تسلي ڏيڻ لڳس. مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. پري  پري تائين ڪوئي نظر نہ ٿي آيو. پڇي وڃڻ جو ڏاڍو سٺو موقعو هو. مون کي دير ٿي رهي هئي، تقريب شروع ٿيڻ ۾ باقي ڪجھ منٽ هئا... ۽ "معاشرو فرد ڪان ڇا ٿو گهري؟" جي عنوان هيٺ لکيل عالماڻي تقرير منهنجي کيسي ۾ ڪر موڙي رهي هئي، مون ڪَڪِ ٿيندي چيو، "اي پاؤ، رڪشي وارا! عورت کي ڏڪ تہ آيو ڪو نہ. هاڻي هل ڪٽي، خواهہ مخواهہ ٿو وقت ضايع ڪرين." پر ڄڻ رڪشا واري جي ڪن تي جونءَ بہ ڪا نہ چري. هن ڏاڍي نرميءَ سان عورت کي سهارو ڏئي فٽ پاٿ تي وٺي وڃي پڇيو، "ڏڪ تہ ڪونہ لڳئي؟"

"ڏاڍو ڏڪ لڳو آ." عورت چنگهندي چيو.

مون کي هن جي مڪر تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. بدبخت نجو پڄو ڪوڙ ڳالهائي رهي هئي. مون کي يقين هو تہ هن کي ذرو بہ ڏڪ نہ لڳو هو ۽ هي بيوقوف رڪشي وارو خواهہ مخواهہ پنهنجي لاءِ مصيبت پيدا ڪري رهيو هو. هن کي گهربو هو تہ هو يڪدم هتان رفو چڪر ٿي وڃي، احمق ڪٿي جو، پاڻ سان گڏ مون کي بہ دير ڪرائي رهيو هو.

رڪشي وارو واقعي احمق هو ڇو تہ عورت جي واتئون اهو ٻڌي، تہ هن کي ڏڪ لڳو آهي، اٿيو، عورت کي ٻانهن کان پڪڙي سامهون جاءِ طرف وڃڻ لڳو، جنهن جي مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل هو "پوليس اسٽيشن." دروازو بند هو. هو زور زور سان دروازو ڪُٽڻ لڳو. مان ڪڪ ٿي رستي تي





آيس، جيئن خالي سواري حاصل ڪري سگهان. ٿوري دير کان پوءِ هڪ پوليس آفيسر مون وٽ آيو ۽ چيائين، "سائين توهان کو پيو رڪشو حاصل ڪيو. هو ماڻهو توهان کي نہ ٿو ڪٿي وٺي سگهي."

"ڏاڍو سٺو." مون سڙندي چيو. واچ تي نظر ڪيم. تقريب جو وقت ٿي چڪو هو. سڀ ڪان پهريون مون کي تقرير ڪرڻي هئي مون... "معاشرو فرد ڪان ڇا ٿو گهري؟" تقرير جا ڪاغذ کيسي مان ڪڍيا. فاتحانہ شان سان انهن تي نظر وڌي... رڪشا واري کي هن جي حماقت ۽ بيوقوفيءَ تي چنبيندو، تڪڙيون وکون کڻندو، جلسي گاهہ طرف وڌڻ لڳس.

# بڪواس

(مون پنهنجي هنن چند جملن جي ميڙ کي "بڪواس" جو عنوان ڏنو آهي. بڪواس کي ڪو به تسلسل ۽ يڪجهتي نه هوندي آهي، هڪ جملي جو مطلب هڪ، ته ٻئي جو ٻيو، اهو ئي بڪواس جو مفهوم آهي.)

دوستن کي چيم، "عزيزو! اڄ بڪواس ڪرڻ جو موڊ آهي."

چيائون، "نصيحت آميز نه هجي."

چا بڪواس به نصيحت آميز ٿي سگهي ٿي؟ جڏهن ته بڪواس کي نه ڪن ٿين، نه اکيون. ڪنن، اکين جي ذڪر تان هڪ ڳالهه ياد پئي، هونئن ته هي به ڳالهه ياد ٿي پوي، ته اڄ ڪلهه ماڻهو فل سوٽ پهري، ائير ڪنڊيشنڊ بنگلن ۾ آرامده ڪوچن تي ويهي، تنگ مٿان تنگ چاڙهي، ليڙون ڪپڙا پهريل، گرمين ۽ سردين ۾ ڪم ڪندڙ هارين جون ڳالهيون ڪندي (مجبوراً) ٺلهيون همدرديون ظاهر ڪندا آهن. ۽ هيءَ ڳالهه به، ته سگريٽ جو زوردار سوٽو هڻندي (جهٽڪ موسم بهار جي صبح جو، هير جهٽيندا هجن) چوندا آهن ته سگريٽ ڇڪڻ تمام بري عادت آهي. پر هيءَ ڳالهه منهنجي پائٽي جي آهي. ڪيس شڪايت آهي ته مان سندس سنجيده ۽ عقلمندانه سوالن جا صحيح صحيح جواب نه ٿو ڏيان.

چوندو، "اکيون ڪنڌ ۾ چو نه آهن؟"

چوندومانس، "بابا! ان ڪري، جو اسين ڪالر واري قميس پائي نه سگهون ها."





چوندو، "ڀلا ڳڏهه جا ڪن وڏا چو ٿيندا آهن؟"

چوندم، "ان ڪري جو هو هڪ ڪن کان ٻڌي، ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندا آهن."

چوندو، "ڳالهه ٻڌي ته ماڻهو به ڪڍي ڇڏيندا آهن!"

چوندومانس، "هائو، پر اهي تو وانگر ڦاڙها هوندا."

سو ادا ضرور نه آهي ته ڪن وڏا هجن ته ڳالهيون سمجهندو. دراصل سمجهه آهي سمجهه وارن لاءِ جيئن فرمايل آهي (پاڪ ڪتاب ۾) ته، "سمجهه وارن لاءِ هن ڪتاب ۾ نشانيون موجود آهن (خدا کي سمجهڻ لاءِ)." نشان سمجهن نشانيون ڏيندڙ ۽ وٺندڙ. هونئن ته نشانيون اڪثر ڪري عاشق معشوق کي ڏيندو آهي ۽ معشوق عاشق کي. عاشق معشوق جو چڪر به اهڙو آهي، جهڙو حقي ۾ پاڻيءَ جو. حقي جي پاڻيءَ ۾ ڏپ ٿيندي آهي، ڏپ ته ڪنن واڱڻ ۾ به ٿيندي آهي، جيڪي ڪچي مارڪيٽ جي ڍير تي اڇلايا ويندا آهن. پر گرهاڪن کي سستا نه ڏنا ويندا آهن (جڏهن تازا هوندا آهن). ڪنو ڪري سهائن. پر غريب جو پلو ٿئي، اهو ڪو نه! سستو ۽ غريب، ڪيترا نه عجيب لفظ آهن! ٻڌندا آهيون ته سستائي هئي. الائي ڪهڙي زماني جي ڳالهه. هاڻي ته "سستو" لفظ ئي ڊڪشنري مان واڪ آئوٽ ڪري ويو آهي. ڪي وري گڏجاڻين مان واڪ آئوٽ ڪندا آهن. اڄ ته واڪ آئوٽ به فيشن ٿي پيو آهي ۽ فيشن ڪيترائي ڪاريا آهن. مغرب زده اگهاڙپ کي فيشن سڏي، نه ڄاڻ ڪيترا خاندان برباد ٿي ويا. پر زمانو آهي، فيشن جي جان ئي ڪو نه پيو ڇڏي. "زمانو به زمانو آ." هي منجهيل اڌورو جملو "زمانو به زمانو آ" ته وڏن کان ٻڌندا پيا اچون، پر معنيٰ اڄ تائين سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آ. معنيٰ جي چڪر ۾ نه پئجي ته بهتر، چو ته معنيٰ سمجهڻ ڪري ڪوڙ جو پاندو ڪلي پوندو آهي ۽ ڏڙ ڏوڙ تي اڏامي ويندو آهي. ڏوڙ به ٻڌندا

هئاسون تہ ڪُوڙ جي منهن ۾، پر هاڻي تہ ڏوڙ ۾ سچ سڳا پائر ٿي پيا آهن. جي چئو سچ تہ سوري تيار. سوريءَ تي نہ جاڻ ڪيترا بيگناهہ چڙهيا هوندا. بيگناهي جي ڳالهہ ئي نہ ڪر.

ناني مٽي کي ڪنهندي چوندي آهي، "ابا! هر ماڻهو گناهگار آهي." ۽ پوءِ توبهہ ڪندي آهي. گهڻا ماڻهو مٿو پٽي توبهہ ڪندا آهن. گهڻا گيسيون پائي، ڪي تہ خون ڪري پوءِ توبهہ ڪندا آهن. خون جون ڳالهيون تہ اخبارن جو خاص موضوع آهن. اخبارون گهٽن ئي قسمن جون. هڪڙيون ڪَن رڳي بڪواس، تہ ٻيون ڦهلائن فتنو. ستل فتنو جاڳائڻ شيطان جو ڪم. شيطان وقت تي هٿ ڪڍي ويندو. لوڙينداسون پاڻ. لوڙڻ کي لوڙهہ نہ سمجهيو، چو تہ لوڙهہ ڪڏ ۾ ڦٽندا آهن. هونئن تہ ٻِهہ بہ ڪڏ ۾ ڦٽندا آهن. پر گهڻا ماڻهو بہ ڪڏ ۾ پيدا ٿيندا آهن. يعني گند جي پيدائش هوندا آهن. اهي ڳالهيون گهٽيون ڪندا آهن ۽ عمل ٿورو. ڳالهيون گهٽيون تہ مقررَ ڪندا آهن ۽ ٻڌندڙن جو دماغ چٽيندا آهن. دماغ چٽڻ تہ چڱ، مينهون تہ پنهنجو ڦر بہ چٽينديون آهن ۽ ٻکيا وري پرايون چوسيل هڏيون. ڪنن جا بہ رنگ هوندا آهن. ميرانجهڙا ۽ ڪارا. پوليس وارا چورن جو (ڏُڪي تي جيڪو هٿ لڳو) منهن ڪارو ڪندا آهن. ۽ "سچُو" نالي چمڙي جي موچڙي سان مار ڪيندا آهن. گامون سچار ويچارو ويو، موچڙو سچار اچي ويو. واهہ پوليس! واهہ موچڙا! پوليس ۾ بہ فرقا آهن. هڪڙا رشوت وٺي خرچي سڏين، ٻيا چون "هٰذا من فضل ربي." گهڻا خرچي وٺي پنهنجا کيسا ڳورا ڪندا آهن. تہ ٻيا وري پاڻ کان وڏن عهديدارن جا (انهن کي چمچو چئبو آهي). وڏن عهديدارن کان (پيسن سان) ٻنيءَ تڪر بہ عنايت ٿي پوندو آهي، تہ قديم سنڌي ڳوٺاڻن جو اصلي ڏوميسائل سرٽيفڪيٽ بہ. سرٽيفڪيٽ جا چڪر اهڙا جو هڻ هٽان، چالانُ پيار، بل ادا ڪر ۽ پڇ ڏڪ بہ. پڇ ڏڪ راند جي ميدان تي ٿيندي





آهي، راند جا ميدان ويڪرا ٿيندا آهن تہ سوڙها بہ. سوڙهي سوڙ بہ ٿيندي آ. سَوڙ ماڻهوءَ کي ڏگهي نهرائڻ کپي، نہ تہ سوڙ آهر پير ڏگهيري نہ سگهندو ۽ ماڻهو چوندس تہ سوڙ آهر پير ڏگهيريندو ڪر. ڏگهيرڻ ۽ سوڙها ڪرڻ پنهنجي هٿ وس آهي، پر ناني ڪنڌ ڏوٽي چوندي آهي تہ ماڻهوءَ جي هٿ وس ڪجهہ بہ نہ آهي. گهڻا چون عادت، تہ ڪجهہ (مٽي ڦريا) نفيساتي مرض. نفيساتي مرض بہ وڏا پيدا ٿي پيا آهن، خواب ۾ هلڻ جو، ننڊ ۾ وڙهڻ جو.. ويڙهہ تہ ملهہ ڪندا آهن ۽ هيرو ۽ بدمعاش بہ. پر فتح اڪثر ڪري هيري جي ٿيندي آهي. هيرو پٿر جو عمدو قسم آهي. پٿر جنهن جي مٿي تي هٽبو تہ ان جو مٿو ڦاٽي پوندو. تنهنڪري ماڻهوءَ کي سوچي سمجهي پٿر ٿيڻ گهرجي. پٿر دل ۽ نرم دل رڳي حوالا آهن، چو تہ نرم ميڻ ٿيندي آهي، ميڻ مان ميڻ بتي ٺهندي آهي، پاڻ ٻرندي آهي ۽ ٻين کي روشني ڏيندي آهي، پوءِ روشنيءَ ۾ ويهي ڪيترا تہ دولت ناهڻ جا پلان ناهيندا آهن. گهڻا خون، ڌاڙن چورين جا، تہ ڪجهہ ويهي علم پرائيندا آهن ۽ سمجهہ وڌائيندا آهن. سمجهہ وڌائڻ لاءِ "سوچ" ضروري آهي، ۽ سوچ لاءِ آزاد دماغ تڏهن ملندو جڏهن هن دنيا مان فساد ختم ٿيندا....؟....!....؟

## آزادي

عام طور هر ڪاليج سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هاسٽل ضرور هوندي آهي. هاسٽل ۾ شاگرد رهندا آهن. ڇو رهندا آهن؟ ان جا ٻه سبب هوندا آهن: هڪ آزادي ۽ ٻيو گهر جي مانيءَ کان جند ڇٽي پوندي آهي. پوئين جملي تي حيرت ظاهر ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي، ڇو ته پنهنجي بُسري به وِهُ، پَرائي دال به واهه واهه!

آزادي ٻن قسمن جي آهي: هڪ ته پڙهڻ لاءِ صاف سٿرو ماحول، ڇو ته گهڻو ڪري اسان جا گهر سوڙها هوندا آهن (جو ويڪرا گهر هٿ نه ڪري سگهياسون)، جتي ڏڳ ٻارن جي گوڙ سبب پڙهي ڪو نه سگهندا آهيون. ۽ ٻيو ته ماءُ پيءُ جي موچڙن کان جان بچندي آهي... سوچ ۾ غرق ٿيڻ ۽ منجهڻ جي ضرورت ڪانهي، ڇو ته ماءُ پيءُ هيڏي ساري ڏاڙهيءَ سان پٽ جي عزت ڪري صرف ايترو چوندا آهن ته بابلا! رات جو ٻارهين ٻارهين تائين گهر کان ٻاهر رهڻ چڱي عادت نه آهي، ماني ٽري تي وڃي، وغيره، پر ٻه، انهن کي ڇٽڪ موچڙو سمجهي، گهر کان ٻاهر آزاد رهڻ جو سوچيندا آهن. تنهنڪري ئي هاسٽل ۾ گهڻا ڇوڪرا رهڻ پسند ڪندا آهن.

ڪيترن ئي ڪمرن جي وڏي گهر کي هاسٽل چئبو آهي. اٽ ئي پهر ٻه ٻه چوڪيدار ٻاهرين وڏي در تي چوڪي ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل هوندا آهن، جيڪي اڪثر ڪري ڏينهن جو غائب ۽ رات جو ننڊ ڪندا آهن. ان جو سبب هي نه آهي ته ڪمرن ۾ جنن پوتن جو آستانو هوندو آهي، پر ان کي... پنهنجي ڊيوٽي... سهڻي نموني وفاداريءَ ۽ ايمانداريءَ سان





سَرانجام ڏيڻ چئبو آهي. هر ڪمري ۾ هڪ هڪ يا ٻه ٻه... ڪڏهن ڪڏهن ٽي ٽي يا چار چار ڇوڪرا به رهندا آهن. ان جو ڪارڻ هي نه آهي ته گورنمينٽ وٽ هاسٽل ٺهرائڻ لاءِ پئسو ڪونهي، پر جيئن ڇوڪرا پاڻ ۾ گڏ رهڻ سکن. ڇوڪرا به ٻن قسم جا هوندا آهن: هڪڙا پڙهاڪو ۽ محنتي... ٻيا عيش آرام، گهمڻ ڦرڻ جا ڪوڏيا. پهريون ٽولو "بيڪار" ۽ "رِدي" هئڻ ڪري ڇڏي ٿا ڏيون. اسان جو نمبر ٻئي "اشراف" ٽولي سان آهي.

هن ٽولي جي شاگردن جا وار گهڻو ڪري وڏا وڏا، ڪنن تي ۽ پٺن تي لڙڪيل هوندا آهن، "محبوب دي زلف دراز" پيا لڳندا آهن جن ۾ ڪڏهن ڪک، پن، ٿارو (ٿَٽون نه) اٽڪيل ڏسي، ائين نه سمجهڻ گهرجي ته جهرڪيءَ جو آکيرو هوندو يا ڪڪڙِ آري تي آهي يا ڪو گهوڙن جو ڪڙه آهي، پر ان کي ڪنهن وڻ جو قصور ۽ تڪرار سمجهڻ گهرجي، جنهن سندن ڊگهن وارن تي حسد ۽ ساڙ وچان بنا ڪنهن ضرورت جي ڪک پن ڦٽو ڪيو هجي. منهن مهاندو ڪهڙو به هجي، ڦٽل واڱڻ يا ڪني ڪريلي جهڙو يا سج ۽ چنڊ جو پڳل ٽڪرو، پائوڊر ڪريم خوب ٿڦيل هوندي، ڪي ڪي سرخي به هڻندا. جيڪا هر رنگ ۾ ملي سگهي ٿي. ڪپڙن، بوٽن ۾ رنگ رنگ ڳٽيل، پٽو پٽو، چٽ چٽ چٽو (زيبرا نه سمجهڻ گهرجي). گهمڻ ڦرڻ ۾ نزاڪت، ناٽ ۽ نخرو. مٽي ۾ ڏيڏر يا ڏاند ته ڪو نه هوندو اٿن، پوءِ به ٽر ٽر گهڻي ڪندا آهن. ڊگهو سگريٽ وات ۾، ريل گاڏي جي ڪاري مشين وانگر هميشه دونهون ڪڍندا رهندا.

هي هڪ اهڙي ئي شاگرد جو ڪمرو آهي. فرش تي صرف هزار سوا وارو قالين وڇايل آهي. هڪ پاسي کٽ پئي آهي، ٻئي پاسي صوفه سيٽَ، جن تي شاگرد ويٺا ڳالهيون ڪري رهيا آهن. در، دري ۽ روشن دان تي ريشمي ٿلها پردا لڙڪي رهيا آهن، ان ڪري نه، ته متان ڪو پڪي اندر

گهري اچي، پر جيئن هتي ٿيندڙ ڳالهيون ٻاهر نہ وڃن. ائين ڪو نہ آهي تہ هتي ملڪي نظام بدلڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن يا هي ڪي انقلابي پارٽيءَ جا سرغنا آهن، پر هي انهن "بدمعاش" ماڻهن جي رويي خلاف احتجاج جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

پهريائين هنن ڪان واقف ٿيڻ ضروري آهي. هو مٺو آهي، هي پپو آهي ۽ هو ٻاٽو آهي. اهي سندن پيار ۾ محبت وچان رکيل نالا آهن. جيئن تہ ديسي ٻوليءَ ۾ مٺاس ڪونهي، ان ڪري انٽرنيشنل لينگويج ۾ ڳالهائڻ پسند ڪندا آهن. مٺو جي مٺ ۾ ٺڪر مان ٺهيل سگريٽ جي ڏگهي نموني جو چيڙو بند آهي، ڪجهہ ڪجهہ دونهون نڪري رهيو اٿس. ٻاٽو مُنيون پڪوڙي ۽ ڪولي رهيو آهي، نڪ سسي ويو اٿس ۽ اکيون ڦوٽاريل، آواز ۾ ڏاڍي ڪڙڪائي "مان هڪ هڪ مواليءَ جو خون ڪندس."

مٺو جي هٿ ۾ جهليل ڏگهي سگريٽ نما ٺڪر جي چيڙي وات ۾ وجهي ساهہ ڇڪي، وات مان دونهون ڪڍندي، شوشو ڪري ڪمري ۾ گول ڦرڻ شروع ڪري ٿو.

"ڇو، موالين ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ اهي تہ خود اسان جا حامي آهن."
پپو نراڙ ۾ گهنج وجهندي چئي ٿو.

ڇو تہ موالين هھڙي پياري شيءِ جو نالو سلفي رکيو آهي."

"موالين ڪي ڏوهہ نہ ڏي. نالو ڪنير رکي، نفرت ملڙو ڪٽڙو ڪري، پر اسان جو انهن سان ڇا وڃي، اهو تہ انسان جو عالمي حق آهي تہ هو ڇا بہ ڪري، ڇا بہ چوي." مٺوءَ اکيون بند ڪندي ڏگهو ساهہ هوا ۾ ڪدي ڇڏيو، جنهن ۾ نانگ جيان وڪڙ ڪائيندڙ دونهون پريل هو.

ٻاٽو باهہ ٽپيل ٽامي جيان ڳاڙهو ٿي ويو آهي. ڏندن کي پڪوڙي، احتجاج ڪندي زور سان اڳيان رکيل ٽيبل کي لت هڻندي چوي ٿو: "انسان جو عالمي حق؟ انسان آزاد آهي؟ ڪهڙو آزاد آهي! اسان آزاد





آهيون؟ ڇا اسان ڪان جيئڻ نہ کسيو ويو آهي؟ ڇا اسان کي ائين نہ ٿو چيو وڃي تہ ليلي، روزي، نمي جي سنگت ڇڏي ڏيون؟ عظيم شيءِ چرس ڪان جهليا نہ ٿا وڃون؟ شراب جي بهترين شربت پيئڻ ڪان منع ناهي؟ اڇي اڇي اسان جي لاءِ سماجي زنجير پيدا ٿيا آهن. ملڙا بند ڪمري ۾ اٿرائٽو تعويذ لکن! فقير اونداهي ڪوٺيءَ ۾ جن ڪڍن! امير ڪلبن ۾ رنن سان نچن، غريب گهر ۾ زال کي گاريون ڏئي! باقي اسان لاءِ شراب حرام، چرس گناهہ، چوري ڏوهہ! هر ڳالهہ تي پابندي، هر ڳالهہ تي بندش."

"چڱو چڱو، محفل جو مزو ڪنو نہ ڪر. ڏس تہ وقت تي موسيقي بہ آئي آهي. اٿو اٿو ڊانس ڪيو. ڪرسي پري ڪر، ٽيبل سور، گول گول ناهيو، ڏس... ڏس، عظيم سلفي پري نہ رک، لڳي دم، مِٽي غم... لڳي دم، مِٽي غم... دم... دم... دم!"

ٽئي ڳائن ٿا، جهومن ٿا، گول ڦرن ٿا، دونهون ڪڍن ٿا، رڙيون ڪن ٿا، "آزادي"، "انساني آزادي"، "عالمي آزادي"، "جيئي آزادي"، "سدا جيئي"، "جيئي جيئي".

اردو ادب مان — ليکڪ: شفيق الرحمان

## سنجيدگيءَ سان ... چيڙا ڏگها ڪيو

**ٻارن جي تربيت:**

ڪڏهن ڪڏهن ٻارن سان نرمائيءَ سان پيش اچو.

ٻار سوال پڇن ته جواب ڏيو. پر اهڙيءَ طرح جو ٻيهر سوال نه پڇي سگهن. جيڪڏهن توهان کي ڪَڪ ڪن تي چئون، ”جڏهن وڏا ٿيندؤ، تڏهن پاڻهي سمجهي ويندؤ.“ ٻارن کي دلچسپ ڪتاب پڙهڻ نه ڏيو، ڪورس جا ڪتاب ئي ڪوڙ آهن. ٻارن کي جنن ڀوتن کان ڏيڇارنيدا رهو، شايد هو بزرگن (وڏن) جي عزت ڪرڻ لڳن. جيڪڏهن ٻار بيوقوف آهن ته پرواهه نه ڪيو، وڏا ٿي رد ٿيندا يا پنهنجو پاڻ کي رد سمجهڻ لڳندا. ٻار کي ٻين جي سامهون دڙڪو نه ڏيو، هن جي تحت الشعور تي خراب اثر پوندو. هڪ طرف وٺي وڃي دل کولي خدمت ڪيوس.

جيڪڏهن ٻار ضد ڪن ٿا ته توهان به ضد ڪرڻ شروع ڪيو. هو پاڻ شرمندا ٿيندا.

ڏٺو ويو آهي ته ڪٽنب ۾ ٻه ٽي ٻار هجن، ته اهي لاڏلا ڪيا ويندا آهن، تنهنڪري هميشه ڏهه ٻارهن ٻار هئڻ گهرجن، جيئن هڪ به لاڏلو بنجي نه سگهي.

اهڙيءَ طرح ٻار سيني کان ننڍو هئڻ ڪري بگاڙيو ويندو آهي، تنهنڪري آخري ٻار نه هئڻ گهرجي.





## انقلاب

ليکڪ: جارج اورويل

سنڌيڪار: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

[**تعارف:** انگريزي مصنف جارج اورويل جو اصلي نالو ايرڪ بليئر هو. هُو 1903ع ۾ هندوستان ۾ ڄائو، برما پوليس ۾ ملازمت ڪيائين ۽ پوءِ انگليند جي هڪ اسڪول ۾ ماستر ٿيو. هو هڪ بوڪ اسٽال تي به ملازم رهيو ۽ پوءِ اسپين هليو ويو، جتي اسپين جي خانه جنگي ۾ به شريڪ ٿيو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگليند جي هوم گارڊ ۾ به رهيو ۽ بي بي سي لاءِ ڪم ڪيائين. مختلف اخبارن جو رپوٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر به رهيو، ۽ 1948ع ۾ انگليند ۾ مري ويو. هن جي تعليم معمولي هئي ۽ تجربو زياده، جنهنڪري هو هر ميدان ۾ ڪامياب رهيو.

هي ناول سڄي دنيا ۾ ايترو ته مشهور ٿيو، جو چوڏهن زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. مقبوليت جو سبب هي آهي ته مصنف آمريت ۽ روسي نظامِ حڪومت تي ڀرپور طنز ڪئي آهي. عوام کي هن جانورن جي روپ ۾ ۽ اقتدار جي بکايل ليڊرن کي سوئر جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

هي ليڊر عوام کي خوشحالي ۽ پيٽ ڀري چاري کائڻ جا سبز باغ ڏيکاري، انهن کان بغاوت ڪرائيندا آهن ۽ پنهنجي حڪومت قائم ڪندا آهن، پر حڪومت ۾ سواءِ سوئرن جي

ٻئي ڪنهن جانور کي نہ ڪنيو ويندو آهي. جانور ”پنهنجي مالڪ“ جي فلاح ۽ بهبود ۾ مگن ٿي ويندا آهن. آخر هڪ ڏينهن انهن کي خبر پوندي آهي تہ پهرين کان بہ بدتر غلام ٿي ويا آهن، پر ڪجهہ ڪري نہ سگهندا آهن ڇاڪاڻ تہ هاڻ هو حڪمرانن جي انهن زنجيرن ۾ جڪڙجي چڪا هوندا آهن.]

شهر کان پري هڪ تمام وسيع فارم هو، جنهن جو مالڪ مسٽر جونز هو. ان فارم ۾ جونز بيشمار جانور رکيا هئا. انهن ۾ ڳئون ۽ مينهون بہ هيون، جن جو مٽين کير بازار ۾ وڪرو ٿيندو هو. ڪيترائي ڏاند گهوڙا بہ هئا، جيڪي هَرن ۽ بگين ۾ جوٽيا ويندا هئا. رڍون ۽ ٻڪريون بہ هيون، جيڪي ڪاساين کي وِڪيون وينديون هيون. بدڪون ۽ ڪڪڙيون بہ هيون، جن جا آنا مانڊٽين تي وڪيا ويندا هئا. ۽ انهن جانورن ۾ سوئر بہ هئا.

سوئرن جو هڪ بزرگ سوئر ”**اولڊ مئنيجر**“ جي نالي سان مشهور هو. اهو فارم جو سڀ کان دانشمند ۽ دورانديش جانور هو. هو ايترو تہ ٻڍو هو، جو گهمڻ ڦرڻ کان بہ ويهجي ويو هو. فارم جو مالڪ مسٽر جونز شرابي ڪبابي ماڻهو هو. اڪثر ڪري شراب پِي، مست ٿِي، اهو بہ پلجي ويندو هو، تہ سندس نوڪرن جانورن کي ڏار ڏار واڙن ۾ بند بہ ڪيو آهي يا اهي آزاديءَ سان ڦرندا پيا وتن. هڪ شام جو جونز اهڙي ئي لاپرواهي ڪئي، تہ سوئرن ان جو پورو پورو فائدو وٺڻ جو پهہ پچايو. سوئر ڪيتري ئي مدت کان جانورن تي پنهنجي حڪومت ڄمائڻ جا منصوبا ٺاهي رهيا هئا. انهن ڳجهہ ڳوهہ ۾ هڪ سياسي پارٽي ٺاهي ڇڏي هئي، جنهن جو ليبر ”اولڊ مئنيجر“ هو. ٻيا سوئر ان پارٽيءَ جا سرگرم ڪارڪن هئا. هڪ جو نالو **سنوبال**، ٻئي جو **نپولن** ۽ ٽين جو نالو **اسڪيلر** هو.





مسٽر جونز نشي ۾ غرق پنهنجي ڪمري ۾ بي سُڌ سمهيو پيو هو، ۽ هن جا نوڪر سندس بدمستيءَ جو فائدو وٺي شهر گهمڻ ويا هئا. ڳئن، مينهن، گهوڙن، ڳڏهن، رڍن، ٻڪرين، بدڪن ۽ ڪڪڙين ۾ ٽن ڇئن سوئرن اچي اهو افواهہ پکيڙيو تہ انهن جي وڏي سوئر اولڊ مئنيجر هڪ عجيب تجسس انگيز خواب لڌو آهي، جيڪو هُو مرڻ کان اول سڀني جانورن کي ٻڌائڻ چاهي ٿو، جيڪي جانور ان جو خواب نہ ٻڌندا، اُهي هميشہ انسان جي ظلم جو نشانو بڻجي رهندا.

ويچارا سادڙا جانور سوئرن جي ڳالهين ۾ ڦاسي پيا ۽ اچي هڪ ٿلهي جي چوڌاري ڳڏ ٿيا. ٿلهي تي اولڊ مئنيجر وينو جهوٽا کائي رهيو هو. ٻن سوئرن ان جي پرسان اچي ڪجهہ پٽڪيو. اولڊ مئنيجر اٿي بيٺو ۽ جانورن جي ميڙ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

”ساٿيو! خبر نہ آهي تہ توهان اهو ٻڌو آهي يا ڪو نہ. تہ مون هڪ خواب ڏٺو آهي. منهنجي عمر پوري ٿي چڪي آهي. توهان جي بري حالت مون کي وڌيڪ جهوري وڌو آهي. مان چاهيان ٿو تہ مرڻ کان پهرين توهان کي هڪ اهڙو رستو ڏيکاري وڃان جنهن تي هلي توهان انسان جي غلاميءَ کان نجات حاصل ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪري سگهو، جتي توهان آزاديءَ سان هٽڪي سگهو، مين مين ڪريو، ٽان ٽون ڪريو، اٽون هٽي سگهو، ڪُڏ ۽ ٺينگ ڏيندا وتو.“

ٻڍي سوئر آواز ۾ ڏک پريندي چيو، ”ساٿيو! خواب ٻڌائڻ کان پهرين مان توهان کي توهان جي حقن ۽ توهان جي موجوده حالت کان واقف ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. اسان جانور تنگي، بک ۽ بدحالي واري زندگي گذاري رهيا آهيون. اسان کان، اسان جو پيدائشي حق کسيو ويو آهي. هن فارم جو مالڪ، جنهن جو نالو جونز آهي، اسان کان تمام گهڻو ڪم وٺي ٿو ۽ ان جي بدلي تمام ٿوري خوراڪ ڏئي ٿو. اسان کي آواز

اٿارڻ جو حق ڪونهي. جڏهن اسان ڳالهايون ٿا ته هو اسان کي واڙي ۾ بند ڪري ڇڏي. اسان خوشحالي جي نالي کان به واقف ڪو نه آهيون. هن فارم جو مالڪ جيڪو سونُ ۽ چاندي ٿو ڪمائي، اهو صرف اسان جي محنت، مشقت ۽ جان جي قربانين جي ڪري آهي. اسان جيڪو زمين مان اَنُ اپايون ٿا، ان جي ڪري اسان جو مالڪ امير بنجي ويو آهي، پر اسان بکيا آهيون. اسان جي رت ۽ پگهر جي ڪمائيءَ مان انسان عيش پيو ڪري، مزا پيو ماڻي ۽ توهان ڪِلن سان ٻڌل خاموشيءَ سان اوڳر ڪندا ٿا رهو.” ٻڍي سوئر جي تقرير ۾ اوچتو جوش پيدا ٿي ويو. هن پنهنجو دوناڙ گهمائيندي چيو. ”اي مينهون ۽ ڳئون! ڇا توهان ڪڏهن محسوس نه ڪيو آهي ته توهان جو مٽين کير بازار ۾ وڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته توهان جا ٻچا کير جي هڪ گوهي جي لاءِ سڪندا رهن ٿا. اي بدڪون ۽ ڪڪڙيون! توهان ڪڏهن پنهنجي سرمائيدار کان پڇيو آهي ته جيڪي آنا توهان ڏاڍي تڪليف سان ڏيو ٿيون، اهي ڪيڏانهن ٿا گم ٿي وڃن ۽ توهان ڪيترائي ڏينهن پابنديءَ سان آنن تي ويهي ويهي جيڪي ٻچا ٿيون ڦوڙيو، اهي ڪيڏانهن گم ٿي وڃن ٿا؟ توهان ڏٺو آهي ته انسان توهان جي ٻارن جي يخنِي ٿو پيئي؟ اي ٻڪريون ۽ رڍون! ڇا توهان ڪڏهن ڏٺو آهي ته جيڪي ڇيلڙيون ۽ ليلڙيون جوان ٿي وڃن ٿيون، انهن کي ڪنهن جي حوالي ڪيو ٿو وڃي؟ انسان توهان جو گوشت ڪائي ڏندو متارو ٿيو آهي. اي رڍون! انسان توهان جي پشم لاهي، توهان کي اگهاڙو ٿو ڪري ۽ پاڻ گرم ڪپڙا ٿو پائي. اي گهوڙو ۽ گڏهو! توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته توهان پنهنجي طاقت کان وڌيڪ وزن ڪڍو ۽ گهليو ٿا، پر جڏهن توهان ٻڍا ٿي وڃو ٿا ته توهان کي ماري توهان جي کل لاهي وڪِي ويندي آهي!؟ جانورو! جاڳو! هن نظام جي خلاف بغاوت ڪيو! توهان جي بغاوت جو ذريعو صرف هڪ آهي... انقلاب... انقلاب! موجوده نظام کي





اِٿن سان پيچي پورا ڪريو. اقتدار پنهنجي هٿ ۾ وٺو. پوءِ توهان جو کير توهان جي ملڪيت هوندو ۽ توهان کي پنهنجن آنن تي پورو پورو حق هوندو. پوءِ توهان تي ڪو به توهان جي مرضيءَ خلاف وزن رکندو يا توهان کي گاڏيءَ آڏو ڏڪائيندو. نه توهان ان کي پوري آزاديءَ سان اِٿون هٽي سگهندؤ.” ٻڍي سوئر پنهنجو بي ڍولو دوناڙ ڦيرائيندي چيو. ”هاڻي مان توهان کي پنهنجو خواب ٻڌايان ٿو. هي ڪو ڏکهو ويڪرو خواب ڪونهي. خواب ۾ رڳو ايتري ڳالهه ٿي هئي ته ننڍپڻ ۾ اسان هڪ ترانو ڳائيندا هئاسون. جيڪو وڏي لاءِ منهنجي ذهن مان نڪري ويو هو. ڪالهه رات خواب ۾ اهو وسريل ترانو ياد اچي ويو آهي. اڄ کان اهو اسان جو قومي ترانو هوندو. اجهو ٻڌو. مان اهو ترانو ڳايان ٿو. پوءِ توهان به مون سان گڏجي ڳائجو.”

سور ڳائڻ لڳو: ”انگلستان جا جانورو! آئرليند جا جانورو! هر ملڪ جا جانورو! سڄيءَ دنيا جا جانورو! اهو سچ اپرڻ وارو آهي، اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي، جڏهن توهان انسان جي ظالماڻي حڪومت کان نجات حاصل ڪري وٺندؤ. اهو ڏينهن جلدي يا دير سان ايندو ضرور. جڏهن سڄي زمين تي جانورن جي حڪومت هوندي. اقتدار جانور جي هٿ ۾ هوندو. نه لگام هوندو نه ناڪيلي، نه ڳچين ۾ رسيون هونديون، نه چابڪ، نه هنٽر، هي بوسو، هي ڪٽڪ، هي چانور، هي گاهه سڀ توهان جو هوندو. ان تي انسان جي حڪومت ختم ٿي ويندي، هر شيءِ جانور جي قومي ملڪيت هوندي. سڄيءَ دنيا جا جانورو! هڪ محاذ تي گڏ ٿي وڃو. ان مبارڪ ڏينهن لاءِ خون وهايو. جيڪو ڏينهن توهان جي آزاديءَ جو پيغامبر ٿي اپرندو. اي بدڪون! توهان جو مستقبل توهان جي هٿ ۾ آهي، ان کي سنهرو ڪري ڇڏيو..”

ٻڍي ”اولڊ مئنيجر“ ڳائي بس ڪئي، ته سيني ڪي گڏجي ڳائڻ لاءِ چيائين. جڏهن ايترن گهوڙن، مينهن، ڳئن، رڍن، ٻڪرين، ڍاندن، ٻدڪن، ڪڪڙين ۽ چئن سوئرن گڏجي ڳائڻ شروع ڪيو، ته زمين ۽ آسمان به ڏڪڻ لڳو. اهڙو ته منجهيل گوڙ گهمسان ٿيو جو فارم جي مالڪ جو هوش به موٽي آيو. هو ته نشي ۾ بدمست پيو هو. هن سوچيو شايد واڙي ۾ بگهڙ گهڙي آيا آهن، جن ڪان ڊڄڻ سبب جانورن هيءَ قيامت برپا ڪئي آهي. هن بندوق ڪنئي ۽ ٻنهي نالن ۾ ڪارتوس وڌائين. بندوق دريءَ ڪان ٻاهي ڪري، واري واري ٻئي گوليون هوا ۾ فائر ڪري ڇڏيائين. تڪائن ڪان جانور پنهنجي پنهنجي واڙي طرف هليا ويا، ڪڪڙيون به ساهه منجهائي پنهنجي پنهنجي خانن طرف ڊوڙيون. سوئرن انهن کي روڪڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ متحد ٿي مقابلو ڪرڻ تي اپاريو پر ڪو به جانور ميدان ۾ بيهي نه سگهيو.

ٽن ڏينهن تائين اولڊ مئنيجر ۽ سندس ٽن سوئرن سنوبال، نپولن ۽ اسڪيلر پنهنجون ڳجهيون انقلابي سرگرميون جاري رکيون ۽ جانورن کي پيچ ڊاهه ۽ انقلاب لاءِ تيار ڪندا رهيا. چوٿين ڏينهن اولڊ مئنيجر دل جي دوري بيهجي وڃڻ سبب مري ويو. سوئرن وري اها پروپيگنڊا ڪئي ته اولڊ مئنيجر کي مسٽر جونز جي نوڪرن هڪ سازش ڪري ماريو، ڇو ته هنن کي ڊپ هيو ته اولڊ مئنيجر جي اڳواٽيءَ ۾ جانور پنهنجي انقلابي حڪومت قائم ڪري وٺندا. پروپيگنڊا ۾ اهو به هُلايو ويو ته مسٽر جونز ائين ڪري سيني انقلابي جانورن کي مارائي ڇڏيندو. ان پروپيگنڊا جو چڱو نتيجو نڪتو. ٿنهي سوئرن جانورن کي مساوات ۽ خوشحاليءَ جا اهڙا ته سبز باغ ڏيکاريا جو هو بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

سوئرن جيڪا ڳجهي انقلابي پارٽي ٺاهي هئي، ان ۾ جانور ٽولا ٽولا ٿي ڪري شامل ٿيڻ لڳا. ڳجها اجلاس به ٿيا ته کليل جلسا به.





باقاعدي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي جنهن جا ورح روان ٿي سوئر هئا. ويچارا سادڙا جانور سوئرن کي ڏاڍو قابل، جهان ديد ۽ سياستدان جانور سمجهندا هئا، ڇو ته انهن جنهن معاشرتي نظام جو منصوبو ٺاهيو هو، اهو ڪنهن به گڏهه، گهوڙي، ڍاند، مينهن، ڳئون جي دماغ ۾ ڪو نه آيو هو. سنوبال، نپولن ۽ اسڪيلر اولڊ مئنيجر جي تعليم کي اڳيان رکيو هو. هنن پنهنجي تحريڪ جو نالو ”**جانور ازم**“ رکيو هو. هنن هڪ جهنڊو به تيار ڪيو هو جنهن جو رنگ ڳاڙهو ۽ ان تي سِڱ ۽ کُر جو اڇو نشان هو.

هڪ شام جو مسٽر جونز هڪ دوست جي دعوت تي شهر هليو ويو. هو عادت مطابق شراب پي ويو هو. هن کي جانورن جي بند ڪرڻ جو خيال نه رهيو. هن جي نوڪرن به سندس غير حاضريءَ جو فائدو ورتو ۽ ڪنهن نه ڪنهن طرف نڪري ويا. مسٽر جونز ۽ نوڪر پنهنجي پنهنجي عياشين ۾ ٽي ڏينهن فارم ڪان غير حاضر رهيا. انهن به جانورن جي پرواهه نه ڪئي. جانورن کي اندر ڪليل ڇڏي ٻاهريون ڦاٽڪ بند ڪري ويا. اندر ٿورو چارو هو جيڪو جانورن هڪ ڏينهن ۾ کائي ڇڏيو. ڦاٽڪ بند هجڻ سبب هو ٻاهر کائڻ، چرڻ، چڳڻ وڃي نه سگهيا ۽ ٻه ڏينهن بکيا رهيا. ان صورتحال مان سوئرن فائدو ورتو ۽ هنن ۾ خوب اشتعال پيدا ڪيو ۽ کين ڀڙڪايو. هنن جانورن کي چيو ته مسٽر جونز ۽ هن جا نوڪر هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت غائب ٿي ويا آهن. هنن کي اسان جي تحريڪ جي ڄاڻ پئجي وئي آهي، ان ڪري هو اسان کي سزا ڏئي رهيا آهن. جيڪڏهن اسان ڪو جوابي قدم نه کنيو، ته انسان اسان کي بکيو ماري ڇڏيندا.

چوٿين ڏينهن نوڪر چاڪر واپس موٽي آيا. ٿوريءَ دير ۾ مسٽر جونز به اچي ويو. جانور سڄي فارم ۾ پکڙيل هئا. گڏهه ۽ ڍاند مسٽر جونز جي گهر جي اڱڻ ۾ وڃي ويهي رهيا. نوڪرن جانورن کي هڪلڻ چاهيو

تہ جانورن سول نافرماني شروع ڪري ڏني. نوڪر ڏنڊا کڻي آيا تہ گھوڙن ۽ گڏھن اِتن سان مٿن حملو ڪيو. مينھن ۽ ڏاندن ٻن ٽن نوڪرن کي سڱن سان ڪيرائي رکيو. مسٽر جونز کي جانورن ايتري مهلت بہ نہ ڏني جو هو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي بندوق کڻي اچي ها. گھر کي جانورن پنهنجي گھيري ۾ ڪري ڇڏيو هو.

آخر انسان رتوڇاڻ ٿي، ڀڄي ويا ۽ فارم تي جانورن جو قبضو ٿي ويو. سنوبال، نپولن ۽ اسڪيلر فوراً پنهنجي حڪومت قائم ڪري ڇڏي، جنهن کي هنن عوامي نالو ڏئي پنهجو جهنڊو چاڙهي ڇڏيو. پر حڪمرانيءَ ۾ ٽن سوئرن کان سواءِ ڪنهن کي بہ شامل نہ ڪيو ويو. حڪومت جو فوراً آئين تيار ڪيو ويو، جيڪو حقيقت ۾ ليڊرن پهريون ئي تيار ڪري رکيو هو. ان آئين جو هڪ نقل فارم جي دروازي تي لڳايو ويو.

**آئين جا خاص نڪتا هي هئا:**

1) ٻن ٽنگن تي هلندڙ اسان جا دشمن آهن.
2) چئن ٽنگن تي هلندڙ اسان جو دوست آهي.
3) ڪو بہ جانور ڪپڙن پائڻ جو حقدار ناهي، جيئن مساوات قائم رهي.
4) ڪنهن بہ جانور کي بستري تي سمهڻ جي اجازت ناهي، جيئن امير ۽ غريب جو فرق مٽجي وڃي.
5) ڪنهن بہ جانور کي شراب پيئڻ جي اجازت ناهي.
6) ڪو بہ جانور ڪنهن جانور کي سِڱ، اِٽ، چَڪ يا ٻئي طريقي سان ماري، ڪُٽي، هيسائي نہ ٿو سگھي.
7) سڀ جانور هڪجهڙا آهن.

مسٽر جونز جو گھر خالي هو. سوئرن ان کي قومي عجائب گھر ۽ آمريت جو قتل يادگار ڪري محفوظ رکيو. جانور ڏاڍا خوش هئا. هُو





پنهنجي مرضيءَ سان چارو کائيندا ۽ ڪم ڪندا هئا. سڀ کان وڌيڪ خوش گڏھ هئا. جيئن چاهن هينگ ڪري سگھن پيا. هنن کي کائڻ پيئڻ کان وڌيڪ تقرير جي آزادي هئي. سڀ جانور فارم جي ترقي ۽ معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندا هئا پر سوئرن پنهنجو پاڻ کي جسماني ڪم کان علحده قرار ڏنو هو. انهن جو دليل اهو هو تہ هنن کي حڪومتي ڪمن کان ئي فرصت ڪو نہ ٿي ملي، اهي صرف نگراني ۽ هدايت ڪاري ڪندا هئا. هر آچر جي صبح جو سڀ جانور جهنڊي هيٺان اچي گڏ ٿيندا هئا، جيڪي اولڊ مئنيجر جو تخليق ڪيل قومي ترانو ڳائيندا هئا. پوءِ سنوبال ۽ نپولن تقرير ڪندا هئا. هر دفعي انهن جي تقرير ان هڪ موضوع تي هوندي هئي تہ هي فارم توهان جو آهي. هيءَ حڪومت توهان جي آهي. ڏينهن رات محنت ڪري فارم کي جنت بڻائي ڇڏيو.

ٽيون سوئر جنهن جو نالو اسڪيلر هو، گھٽو ڪري خاموش رهندو هو. سنوبال ۽ نپولن ئي اڳيان رهندا هئا. اقتدار انهن ٻنهي جي هٿن ۾ هو. جانورن کي ٻنهي کان ئي حڪم ۽ هدايتون ملنديون هيون. ڏينهون ڏينهن جن جن سڌارن جو اعلان ٿيندو هو، اهو ٻنهي جي زباني هوندو هو ۽ انهن کي عوام طرفان جيڪو داد ملندو هو، اهو بہ ٻنهي لاءِ هو. اتان هنن ٻنهي ۾ راءِ جو اختلاف ٿي پيو. هو هڪ ٻئي کان وڌي ڪري جانورن ۾ ڳجھي نموني، جانورن ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ لڳي ويا. ان جو اثر اهو ٿيو جو جانورن کي هاڻي اها خبر پوڻ لڳي تہ کهڙي نئين ڳالهہ کهڙي ليڊر سوچي آهي، تنهنڪري ٻنهي کي ان جي مطابق واهہ واهہ ملندي هئي زنده باد جا نعرا بہ انهيءَ جي مطابق اٿندا هئا. ٻنهي ۾ ڇڪتاڻ ٿيڻ لڳي ۽ عوام جو ڏک گھٽجڻ لڳو.

سنوبال ذهين ۽ شاطر سوئر هو. ان کي جانورن ۾ وڌيڪ مقبوليت حاصل ٿي وئي. نپولن ان جو اهو علاج سوچيو تہ سنوبال جيڪو

ٻه ترقياتي منصوبو پيش ڪندو هو، هُو ان جي مخالفت شروع ڪري ڏيندو هو. اقتدار جي ان جنگ ۾ ڪيترين ئي سٺيون سٺيون ۽ ڪارآمد اسڪيمون تباهه ٿي ويون. فارم جي روزمره جي ڪم ڪار تي ٻه اثر پوڻ لڳو. ٻئي ليڊر جيڪي هينئر حاڪم هئا، حڪومت مان ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ لڳا. هنن جانورن کي مساوات ۽ خوشحاليءَ جا خواب ڏيکاريا هئا، اهي ٻه هاڻي اقتدار جي جنگ ۾ ختم ٿيڻ لڳا. جانورن چٽيءَ طرح محسوس ڪيو ته هاڻي حالتون بگڙي رهيون آهن ۽ هنن جي اکين ۾ ڌوڙ وِڌي پئي وڃي.

آخر جانورن ۾ سُس پس ٿيڻ لڳي. انهن ڏٺو ته جهڙيءَ طرح مسٽر جونز جي زماني ۾ آنا ۽ کير غائب ٿيندو هو، هاڻي ٻه ساڳيءَ طرح غائب ٿي رهيو هو. ٻدڪن ۽ ڪڪڙن جا چوزا ٻه گم، ته فارم جي باغ جا ميوا ٻه غائب. جانور محنت ۽ مشقت ته ڪري رهيا هئا پر هنن کي ايترو ئي چارو ملي رهيو هو جيتري تي هو پهريون گذارو ڪندا هئا.

جانورن کي خاص طرح يقين ڏياريو ويو هو ته کين تقرير ڪرڻ جي آزادي آهي. انهيءَ بنياد تي هنن سوئرن جي قيادت ۾ بغاوت ۽ انقلاب آندو هو. ان حق جو فائدو وٺندي هڪ آچر تي جڏهن سڀ جانور اچي جهنڊي هيٺان گڏ ٿيا، تڏهن هڪ گهوڙي سڀني جانورن جي نمائندگي ڪندي چيو ته ڳئن ۽ مينهن جو کير ۽ ٻدڪن ۽ ڪڪڙين جا آنا ۽ باغ جا صوف ڪيڏانهن ٿا وڃن؟ عوام کي حق حاصل آهي ته هو حڪومت کان ان قسم جا سوال پڇن.

نپولن ۽ سنوبال هڪٻئي کي ڏٺو. اهو واحد مسئلو هو جنهن تي ٻئي متفق نظر آيا. هنن اکين ئي اکين ۾ اتفاق راءِ ڪئي ۽ نپولن ميڙ سان هيئن مخاطب ٿيو:





”عزيز هم وطنو ۽ پيارا ساٿيو! توهان کي صرف ايترو ئي علم آهي ته توهان عوام آهيو ۽ اسين سرڪار آهيون. پر توهان کي اها خبر ڪانهي ته سرڪاري مشينري هلائڻ ڪيترو ڏکيو، محنت طلب ۽ نازڪ ڪم آهي. توهان ڏينهن جو ڪم ختم ڪري آرام سان سمهي پئو ٿا، پر اسان کي توهان جي بهتريءَ ۽ فلاح جي سوچ راتين جو ٻه ننڊ ڪرڻ ڪو نه ٿي ڏئي. اهڙن ڏکين ۽ اهم ڪمن لاءِ ضروري آهي ته اسان ليڊرن جي صحت ٺيڪ هجي. جيڪڏهن اسان تندرست نه رهياسون ته ترقياتي منصوبا ڪير سوچيندو ۽ توهان جي حقن ۽ توهان جي آزاديءَ جي حفاظت ۽ بچاءُ ڪير ڪندو؟ توهان ڄاڻو ٿا، ته صحت ۽ تندرستي کير، آنن ۽ چوزن جي يخنيءَ سان ئي بهتر ۽ برقرار رهي سگهي ٿي، جيڪڏهن ليڊر سٺي غذا نه کائيندا ته وري توهان انسانن جا غلام بنجي ظلم، ستم ۽ بک جي چڪيءَ ۾ پيسجي ويندؤ. سنوبال ٻه کائڻ پيئڻ جي معاملي ۾ نپولن جو پورو پورو حصيدار هو، تنهنڪري هن ٻه نپولن جي تائيد ڪئي ۽ عوام کي محنت ڪرڻ جي تلقين ڪئي.

مسٽر جونز شهر ۾ وينو فارم تي قبضي ڪرڻ جا منصوبا ٺاهي رهيو هو، پر ڪيس ايترن جانورن سان مقابلي ڪرڻ جي همت ڪو نه ٿي ٿِي. هن جن سان ٻه اها ڳالهه ٿي ڪئي ته فارم تي جانورن قبضو ڪيو آهي، اهي مٿس کليا ٿي. ڪجهه ماڻهن ته ائين ٿي چيو ته شراب پِي پِي جونز جو دماغ خراب ٿي ويو هو. آخر هن ڪِرائي تي ڪجهه ماڻهن کي پاڻ سان ڪنيو، بندوق ڪنئي ۽ فارم تي قبضو ڪرڻ هليو. فارم جا ٿي چار ڪبوتر اڏري رهيا هئا، انهن وڃي نپولن ۽ سنوبال کي خبردار ڪيو ته مسٽر جونز بندوق ڪنيو، ڪجهه ماڻهن سان گڏجي، جن کي لٺيون ۽ رسا آهن، ڪاهيو پيو اچي. ٻنهي سوئرن گهوڙن، گڏهن ۽ مينهن کي لڪل

جاين تي اوٽ ۾ ويهاري ڇڏيو. پاڻ اسڪيلر سان گڏ پوزيشن وٺي ويهي رهيا.

جيئن ئي مسٽر جونز جو مختصر دستو فارم ۾ پهتو، گهوڙن گڏهن ۽ مينهن انهن تي حملو ڪري ڏنو. مسٽر جونز گوليون هلايون، جن ڪان ٻه ٻڪريون ۽ ٻه رڍون مري ويون. هڪ گولي سنوبال کي لڳي، پر زخم گهرو نه هو. مسٽر جونز بندوق ۾ ڪارتوس وجهي رهيو هو ته سنوبال ان تي حملو ڪري ڏنو. جونز بندوق ڦٽو ڪري وٺي ڀڳو. هن جا جيڪي ماڻهو بچيا هئا، اهي به ڀڄي ويا ۽ حملو بري طرح ناڪام ٿيو.

حالتون وري ٺيڪ ٿي ويون. هڪ ڏينهن سنوبال هڪ ترقياتي منصوبو تيار ڪيو. هن مسٽر جونز جي گهر جي هڪ ڪمري جي فرش تي چاڪ سان نقشو ٺاهيو. منصوبو اهو هو ته هڪ پاڻيءَ گرڙو ٺاهيو وڃي، جنهن سان ٻين ڪمن ڪان سواءِ بجلي به پيدا ڪري سگهجي. هن نپولن کي ڪمري ۾ وٺي وڃي نقشو ڏيکاريو، جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته پاڻيءَ گرڙو ڪٿي لڳايو وڃي ۽ بجلي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائي وڃي. نپولن نقشي کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ ان کي سنگهيائين، وري ٽنگ کڻي، ان تي پيشاب ڪري ڇڏيو. ان ڪان سواءِ هن نه ڪا نقشي تي تنقيد ڪئي، نه تعريف. سنوبال سڙي ڪامي ويو. هن نپولن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته ان ترقياتي منصوبي جي ڪري جانورن جي معاشي حالت بهتر ٿي ويندي، پر نپولن ويٽو استعمال ڪندي منصوبي کي رد ڪري ڇڏيو. سنوبال ڪٿي ٿو ايترو جلدي هار مڃي! اڳلي آچر تي جڏهن سڀ جانور جهنڊي هيٺان پنهنجو ترانو ڳائي چڪا، ته سنوبال پنهنجي هفتيوار تقرير ڪرڻ لڳو. هن جانورن کي پاڻيءَ گرڙي جي منصوبي بابت ٻڌايو ۽ چيو ته ڪامريڊ نپولن ان منصوبي کي منظور نه ڪيو آهي، پر مان ان کي منظور ڪرائي ساهي پٽيندس، ڇو ته اهو عوام جي ڀلائيءَ جو بهترين ذريعو





آهي. جانورن ڪامريڊ سنوبال زنده آباد جا نعرا هنيا ۽ رڙي رڙي چيو ته منصوبي تي فوراً عمل ڪيو وڃي.

نپولن عجب طريقي سان گرڙاٽ ڪئي. هن جي گرڙاٽ تي اوچتو چار ڪتا، جيڪي نه ڄاڻ ڪٿي لڪل هئا، ٿلهي طرف وڌيا. سنوبال ڀڄي نڪتو. ڪتا ان جي پٺيان، سڀ جانور هَڪا ٻَڪا ٿي ويا. ٻڪريون ۽ رڍون ڊڄ سبب گهوڙن ۽ مينهن جي ويجهو ٿي بيٺيون. سنوبال ڏاڍو تيز سوئر هو. هن ڪتن کي پاڻ تائين پهچڻ نه ڏنو. ڪتا ڏاڍا خونخوار هئا. اهي سنوبال جي پٺيان ڏاڍو تيز ڊوڙيا. تان جو سنوبال ميل ڪن پري هڪ پهاڙيءَ تي وڃي چڙهيو ۽ ٻئي طرف نظرن ڪان غائب ٿي ويو. ان ڏينهن ڪان پوءِ سنوبال نظر ڪو نه آيو.

نپولن سان گڏ هاڻي هڪ سوئر رهجي ويو. ان جو نالو اسڪيلر هو. هو چاپلوس قسم جو سوئر هو. هن ان ۾ ئي خيريت سمجهي، ته نپولن جي ها ۾ ها ملائي. هن کي جيڪا ڪرسي ڏني وئي، ان تي مڙئي نالي طور وزير ۽ مشير بنيو ويٺو هو. ان جو ڪم اهو هو ته جانورن ۾ نپولن جي حق ۾ پروپيگنڊا ڪندو رهي. ان جي زباني جانورن کي معلوم ٿيو ته نپولن ڳجهه ڳوهه ۾ خونخوار ڪتا پالي رکيا آهن، جن ڪان هو عام رعيت کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ جو ڪم وٺندو آهي. انهن مان هن چار ڪتا استعمال ڪري سنوبال جي مخالفت ڪئي ۽ عوام دوستيءَ کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

اهو ته هنن کي اسڪيلر جي واتئون پتو پيو، ته نپولن ڪتا پاليا آهن. هن آچر تي جڏهن ڪتن سنوبال کي ملڪ نيڪالي ڏني، تڏهن نپولن پاڻ به ڪتن متعلق اشارو ڪري ڇڏيو هو. هن تقرير ڪندي چيو هو، ”ساٿيو! سنوبال شرپسند ۽ ملڪ دشمن هو. هن پاڻيءَ گرڙو ٺاهي فارم جي معيشت کي تباهه ڪرڻ ٿي چاهيو. هو مسٽر جونز جو ايجنٽ هو.

توهان ان جو حشر ڏٺو. مان چاهيان ٿو ته ملڪ ۾ وڌيڪ اناج پيدا ڪري خوراڪ جو مسئلو حل ڪيو وڃي. منهنجي سامهون توهان جي ترقي ۽ تعمير آهي. مان ڏسي رهيو آهيان ته عوام جي اڪثريت پاڻيءَ گرڻي جي حق ۾ آهي. مان توهان ڪي راءِ ڏيڻ جي حق کان محروم نه ٿو ڪرڻ چاهيان، تنهنڪري مان پاڻيءَ گرڻي متعلق ريفرينڊم ڪرائيندم. هر جانور کي آزادي سان راءِ ڏيڻ جو حق آهي. جيڪو جانور پاڻيءَ گرڻي جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ گهري ٿو، اهو بيشڪ بنا ڪنهن خوف خطري جي پاڻيءَ گرڻي جي حق ۾ ووٽ ڏئي، پر ان راءِ ڏيڻ کان اڳ ۾ پهريائين هي خيال ضرور رکجو، ته ڪٿي هي ڪتا توهان جي ويجهو نه هجن. هي عوام دوست ڪتا آهن ۽ ڏاڍا خونخوار ڪتا آهن. فارم ۾ امن ۽ امان، ۽ نظم ۽ ضبط رکڻ کي پنهنجو فرض سمجهن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته هي ڪتا پاڻيءَ گرڻي جي حق ۾ راءِ پسند نه ڪن. جهڙيءَ طرح توهان آزاد آهيو، اهڙيءَ طرح مون هنن ڪتن کي به آزادي ڏني آهي، تنهنڪري ووٽ ڏيڻ وقت هنن ڪتن کان خبردار رهجو.”

جانورن سڙٻاٽ ڪيو. ريفرينڊم ٿيو. ووٽ وڌا ويا. ڪتا ويجهوئي پونڪي ۽ گرائي رهيا هئا. سڀني جانورن گڏجي راءِ ڏني ته پاڻيءَ گرڻو نه لڳڻ گهرجي. اسڪيلر نعرو هنيو: ”ڪامريڊ نپولن!“ سڀني جانورن گڏجي رڙيون ڪيون: ”زنده باد، زنده باد.“

جانورن جي دلين ۾ وسوسا پيدا ٿي چڪا هئا، پر نپولن جي تقريرن، اسڪيلر جي پروپيگنڊا ۽ ڪتن جي ڀَوَ کان هو وسوسن کي زبان تي نه آڻيندا هئا. هڪ آچر تي جڏهن سڀ جانور جهنڊي هيٺان جمع ٿي قومي ترانو ڳائي ڪامريڊ نپولن زنده آباد جا نعرا هڻي چڪا، تڏهن نپولن پنهنجي تقرير ۾ انڪشاف ڪيو ته اسان پاڻيءَ گرڻو ۽ ان سان گڏ بجلي پيدا ڪرڻ واري مشين هڻي رهيا آهيون، ڇو ته هي ترقياتي منصوبو عوام





جي معاشي بهتريءَ جي لاءِ ڏاڍو ضروري آهي. جانور حيران ٿي ويا ته سنوبال هي منصوبو پيش ڪيو هو، ته نه صرف نپولن هن جي مخالفت ڪئي هئي پر ڪيس ڪتن ذريعي ملڪ نيڪالي به ڏئي ڇڏي هئي.

نپولن جي خوشامدڙي اسڪيلر به تقرير ڪئي. هن چيو ته پاڻيءَ گرڻي جو منصوبو درحقيقت نپولن سوچيو هو پر سنوبال ٺهيل ٺڪيل منصوبو چورائي عوام سامهون اهڙيءَ طرح پيش ڪيو هو، ڄڻڪ اها سندس دماغ جي تخليق هئي. ڪامريڊ نپولن جيئن ته هڪ ذهين ۽ دورانديش سوئر آهي، تنهنڪري سنوبال کيس جانورن سامهون ذليل ڪرڻ تي گهريو.

ٻئي ڏينهن ئي پاڻيءَ گرڻي جي منصوبي تي عمل شروع ٿي ويو. سڀني جانورن کي ڪم تي لڳايو ويو. هو صبح کان رات جي اونداهي پکڙجڻ تائين محنت مشقت ڪندا هئا. سوئر يا ته آرام ڪندا هئا يا نگراني ڪندا هئا. هاڻي نپولن ۽ اسڪيلر کان سواءِ ڪجه ٻيا سوئر به ٻاهران فارم ۾ اچي ويا هئا جن کي حڪومت ۾ شامل ڪيو ويو هو. سڀني سوئرن کي جسماني ڪم کان معافي مليل هئي، ڇو ته هو سرڪاري سوئر هئا. عوامي جانور سڄو ڏينهن ڪم ۾ لڳا پيا هوندا هئا ۽ سوئر کير، مکڻ، بيدا ۽ صوف ڪائيندا رهندا هئا. جانورن کي اهو ئي پوسو ۽ چارو ملندو رهندو هو.

پهريائين ته کين ڪاڏو وقت تي ملي ويندو هو، پر هاڻي انهن کان ايترو ته ڪم ورتو ويندو هو، جو کين ڪائڻ جي واندڪائي ڪا نه ٿيندي هئي. هو شڪايت نه ڪندا هئا، ڇو ته سرڪاري ڪتا هِتي هُتي گهمندا وتندا هئا.

پاڻيءَ گرڻي جي جاءِ ٺهي رهي هئا ته نپولن مسٽر جونز جي خالي گهر ۾ هليو ويو ۽ سينگاريل ڪمري ۾ رهڻ لڳو. جانورن ٻڌو ته

حيران ٿي ويا، تہ نيپولن چيو هو، تہ سڀ جانور هڪجهڙا آهن، پوءِ هو ڇو واڙي مان نڪري گهر ۾ هليو ويو؟ جانور ان ڳالهہ تي حيران ٿي رهيا هئا تہ هڪ ڏينهن بدڪ جو ڪنهن ڪم سان گهر ۾ وئي، تہ نيپولن ان ئي بستري تي ستل هو، جنهن تي مسٽر جونز سمهندو هو. ڪمري جي ٻاهران ڪتا پهرو ڏئي رهيا هئا. اهي بدڪ کي ڏسي ڀونڪيا تہ بدڪ ڀڄي موٽي آئي.

جانورن سڙٻاٽ ڪيا ۽ سيني ۾ ان ڳالهہ تي بي اطميناني پکڙجي وئي تہ آئين جي سرنامي (دفعہ) چار مطابق ڪو بہ جانور بستري ۾ سمهي نہ ٿو سگهي. ان ۾ ادنیٰ ۽ اعلیٰ جو ڪو بہ ذڪر ڪونهي. ڳالهائڻ جي آزادي تہ سيني کي هئي پر ڪنهن ۾ ايتري همت ڪو نہ هئي جو سنئو سڌو نيپولن کي چئي، تہ هو آئين جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي. اسڪيلر جانورن جي اها سس پس ٻڌي تہ هن ٻن چئن سوئرن کي ملائي، اها پروپيگنڊا ڪئي تہ ڪامريڊ نيپولن عوام جي ڀلي ڪارڻ ايتري تہ دماغي ولوڙ ڪري ٿو ۽ ايترو تہ پريشان ٿو رهي، جو ڪيس آرام جي شديد ضرورت آهي، جيڪڏهن هن جي صحت خراب ٿي وئي تہ اسان انسان جي غلاميءَ ۾ اچي ويندا سون، ان ڪري اسان هن جي مرضيءَ جي خلاف هڪ آرڊيننس نافذ ڪيو آهي، جنهن جي مطابق حڪومت جو سربراهہ سٺي گهر ۾ رهي سگهي ٿو ۽ بستري ۾ سمهي سگهي ٿو. ڪامريڊ نيپولن تہ رضامند نہ هو پر بستري تي چادرون نہ وڇيون ويون آهن پر ڦاٽل پراڻا ڪمبل وڇائي ڪيس راضي ڪيو ويو آهي.

پاڻيءَ گرٽي جي جاءِ تقريباً تيار ٿيڻ تي هئي، جو آنڌي آئي ۽ تيز مينهن اچي لٿو، جنهن ڪري جاءِ ڪري پئي. نيپولن آچر جي ميڙ ۾ سخت لهجي ۾ وسندي چيو تہ هيءَ جاءِ طوفان جي ڪري ڪا نہ ڪِري آهي، پر اها سنوبال جي تخريبي سرگرمين جو نتيجو آهي، هو انتقام وٺڻ





لاءِ ويجهڙ ۾ ئي ڪٽي لڪل آهي. هو رات جو اچي غير ملڪي ايجنٽن جي مدد سان جاءِ ڪيرائي ويو آهي. نيپولن اعلان ڪيو تہ اسان کي خبر پئجي وئي آهي تہ توهان ۾ بہ شر پسند جانور موجود آهن جيڪي غير ملڪي ايجنٽ آهن، مون اهڙن شر پسندن کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيڪو بہ سنوبال کي جيئرو يا مئل پڪڙي ايندو، ان کي ٻہ ٻيدا، اٺ صوف ۽ هڪ ڏينهن جو چارو انعام طور ڏنو ويندو. خوشامدڙي اسڪيلر نعرو هنيو، "ڪامريڊ نيپولن!" جانورن جواب ڏنو: "زنده باد." پر اڄ جي آواز ۾ اڳ جهڙو جوش ۽ جذبو ڪو نہ هو. اهو صرف سوئرن جو آواز هو جيڪو سيني جانورن کان وڌيڪ جوشيلو ۽ ڏاڍو هو.

ٻئي ڏينهن معمول خلاف سيني جانورن کي قومي ٿَلهي چوڌاري گڏ ڪيو ويو. نيپولن اعلان ڪيو تہ اسان فارم جي ڪجھ دشمنن کي ڳولي لڌو آهي. هن ٻن گهوڙن، هڪ گڏهہ، ٽن ٻڪرين ۽ هڪ رڍ جو نالو وٺي، ڪين ميڙ کان ڌار ڪري ٻيهاريو. وري ان بدڪ کي بہ سڏ ڪري انهن سان ٻيهاريو، جنهن نيپولن کي بستري ۾ ستل ڏسي جانورن کي ٻڌايو هو. ان جي سڄاٽپ پهريدار ڪتن ڪئي هئي. نيپولن ميڙ کي خطاب ڪندي چيو، "هي سڀ جانور غير ملڪي ايجنٽ ۽ غدار آهن. مان انهن کي موت جي سزا ڏيان ٿو." هن پنهنجي خونخوار ڪتن کي سڏيو. نيپولن جي اشاري تي ڪتن جانورن تي ڪاهہ ڪري ڏني ۽ ٿوري ئي دير ۾ انهن کي چيري ڦاڙي ڇڏيو.

پاڻيءَ گرٽي جي ڪريل جاءِ جو پنجو ڊوئڻ ۽ جاءِ نئين سر ٺاهڻ لاءِ وري جانورن کي ڪم تي لڳايو ويو. سوئر انهن جي نگراني ڪندا هئا ۽ ڪير، آناءِ صوف ڪائيندا هئا. پهريائين تہ جانور سس پس ڪندا هئا پر هاڻي جيڪو جانور ٻئي جي ڪن ويجهو وات ڪندو هو، تہ سوئر اهڙي غراهٽ ڪڍندا هئا جو هو پنهنجي ساٿي کان ڌار ٿي ٻيهندو هو. آچر جي

ميڙ ۾ نپولن اها ڳالهه زوردار انداز ۾ ڪئي ته توهان ڪي حڪومت تي نڪتي چيني ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي. توهان جي تقرير تي ڪا به بندش ڪانهي. ان سان گڏوگڏ هو پنهنجي خونخوار ڪتن جو به ذڪر ضرور ڪندو هو ۽ چوندو هو ته اهي ايتري قدر ته وفادار آهن جو پنهنجي حڪومت ۽ معاشري خلاف ڪا به ڳالهه ٻڌڻ پسند ڪا نه ڪندا آهن. هي توهان جا دوست آهن.

پوءِ اهو وقت اچي ويو. جو نپولن عوام جي سامهون اچڻ ئي ڇڏي ڏنو. هفتيوار ميڙ ۾ اسڪيلر تقرير ڪندو هو ۽ هر ڳالهه ۾ ڪامريڊ نپولن جي عظمت ۽ برتريءَ جو ذڪر ڪندو هو. ٻيا سوئر ٿلهي تي ويٺا هوندا هئا. ان نسلي (ذاتي) امتياز ڪي جانورن پسند ڪا نه ڪيو، پر هاڻي انهن جي پسند ۽ ناپسند جي ڪا اهميت ئي ڪا نه هئي. ڪتا هر وقت جانورن ۾ موجود رهندا هئا ۽ گهوريندا رهندا هئا. جڏهن چارو ڪائيندي وقت، ڪو ڪتو اچي ويجهو لنگهندو هو، ته جانور چارو ڪائڻ ڇڏي ڏيندا هئا، ڇڙڪ ڪائڻ به شر پسندي ۾ شامل هو. سڀ ڪان وڌيڪ گڏهن کي تڪليف هئي جيڪي هينگڻ چاهيندا هئا پر پنهنجي مرضيءَ سان هينگ به نه ڪري سگهندا هئا. هاڻي نپولن جي حيثيت هڪ آمر واري هئي. مسٽر جونز جو سڄو گهر هن جي قبضي ۾ هو. گهر جي چوڌاري خونخوار ڪتا چوڪيداري ڪندا رهندا هئا. ڪنهن به جانور کي گهر جي ويجهو اچڻ جي اجازت ڪو نه هئي. صرف سوئر اندر وڃي سگهندا هئا. نپولن ڪڏهن ڪڏهن پاڻيءَ گرڻي جي تعمير ڏسڻ يا فارم جو چڪر ڏيڻ نڪرندو هو. پر هاڻي هو اڪيلي نه هوندو هو، ٻه ڪتا اڳيان، ٻه پٺيان، هڪ ساڄي، هڪ کاٻي هوندو هوس. ان جي پٺيان چار سوئر هوندا هئا. ٻه بدڪون ٽران ٽران ڪري عوام کي رستو صاف ڪرڻ لاءِ خبردار ڪنديون هيون. عوام ان کي ڏسي سوچيندو هو ته اهو نپولن ڪيڏانهن ويو، جنهن اسان کي





مساوات ۽ خوشحاليءَ جا خواب ڏيکاريا هئا. هن ته چيو هو ته هن فارم جا مالڪ توهان هوندا، پر هاڻي ته هو انقلاب جي ليڊر کي پري کان ڏسي سگهندا هئا، هن سان ڳالهائي مساوات قائم ڪرڻ جي ڏوهه کان ڊڄندا هئا.

پاڻيءَ گرڻي جي تعمير ٿيندي رهي ۽ برف جو وسڪارو شروع ٿي ويو، ٽنهنڪري فصل ڪو نه پوڪيو ويو. نه پوسو رهيو، نه چارو. پهرين فصل جو اَنُ ختم ٿي رهيو هو. جيڪو بچيو هو، اهو سوئر گهر ۾ ڪٽي ويا ۽ راشن سسٽم نافذ ڪري ڇڏيائون. صورتحال ڏکر جهڙي ٿي وئي. جانور بکون ڪٽڻ لڳا. اسڪيلر پروپيگنڊا ڪرڻ شروع ڪري ڏني ته ملڪ ۾ ڪو به ڏڪر ڪونهي. گدام اَنَ سان ڀريل آهن. هڪ ڏينهن سيني جانورن کي اَنَ جا گدام ڏيکاريا ويا جيڪي فرش کان ڇت تائين اناج جي ٻورين سان ڀريل هئا. جانور ڏاڍا خوش ٿيا ته هي اَنُ ته ڏهن سالن لاءِ ڪافي آهي، پر انهن ٻورين ۾ سوئرن واري ڀري رکي هئي. ڳئن، مينهن جو کير ۽ بدڪن ۽ ڪڪڙين جا بيدا گم ٿيندا رهيا. ڪنهن جانور ۾ ايتري همت ڪا نه هئي جو ڪنهن شيءِ جو مطالبو ڪري. فارم جي هاڻي قيدخاني واري حيثيت ٿي وئي هئي.

هڪ ڏينهن جانورن ۾ اها خبر پکڙجي وئي ته نپولن شراب پيئڻ شروع ڪيو آهي. مسٽر جونز ۽ سندس نوڪر ڪيترو ئي شراب ڇڏي ويا هئا جيڪو هاڻي نپولن پيئڻ لڳو هو. جانورن ۾ بيچيني پکڙجي وئي. ڪجهه جانورن فارم جي دروازي تي ٽنگيل آئين جو نقل پڙهيو، جنهن تي شروع ۾ لکيو ويو هو ته ڪو به جانور شراب پي نه ٿو سگهي. هاڻي ان سرنامي (دفعه) آڏو هيءَ واڌ ڪيل هئي ته ڪو به جانور گهڻو شراب پي نه ٿو سگهي. اسڪيلر ۽ ٻين سوئرن اها پروپيگنڊا ڪئي ته نپولن ايترو ته گهڻو ڪم ٿو ڪري ۽ سوچي ٿو جو هن جو تنتي سرشتو تباهه ٿي ويو

آهي. هن کي ڊاڪٽرن مشورو ڏنو آهي ته شراب پي يا ڪم ڪرڻ ڇڏ. ڪامريڊ نيپولن عوام جي فلاح ۽ بهبود، آزاديءَ ۽ ترقيءَ خاطر ڪم ڇڏڻ پسند نه ٿو ڪري تنهنڪري هن ٿورو شراب پيئڻ شروع ڪيو آهي. جنهن جي حيثيت رڳو دوا جهڙي آهي.

ڪجه ڏينهن کان پوءِ هفتيوار گڏجاڻي به ختم ڪئي وئي ۽ اهو حڪم نافذ ڪيو ويو ته جانور سواءِ ڪنهن ڪم جي ڪٿي به گڏ ٿي نه ٿا سگهن. قومي ترانو به بند ٿي ويو ۽ هاڻي صرف هڪڙو نعرو رهجي ويو: "ڪامريڊ نيپولن برحق آهي." سوئر ۽ ڪتا هر ڪنهن کي صرف اهو ئي نعرو ياد ڪرائي رهيا هئا. جانورن جي دماغ کي بک، چپ، محنت ۽ مشقت سان ايترو ته بيڪار ڪيو ويو جو هو پنهنجي حقن ۽ معاشري ۾ پنهنجي حيثيت ئي پلجي ويا. ان وچ ۾ جانورن جا جيڪي ٻار پيدا ٿيا، اهي ان قسم جي زندگي کي صحيح سمجهڻ لڳا. انهن کي ٻاهرينءَ دنيا جي ته هوا به ڪا نه لڳي هئي. انهن کي خبر ئي ڪا نه هئي ته فارم جي ڇهنبدار تارن پنيان جانور آزاديءَ جا ٽينگ ٽپا ڏيندا ٿا وتن. جڏهن پري ڪٿي ڪو گڏهه هينگ ڪندو هو ته فارم جي گڏهن جا ٻار ماءُ پيءُ کان پڇندا هئا ته اهو ڪهڙو آواز آهي. ٻيا گڏهه منديءَ هيٺ ڪري ڇڏيندا هئا. انهن کي هينگ ڪرڻ جي اجازت ڪا نه هئي. هنن جا ٻار پنهنجي آواز کان به ناواقف هئا.

نيپولن پورو مهينو عوام جي نظر کان گم رهيو. پر هن جي آمراڻي موجودگي سڀ جانور محسوس ڪندا هئا. اسڪيلر ۽ ٻيا سوئر ۽ ڪتا جانورن ۾ گهمندا رهندا هئا. هو جيڪا به ڳالهه ڪندا هئا اها نيپولن جي نالي سان شروع ٿيندي هئي. مثال طور، ڪامريڊ نيپولن جي برڪت سان برف جلدي رڪجي وئي، ڪامريڊ نيپولن جي ڪرم سان فصل چڱو





ٿيندو، ڪامريڊ نيپولن جي رحمت سان پاڻيءَ گرٽي جو ڪم جلد ئي مڪمل ٿيندو، ڪامريڊ جي فضل سان طوفان چڱي تباهي نه ڏني.

جانورن جا ٻار رڳو ڪامريڊ کي ئي دنيا جو بادشاهه ۽ ڪين روزي پهچائيندڙ ڪري سمجهندا هئا. چاڪاڻ ته هو هر ڳالهه ۾ نيپولن جو نالو ٻڌندا هئا. ايتري تائين جو نئون قومي ترانو پيش ڪيو ويو جنهن جو هر مصرع ڪامريڊ نيپولن جي نالي سان شروع ٿيندو هو.

آخر پاڻيءَ گرٽي جي عمارت مڪمل ٿي وئي. جانورن بکون ڪاٽي پنهنجي مدد پاڻ جي اصول مطابق هي ڪم پايهءِ تڪميل تي پهچايو. هڪ تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ نيپولن ڪتن جي پهري هيٺ سوئرن جي جلوس ۾ آيو ۽ جانورن کي هيئن مخاطب ٿيو. "ساٿيو! توهان بکيا رهو، بدحال رهو، محنت ۽ مشقت ڪري ساٽا ٿي پئو، پر توهان کي هي فخر حاصل آهي ته توهان آزاد آهيو ۽ هي فارم توهان جو آهي. آزادي وڏيون قربانيون ٿي گهري. توهان قربانيون ڏيندا وڃو ۽ آزاد رهو."

اسڪيلر ڪامريڊ نيپولن جو "نعرو" لڳايو ۽ ۽ جانورن خالي پيٽ تي هٿ رکي "زنده آباد" چيو. سيئي سوئر ڪير ۽ آنا ڪائي بکايل جانورن کي آزاديءَ لاءِ قربانيون ڏيڻ جي تلقين ڪندا رهيا. هو گهڙي گهڙي ڪامريڊ نيپولن جو نعرو لڳائي رهيا هئا. هينئر ته جانورن جي وات منجهان "زنده آباد" ڏاڍي مشڪل سان نڪري رهيو هو، پر هو مجبور هئا، خونخوار ڪتا سندن پرسان بيٺا غراهٽون ڪري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن هڪ گهوڙو بيمار ٿي پيو. ان جو ڪو علاج ڪو نه ڪيو ويو. ٻاهران هڪ گاڏي آئي جنهن مان چند ماڻهو لٿا ۽ اهي گهوڙي کي گاڏيءَ ۾ وجهي ڪٽي ويا. جانورن سوئرن کان پڇيو ته سندن ساٿي کي ڪيڏانهن موڪليو ويو. کين جواب مليو ته کيس اسپتال موڪليو ويو آهي. هڪ گهوڙي چيو ته گاڏيءَ تي ته هي لکيل هو ته "ايلفرڊ، ڪلن ۽

چمڙي جو واپاري". پرسان ٿي هڪ ڪتي اهو بيني پڌو، هو غراهٽ ڪندي ڳهوڙي ڏانهن وڌيو، ته ڳهوڙي ڪلي چيس، "مان غلط پڙهيو، در اصل اها اسپتال جي ٿي گاڏي هئي."

جڏهن سيئي جانور ذهني طور مفلوج ٿي ويا ته سڀ سوئر گهر ۾ منتقل ٿي ويا ۽ معاشرو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. سوئر اعلىٰ نسل ٿي ويا ۽ باقي جانور عوام ۽ غلام. انهن غلامن کي گهر اندر ٿيندڙ ڳالهيون ڪنهن نه ڪنهن طرح معلوم ٿي ويندڙيون هيون. ڪين خبر پئي ته سوئرن ٻاهرين انسانن سان ناتا جوڙي ڇڏيا آهن. فارم جو ڪير، آنا، چوزا ۽ ٻاهران شراب گهرائي پيئندا آهن. جانور فارم جي دروازي وٽ آيا، جيئن ڏسي سگهن ته آئين ۾ هينئر ڪهڙي ترميم ٿي آهي، پر هنن ڏٺو ته اتان آئين جو نقل لٿل هو ۽ ان جي بدران لکيل هو: "نپولن فارم، ڪامريڊ نپولن زنده باد!"

جانورن کي آزاديءَ کان اڳ وارو دَور ياد آيو. سارو ڏينهن ڪم ڪري، پيٽ پري چارو ڪائيندا هئا ۽ رات جو آرام سان ننڊ ڪندا هئا. سندن ٻار آسانيءَ سان پڇندا، ٻوڙندا ۽ رانديون ڪندا هئا. هينئر ٻدڪن ۽ ڪڪڙين کي پنهنجا چوزا به نظر ڪو نه ايندا هئا. جانورن کي هيءَ خبر هئي ته سوئرن ڪنهن ويجهي فارم جي مالڪن سان رابطو قائم ڪيو آهي. هن جا مالڪ انسان هئا. اهي انسان رات جو سوئرن جي گهر ايندا هئا ۽ شراب پيئندا هئا. پر ڇا به هجي، هينئر جانور ڪجه به ڪجي نه ٿي سگهيا. ڪين رڳو ٻڌڻ جي اجازت هئي ۽ سو به اهي ڳالهيون، جيڪي گهر مان جاري ڪيل هجن.

هڪ ڏينهن جانورن هڪ عجيب منظر ڏٺو. سوئر ٻن ٽنگن تي هلي رهيا هئا. پوءِ نپولن کي به ٻن ٽنگن تي هلندي ڏٺو ويو. هو پوين ٻن ٽنگن تي هلي رهيا هئا ۽ اڳيون ٽنگون انسانن جي ٻانهن وانگر لوڏي





رهيا هئا. جانورن وري هي به ڏٺو ته سوئرن ڪوٽ ۽ پتلون پائڻ شروع ڪئي، هٿ ۾ هنٽر ڪٽي جانورن کي هڪلڻ لڳا.

هڪ رات جو گهر ۾ ايترو گوڙ گمسان ٿيو، جو جانور ڊڄي ويا. هو سمجهي نه سگهيا ته ڇا ٿي رهيو آهي. ڪجه هن خيال کان ڊڄي ويا، ته مسٽر جونز وري حملو ڪري ڏٺو آهي ۽ ڪجه وري خوش ٿيا ته مسٽر جونز واپس اچي ويو. پر هڪ گولي نه هلي ۽ نه وري جانورن کي مقابلي لاءِ سڏيو ويو. گوڙ وڌندو پئي ويو. جانورن هاڻي ٿڪ به ٻڌڻ شروع ڪيا ۽ ٿڪن سان گڏ سوئرن جو آواز به اچي رهيو هو. جانورن کي صبر نه آيو. منجهن ايتري همت ڪا نه هئي جو وڃي ڏسن ته ڪهڙي ڳالهه آهي، پر وري به ٻه ڳهوڙا ۽ ٻه ڍڳا تيار ٿيا. هو آهستي آهستي گهر جي ديوارن تائين پهتا. هنن اندر ليئو پاتو. ڏهه ٻارنهن سوئر سوٽ پائي ۽ ڏهه ٻارنهن انسان شراب پي رهيا هئا. خبر ناهي هو ڪيتري وقت کان پِي رهيا هئا ۽ بنا ڪنهن سبب ٿڪ ڏيئي رهيا هئا.

هو اڃا تائين پي رهيا هئا. انسانن جون اکيون ۽ مُنهن ڳاڙها ٿي ويا هئا. سوئر به پيئندا پئي ويا. بدمست ٿي پهريائين ته هو نچڻ لڳا ۽ پوءِ پاڻ ۾ وڙهي پيا. دريءَ جي ٻاهران بيٺل ڳهوڙا ۽ ڍڳا ڏسي رهيا هئا. اندر منظر اهڙو هيو ته انسان ۽ سوئر بدمستيءَ ۾ نچي به رهيا هئا ۽ وڙهي به رهيا هئا ۽ تميز ڪرڻ ڏکي هئي، ته انهن ۾ انسان ڪهڙو آهي ۽ سوئر ڪهڙو! ايتري ۾ پهريدار ڪتا گهر جي ٻاهران ڀونڪيا. ڳهوڙا ۽ ڍڳا وٺي ڀڳا ۽ سڌو پنهنجي طبيلي ۾ پهتا ۽ پنهنجو وات سڀي ڇڏيائون. گهر ۾ اندر گوڙ وڌنڌو رهيو. شراب سوئر ۽ انسان کي هڪ ڪري ڇڏيو هو.

***